# فهرست


| | |
|---|---|
| ناشر پاران | 4 |
| مُهاڳ | 5 |
| اسان جي اڻ ڳالهايل زبان | 7 |
| ٻولي ۽ آواز | 17 |
| ٻولي ۽ ٻار | 36 |
| ٻولي ۽ ڪلچر | 51 |
| ٻوليءَ جو ٻٽو سرشتو(Bilingualism) | 65 |
| سماجياتي لسانيات | 80 |
| لسانيات ۽ جديد نظريا | 101 |
| سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪردار | 126 |






## ناشر پاران:

مرحوم ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سنڌي ٻوليءَ ۾ سماجي لسانيات (Socio-Linguistics) جي موضوع تي پهريون پي ايچ . ڊي ڪندڙ محقق، عالم ۽ اعليٰ درجي جو نقاد هو. سندس ٿيسز جو عنوان ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ هو ۽ اهو هڪ تمام اهم ۽ منفرد مقالو هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ تحقيق جا نوان رخ ڏنا ۽ نيون روايتون وڌيون. ان مقالي کان سواءِ به هن تمام اهم موضوعن تي مقالا ۽ مضمون لکيا، جن مان ڪيترا ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿي چڪا آهن.

اداري طرفان ڇپجندڙ سنڌي ٻوليءَ بابت اهم موضوعن تي لکيل مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل سلسلي جو هيءُ ٽيون ڪتاب آهي. جيڪو لسانيات، سماجي لسانيات، ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي موضوع جو احاطو ڪري ٿو ۽ سنڌيءَ ۾ انهن موضوعن تي ڇپيل اهم ڪتابن مان هڪ ثابت ٿيندو. اميد ته اهو نه صرف علمي ادبي ذوق رکندڙ عام پڙهندڙن کي پسند ايندو پر ٻوليءَ خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙن، ٻوليءَ جي استادن ۽ شاگردن لاءِ پڻ تمام ڪارائتو ثابت ٿيندو.

11 جون 2008ع

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن

## مهاڳ

### قوم تي زنده رهي پر جي زبان زنده هجي

دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ هر خطي جي مادري زبان جي ترقي ۽ ڦهلاءَ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي ۽ هر مادري زبان کي زنده رهڻ جا وسيلا مهيا ڪري ڏنا ويندا آهن، جيئن انهن خطن جي قومن جي مجموعي ذهني تشڪيل پنهنجي ماضيءَ کان ويندي حال تائين مجموعي تي سگهي.

سنڌي ٻولي پنهنجي قدامت ۽ تاريخي ورثي کي سانڍيندي پنهنجي علمي، ادبي، لغوي ۽ تهذيبي سرمايي جي لحاظ کان ملڪ جي سمورن خطن جي مادري ٻولين کان نہ صرف قديم ۽ تاريخي ٻولي آهي، پر پختي، جاندار ۽ منفرد بہ آهي تہ شاهوڪار بہ آهي. جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ ناسازگار حالتون بہ ڏٺيون آهن. ان جي باوجود اها اڄ بہ قائم ۽ دائم آهي ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ سنڌ جا اديب، شاعر، عالم، محقق ۽ سڄاڻ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا.

اهو چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي مقابلي ۾ پنجابي، ملتاني، سرائڪي، براهوي، پشتو، بلوچي، گجراتي ۽ ڪڇي ٻولين ڦني توڙي علمي حوالي سان ايتريون مالا مال نہ آهن، انهن وٽ سنڌي ادب جيترو نہ ڪو ذخيرو آهي نہ ئي ڪو رڪارڊ. اها بہ حقيقت آهي تہ خود اردو زبان بہ سنڌي ٻوليءَ جي مقابلي ۾ نئين ڄاول آهي ۽ ان جي لفظن جو ذخيرو بہ تمام گهٽ آهي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻو، محقق، نقاد ۽ عالم هو. هن پنهنجي علمي ۽ تحقيقي ڪاوشن ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود اهڙا خال پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي اڄ تائين ائين ئي رهندا





پئي آيا. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي هن ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون(جلد ٽيون)“ ۾ شامل مضمون ۽ مقالا مواد ۽ تحقيق جي حوالي سان شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. هن ڪتاب ۾ ٻوهيي صاحب جو مقالو ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪردار“ بہ شامل آهي، جنهن جي ان وقت ڇپجڻ کان پوءِ سنڌ جي ناميارن محقق ۽ اديب ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ عبدالحئي چانڊيي ڪيس ان موضوع تي پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ اتساهيو. هونئن بہ ڊاڪٽر ٻوهيو صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ ٻوليءَ جي هڪ وڏي ڄاڻو، عالم،محقق ۽ نقاد جي نگاهہ سان سنڌي ٻوليءَ کي ڏسندو رهيو هو. ٻوليءَ جي ترقي، ٻوليءَ جي مختلف حوالن سان اهميت، ڦهلاءَ ۽ ٻوليءَ جي بگاڙ کان بچاءَ جي حوالي سان هُو سدائين فڪرمند رهيو، جيڪا ڳالهہ هنن مقالن ۽ مضمونن مان بہ ظاهر ٿئي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، واڌاري ۽ بهتريءَ لاءِ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي صاحب جي علمي جدوجهد، سائنسي تحقيق ۽ جاکوڙ کي موجوده توڙي ايندڙ نسل ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو. مان سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن ٿورڙي وقت ۾ هن ڪتاب جي ڇپائيءَ کي يقيني بڻايو. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي اهڙين ڪوششن کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

11جون 2008ع

**آزاد انور ڪانڌڙو_ ميهڙ**
0306_8577522

## اسان جي اڻ ڳالهايل زبان

**(1) ٻولي ۽ اڻ ڳالهايل ٻولي:**

انهيءَ سوال تہ ”ٻولي ڇاکي چئجي؟“ جو جواب ٻن طريقن سان ڏئي ٿو

سگهجي. پهريون هي تہ ”ٻولي لفظن جي اُها صورت آهي، جنهن کي ڳالهائڻ وارن عضون پيدا ڪيو آهي، ٻڌڻ وارن عضون (ڪنن) سڻو آهي“ ۽ ٻيو هي تہ ”ٻولي چئبو آهي مطلب معنيٰ ۽ خيال کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچائڻ واري وسيلي کي.“

پهرئين جواب ۾ ڏنو ويندو تہ معلوم ٿيندو تہ ٻوليءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ اها آوازن تي ٻڌل هجي ۽ ٻيو تہ اُهي آواز اهڙا هجن جو انسان جا ڪَن انهن کي ٻڌن. هن جواب ۾ جا ڳالهہ رهجي وئي آهي سا اها آهي تہ هن ۾ ڳالهائڻ، اچارڻ يا ٻڌڻ جو اصل مقصد خيال ۾ ئي نہ آندو ويو آهي. ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جو مقصد آهي ئي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ. ۽ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو ڪم رڳو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن اچارن، آوازن يا لفظن کي ڪا معنيٰ هوندي. ڍڳي جي رنڀ ۽ ٻڪر جي ٻيڪاٽ ۾ بہ ڪي لفظي صورتون، اچار ۽ پَد آهن ۽ انهن کي بہ ٻڌڻ وارا ڪَنَ ٻڌي ٿا سگهن. پر پلا ائين چئجي ٿو تہ ڍڳن جي بہ هڪ زبان آهي ۽ ٻڪر بہ ڪا ٻولي ٿا ڳالهائن؟ بيشڪ ڍڳن ۽ ٻڪرن جي معاشرن ۾ انهن آوازن ۽ اُچارن کي ڪا معنيٰ هوندي، پر انساني معاشري ۾ انهن آوازن ۽ اُچارن کي ”ٻولي“ چئي نٿو سگهجي اسان تہ ٻولي انهيءَ ٻوليءَ کي ٿا سڏيون جيڪا ماڻهو ڳالهائيندا هجن.

ٻئي جواب ۾ زور ڏنو ويو آهي ”معنيٰ“ تي_ هن جواب ۾ بہ ٻن ڳالهين طرف ڌيان ڇڪايو ويو آهي. پهريون هيءَ تہ ٻولي لفظن جي اُها صورت آهي جنهن ۾ ڪانہ ڪا ”معنيٰ“ موجود هجي، ۽ ٻي هيءَ تہ اُها معنيٰ جيڪا لفظن ۾ يا لفظي صورتن ۾ موجود آهي، سا پنڌ ڪندي رهندي هجي. يعني هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچي سگهي_ لفظن جي اُها معنيٰ جا رڳو هڪڙي هنڌ سمجهي ٿي سگهجي، يا جنهن کي رڳو ڪي ٿورڙا ماڻهو سمجهي ٿا سگهن، سا ٻولي سڏائي نٿي سگهي_ ان ڪري سماج ۽ زمين جو تصور بہ ٻوليءَ جي تصور سان گڏوگڏ رهندو آيو آهي_ هينئر اسان ڪنهن سماج ۽ ڪنهن زمين جي تصور کان سواءِ ڪنهن ٻوليءَ جو تصور نٿا ڪري سگهون. اهوئي سبب آهي جو اسان چوندا آهيون تہ ٻوليون مرنديون بہ آهن ۽ ٻوليون ڄمنديون بہ آهن.

زبان جو هي ٻيو نظريو هاڻوڪو آهي ۽ ان جو تصور سائنسي طريقي سان سوچڻ بعد ڏنو ويو آهي.

هي نظريو زبان جي بنياد، تاريخ ۽ اوسر جي نظرين جي پٺڀرائي بہ ڪري ٿو.





پهرئين ۽ ٻئي خيال جي وچ ۾ جيڪو اختلاف آهي، اُهو بہ بنيادي، نظرياتي يا اصولي آهي، ڪي ٿا چون تہ زبان جي شروعات آوازن پيدا ڪرڻ سان ٿي، ان ڪري ترقي يا اوسر بہ انهن ئي آوازن جي ٿي، ان ڪري بنيادي ڳالهہ چونہ آوازن کي سمجهيو وڃي. ٻيا ٿا چون تہ ٻوليءَ جي شروعات ڪير ٿو چوي تہ آوازن پيدا ڪرڻ سان ٿي هئي. ٻوليءَ جي شروعات تہ اشارن ڏيڻ سان ٿي هئي ۽ اڄ تائين بہ اُهي اشارا ئي آهن، جيڪي ٻوليءَ جو منڍ ۽ اصل بنيا بيٺا آهن. اسان جڏهن ڪا ڳالهہ زبان سان چڱيءَ ريت سمجهائي نہ سگهندا آهيون، تڏهن هٿن، اکين، ڀِرُن ۽ چَپَن کان ڪم وٺندا آهيون، پوءِ چونہ اشارن کي ئي زبان جو بُڻ بنياد سمجهيو وَڃي. باقي رهيو سوال آوازن پيدا ڪرڻ جو، سو اها هڪ رسم آهي جا انسانن، پکين ۽ جانورن جي ماحول سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ سان حاصل ڪري ورتي آهي. هنن صاحبن جو هڪ ڳورو دليل هي آهي تہ اَنسان جڏهن منڍ منڍ ۾ پنهنجا عضوا ڪم آڻڻ سکندو هوندو، تڏهن هُن سڀ کان اڳي اهو عضوو استعمال ڪيو هوندو، جيڪو وڌيڪ طاقتور هوندو يا اُهو جيڪو وڌيڪ ڪمزور هوندو. هاڻي جڏهن تہ ”اظهار“ انسان جي بنيادي ضرورت آهي ۽ جڏهن تہ گلي جو اُهو حصو جيڪو آواز پيدا ٿو ڪري، ٻين عضون کان گهٽ طاقتور آهي، تنهن ڪري آواز پيدا ڪرڻ ”اظهار“ جو پهريون وسيلو ٿي نٿو سگهي. هن منزل تي پڇي ٿو سگهجي تہ پوءِ آخر ماڻهن جي پهرين زبان ڪي ڇا ٿيو جو ترقي نہ ڪيائين ۽ ٻيءَ زبان کي آخر ڪهڙا پَرَ لڳا جو تهذيب واري زماني جي تمام اهم شئي بڻجي وئي. هن اعتراض جو جواب هي آهي تہ ماڻهوءَ جي ترقيءَ جو راز ئي انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي تہ هو جدا جدا عضون کان، جدا جدا ڪم وٺي ۽ هن ۾ بہ تہ انسان هڪ عضوي کان گهڻا ڪم وٺي.

جڏهن هٿن ۽ ٻين طاقتور عضون کي گهڻا ڪم مليا، ۽ جدا جدا ڪم مليا، تڏهن انهن جا ڪي ڪم ٻين عضون کان بہ ورتا ويا، تان جو زبان بہ چُراڻ لڳي ۽ چَپ بہ هلڻ لڳا ۽ آخرڪار گلي جهڙي نازڪ عضوي بہ پنهنجو ڪم سنڀاليو. ايتري ۾ انسان کي ٻُڌڻ جي تجربي مان اهو سبق حاصل ٿيو تہ گلو، زبان ۽ چَپ ملي نہ رڳو اظهار جو ڪم ڏيئي ٿا سگهن، پر ان مان جيڪو آواز پيدا ٿو ٿئي اُهو راحت بہ بخشي ٿو. وري پکين جي پُڪارن ۽ جانورن جي آوازن بہ هن ڳالهہ کي ٽيڪو ڏنو. هڪڙي ٻي ڳالهہ جا مددگار ثابت ٿي سا اها آهي تہ گلي، چپَن ۽ زبان کان اظهار جي ڪم وٺڻ سان انسان هڪ ئي وقت گهڻا ڪم ڪري ٿي سگهيو، چوتہ اشارن کان واندڪائي

وٺي انسان جا عضوا ٻيا ڪم بہ ڪري ٿي سگھيا. هڪ هيءَ ڳالهہ بہ ضرور سمجھڻ گھرجي تہ اشارن واري اظهار ڪي سمجھڻ لاءِ ڏسڻ تمام ضروري هو، پر آواز وارو اظهار بنا ڏسڻ جي بہ سمجھہ ۾ اچي ٿي سگھيو، جيئن سَڏ يا ڏاڍيان ڳالهائڻ جي حالت ۾ ٿيندو آهي. انسان بنيادي طور تي سهل پسند آهي، ان ڪري هَن اظهار جي لاءِ پويون طريقو وڌيڪ استعمال ڪيو، تان جو ٻوليون ٺهي پيون. وري لکڻ ۽ پڙهڻ وارن طريقن تہ ٻنهي اظهار جي هن وسيلي کي وڌي طاقت وٺي ڏني. پر تنهن هوندي بہ ڪمال انهيءَ ”زبان“ جو چئبو، جا اهڙين سهولتن نہ هوندي بہ جيئري جاڳندي هلندي آئي آهي ۽ اڄ بہ ان کي ڳالهائڻ وارا ۽ سمجھڻ وارا ٻيئي موجود آهن. مان سمجھان ٿو تہ هيءَ ڳالهہ تعجب جهڙي نہ آهي، ڇوتہ اشارن واري ٻولي ماڻهوءَ جي بنيادي ٻولي آهي ۽ ماڻهوءَ کي پنهنجي بنيادي ڳالهہ سان هرحال ۾ سچو رهڻو آهي، جهڙيءَ طرح ٻين زبانن لاءِ جدا جدا معاشرا هڪ ميدان ٺاهي بيٺا آهن، تهڙيءَ طرح اڻ ڳالهايل زبان جي لاءِ پوري انسانذات هڪ معاشري جهڙي آهي. هيءَ زبان ان ڪري انسانذات کي هڪڙي ئي ڀائيچاري ۾ ڳنڍڻ ۽ هڪ ئي خاندان جي صورت وٺائڻ ۾ بہ مددگار ثابت ٿي آهي. هيءَ ٻولي هڪڙي ئي وقت تي فن جي زبان بہ تہ ان سان گڏ سائنس جي بہ زبان آهي. هيءَ زبان، اوپيرا، بيلي، جهمر، هنبوڇي ۽ ناچ جي زبان بہ آهي تہ فوجي معاملن ۾ بہ ڪم ٿي اچي (سگنلن جِي وسيلي). هن زبان جي مدد سان اسڪائوٽ تحريڪ وارا پنهنجو ڪم هلائيندا آهن. هيءَ زبان سائيءَ ۽ ڳاڙهيءَ جهنڊيءَ جي زبان آهي. اڄ وڃ ڪي ضابطي ۾ رکڻ جو ڪم بہ هن زبان جي وسيلي ڪري ٿو سگھجي، ان ڪري اشارن جو مطلب بہ ڪشادو ٿيندو ٿو وڃي. اڳي اشارا رڳو عضون سان ڪيا ويندا هئا، پر هاڻي رنگن ۽ روشنين سان بہ اشارا ڪري ٿا سگھجن.

(2) ٻہ– ٽي ڪارائتا مثال:

مٿي اشارو ڪيو اٿم تہ اڻ ڳالهايل زبان پهرين ۽ آخري زبان آهي انسانذات جي. اڻ ڳالهايل ٻولي ڳالهايل ٻوليءَ سان لڳولڳ پر جدا جدا رستي تي ترقي ڪندي رهي آهي. هٿ سان سلام ڪرڻ وارو طريقو بهرحال آجيان ۽ آڌرڀاءُ جي مطلب سان گھڻو ڪري دنيا جي سڀني ملڪن ۾ اڄ بہ چالو آهي. اهڙيءَ طرح ننهنڪر ۽ هائوڪر جا اشارا بہ بنيادي اشارا آهن. اُها ڳالهہ ٻي آهي تہ هنن اشارن جي ادائگيءَ ۾ هن وقت طريقا ٿورو گھڻو ٻيا ٻيا ۽ نرالا آهن، پر مطلب ۽ معنيٰ وري سڀني طريقن ۾ هڪجهڙا آهن. هاڻي جڏهن تہ ”معنيٰ“ واري ڳالهہ کي زبان جو اصل سمجھي رهيا آهيون، ان





ڪري اسان کي جدا جدا طريقن جي ڪري مونجهارو محسوس ڪرڻ نہ گھرجي. پراڻي يونان ۾ ”ڪنڌ هيٺ پرو ڏوڻڻ“ وارو اشارو هائوڪر جو مطلب ڏيندو هو، تہ اسان وٽ هن اشاري ۾ ڪنڌ هيٺ ڪرڻ سان گڏ ڪنڌ مٿي ڪرڻ بہ شامل ٿي ويو آهي. غور سان ڏسبو تہ بنيادي اشاري ۾ هيءَ ڦيرگھير ڪا خاص ۽ اهم ڦيرگھير نہ آهي، اهڙيءَ طرح هٿ جي اشاري سان سڏ ڪرڻ ۽ تڙي ڪڍڻ وارو اشارو بہ ٿوري گھڻي فرق سان دنيا جي ڳچ جيترين قومن ۾ ساڳئي نموني ۾ موجود آهي. ٻيا جيڪي عام اشارا آهن، سي آهن ٻُڪ ٺاهي ڇپن تائين آڻڻ. يعني پاڻي گھرڻ ۽ هٿ جي آڱرين کي ڪاڏيءَ تي رکي ڏاڙهيءَ جو اشارو ٺاهڻ يعني مرد جو مطلب ڏيڻ.

(3) **نثر ۽ نظم جي زبان ۾:**

جهڙيءَ ريت آوازن واري ٻوليءَ ۾ نثر ۽ نظم جو فرق محسوس ڪيو ٿو وڃي، تهڙيءَ طرح اشارن واري ٻوليءَ ۾ بہ نثر جي زبان هڪ آهي تہ نظم جي ٻي آهي. نثر واري زبان اُها آهي، جنهن ۾ لطيف انساني جذبن جو اظهار نہ ڪبو آهي. زبان جو هي حصو چند رسمي، بنيادي ۽ پڪن پختن خيالن جو اظهار ٿو ڪري. هن ڏس ۾ هائوڪر، ننهڪر، سڏ ۽ اجازت وٺڻ جا اشارا اچي ٿا وڃن. پر نظم واري زبان اُها آهي جنهن ۾ لطيف جذبن جو اظهار ڪري ٿو سگھجي، ان ڪري هيءَ زبان ناچ، جهمر ۽ هنبوڇيءَ يا اوپيرا ۽ بيلي جي زبان آهي، ڇاڪاڻ تہ هن زبان جي سڌي سنئين اپيل انسان جي جمالياتي حس کي آهي، ان ڪري ائين بہ چئي ٿو سگھجي تہ اڻ ڳالهايل زبان ۾ بہ شاعري ڪري ٿي سگھجي. سنڌي ڳالهائڻ وارن وٽ ڇميءَ، ميڇ ۽ ڇهنبڙيءَ جا اشارا بہ لطيف جذبات جو اظهار ڪندا آهن.

مانائنو ماريو پي Mr: Mariopie صاحب پنهنجي ڪتاب The Story of Language ۾ ڏيکاريو آهي تہ رڳو ايسٽ انڊيز جي ماڻهن وٽ محبت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻہ سَوَ اشارا موجود آهن.

(4) **اڻ ڳالهايل زبان جا قسم:**

مانائني ماريو پيءَ پنهنجي ڪتاب ”ٻوليءَ جي آکاڻيءَ“ ۾ اڻ ڳالهايل زبان جا ٽي قسم ڏيکاريا آهن: هڪڙو قسم تہ اُهو آهي جنهن کي مون هيسيتائين اشارن واري زبان پئي ڪوٺيو آهي. ان جو ذڪر مٿي چڱو خاصو آيو آهي. باقي ٻن قسمن مان پهريون قسم آهي اُها زبان، جا ڳالهايل زبان کي ويجهو هجي، ۽ ٻيو آهي اُها زبان جا لکيل زبان کي ويجهو هجي.

سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارا جڏهن سواءِ چپن چورڻ ۽ زبان هلائڻ جي "هون" جو آواز ٿا پيدا ڪن، تڏهن ان مان مطلب اهڙو ٿئي ٿو نڪري جهڙو "هائو" جو ۽ ان "هون" جو اچار به "هائو" جي اچار جي ويجهو اچي ٿو وڃي. اهڙيءَ طرح ساڳي "هون" جو ۽ "ڳِٽِ" جو مطلب نهنڪر آهي، ۽ ان جو آواز به "نه" جي ويجهو آهي. تنهن کان سواءِ بين، الغوزي يا مرليءَ ۾ آوازن ڪڍڻ سان اسان زبان ۾ ڳالهايل لفظن جي لڳ ڀڳ آواز ڪڍندا آهيون. اهوئي سبب آهي جو الغوزي ۾ "پيرين پوندي سان" يا "ڪانگل ادا ڪٽي وڃ" واريون ڪافيون اسان الغوزي جي آواز پٽيان ڳائي به سگهندا آهيون. پر پڌرو آهي ته بين مان اُهي نڪتل آواز ٻولي ڪوٺجي نٿا سگهن. ڇوته ٻولي ته فقط انهن آوازن جي آڌار تي ٺهي آهي، جيڪي ڳلي، چپن ۽ زبان جي مدد سان ڪڍي سگهجن. ههڙي قسم جي اڻ ڳالهايل زبان ڳالهايل زبان جي ويجهو آهي.

ٻئي درجي ۾ اُهو نمونو آهي جو لکيل زبان جي ويجهو هجي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته اهڙي قسم جي اڻ ڳالهايل زبان پاڻ لکيل زبان کي ترقي ڏني آهي. هن نموني ۾ اسان آڳاٽي زماني ۾ پٿرن تي اُڪريل مورتن، لفظن ۽ حرفن جي نشانن کي شامل ڪري ٿا سگهون. هنن سيني ۾ هڪڙو مطلب ۽ هڪ معنيٰ موجود آهي جا ڏسندڙ تائين پهچائي وئي آهي ۽ پهچائي سگهجي ٿي.

**(5) اڻ ڳالهايل زبان جو ڪارج:**

اڻ ڳالهايل زبان جي باب ۾ ٽي ڳالهيون ته اهڙيون آهن جن تي اسان اکيون ٻوٽي اتفاق ڪري ٿا سگهون.

پهرين ڳالهه هيءَ ته اشارن واري زبان ڳالهايل زبان کان اڳ ۾ پيدا ٿي آهي، ان ڪري هيءَ زبان انسان جي پهرين زبان آهي.

ٻي ڳالهه هيءَ ته جيڪڏهن حالتون سازگار هجن ها ته اڻ ڳالهايل زبان ڳالهايل زبان کان به وڌيڪ ترقي ڪري سگهي ها.

ٽين ڳالهه هيءَ ته اشارن واري زبان ۽ اڻ ڳالهايل زبان ۾ شامل ٻيون زبانون اڄ به دنيا جي سيني ماڻهن جي وچ ۾ رابطي جي زبان جي جاءِ وٺي ٿيون سگهن.

ٻولين مان انسان جي تهذيب، تمدن، معاش ۽ معاشري جي خبر ٿي پوي. انسان جي تاريخ جو ڪجهه سارو حصو ته خود زبانن جي تاريخ مان ورتو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان ٻولين جي تاريخ ۾ دلچسپي وٺڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون. هت





غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن لکيل ۽ ڳالهايل زبانن مان، ايتري خبر پئجي ٿي سگهي ته پوءِ اڻ ڳالهايل زبان ته نج پج انساني وسيلن جي زبان آهي، تنهن ڪري ان جو اڀياس اسان کي انسانذات جي لاءِ وڌيڪ خبرچار ڏئي سگهندو. هن زبان جي وسيلي اسان دنيا جي گولي تي رهندڙ قومن جو، هڪٻئي سان ڳانڍاپو معلوم ڪري ٿا سگهون. اهڙيءَ طرح جدا جدا زبانن جي ڄم جي باب ۾ به معلومات هٿ ڪري ٿي سگهجي. جهڙيءَ طرح ٺِڪر جي ٿانون تي نڪتل مورتن سان اسان انهن جي گهاڙيٽي جي تاريخ معلوم ڪري سگهيا آهيون، تهڙيءَ طرح اشارن مان اسان اها ڳالهه معلوم ڪري سگهنداسون ته ڪنهن به هڪ زبان جو واسطو دنيا جي ٻين زبانن سان ڪهڙو آهي _ (مون کي پڪ آهي ته هن قسم جي کوج ۽ ويچار مان اسان کي سنڌي زبان جي ڄم ۽ واڌ جي باب ۾ تمام چڱي معلومات ملي سگهندي.)

اڻ ڳالهايل زبان جو مستقبل به وڌيڪ روشن ٿو نظر اچي، ڇوته هن وقت تائين اسان فقط اُهي وسيلا هٿ ڪيا آهن، جن مان ڳالهايل زبان کي مدد ملي آهي، پر هاڻي اسان اُهو وسيلو به آزمائي رهيا آهيون، جنهن مان فقط اڻ ڳالهايل زبان کي هٿي ملندي. ڏِٺِ _ ٻُڌِ يعني ٽيليويزن (Television) جو وسيلو اسان کي اڻ ڳالهايل زبان جي ترقيءَ ۾ مدد ڪري رهيو آهي، اڳي فقط ڪنن جي وسيلي مطلب حاصل ڪبو هو، پر هاڻ اکيون به معنيٰ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون.

**(6) اڻ ڳالهايل سنڌي ٻولي:**

اڻ ڳالهايل سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس مان اسان کي هيٺيان فائدا حاصل ٿيندا:

1 _ اسان جي تقرير ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيت کي ترقي ملندي.

2 _ سنڌي ماڻهن جي تمدني حياتي ۽ سماجي جيون جو به اڀياس ڪري سگهبو.

3 _ اسان کي سنڌي زبان جي منڍ ۽ ان جي ٻين زبانن سان لاڳاپي جو پتو پوندو.

ان ڪري مان سمجهان ٿو ته هن قسم جي ڪوشش، زبان جي عالمن ۽ اڪابرن لاءِ ضرور دلچسپيءَ جهڙي ٿيندي.

اسان وٽ سنڌ ۾ اڻ ڳالهايل زبان جا جيڪي چالو سڪا آهن، تن کي گهٽ ۾ گهٽ ايشيا جي گهڻن هنڌن تي ته ضرور ملهه ملندو، ٻنهي هٿن جو ٻڪ ٺاهي وات

تي آڌڻ وارو اشارو اسان کي گهڻن ملڪن ۾ اُج مرڻ کان بچائيندو. اهڙيءَ طرح هٿ لوڏي يا هٿ جون آڱريون هيٺ مٿي ڪري اسان ڪنهن ملڪ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن اچڻ سڏڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنداسون. هن باب ۾ هڪڙو اصول به ٿاهي ٿو سگهجي، جيڪڏهن ڌرتيءَ جي ڪنهن حصي تي ڪي اشارا سڀيئي ماڻهو يا گهڻا ماڻهو سمجهي سگهندا هجن، ته پوءِ سمجهڻ گهرجي ته توڙي جو ڳالهايل زبانون ٻيون_ ٻيون آهن، پر معنيٰ سيني حصن جي ماڻهن جي هڪ آهي. اهڙي قسم جو خيال اها ڳالهه سمجهائي سگهندو ته انهيءَ حصي جي ماڻهن جي پهرين زبان ساڳي رهي آهي، ڇوته انهن جي معنيٰ به ساڳي آهي ۽ معنيٰ کي پڪيڙڻ وارو طريقو يعني اشارو به ساڳيو آهي (خدا ڪري ڪو اسان مان هن طرح جي اڀياس ڏانهن به ڌيان ڏئي).

هاڻي آءٌ اڻ ڳالهايل سنڌي زبان جا ڪي مثال ڏيندس. اک يا اکين جي چُرپُر تي ٻڌل محاورن جو عدد. سنڌي زبان ۾ گهڻو آهي. پر ڪن محاورن ۾ ته ڳالهايل زبان جو محاورو اڻ ڳالهايل زبان جي اشاري سان بلڪل نهڪي ٿو اچي. مثال طور اسان جي ڳالهايل ٻوليءَ ۾ اک ڦوٿارڻ، اک ڦاڙڻ، اک ٻوٽڻ ۽ اک پٽڻ وارا محاورا اک جي چرپر يا اشاري مان ورتل آهن. اک ڦوٿارڻ جي معنيٰ آهي ڪاوڙجڻ، پر هونئن به رڳو ڦوٿاريل اکين جي اشاري مان اسان مطلب ڪاوڙ جو ڪڍندا آهيون. اهڙيءَ طرح اک ٻوٽڻ جي معنيٰ آهي مري وڃڻ. يا ڪجهه ڳالهائڻ کان سواءِ رڳو اکيون ٻوٽڻ سان به اسان ٻڌائي سگهندا آهيون ته ڪو مري ويو آهي. مان ڀانيان ٿو ته سنڌي زبان ۾ هن قسم جا محاورا ٻڌائين ٿا ته اسان جي زبان گهڻي ڀاڳي پراڻي به آهي ته نرالي به آهي ۽ اهڙيءَ طرح دنيا جي پهرين زبانن کي ويجهي آهي. هيءَ ڳالهه اسان وٽ ويساهه جهڙي آهي ته انسان جي پهرين زبان ۾، هٿن ۽ اکين جي چرپر کي وڏو دخل هوندو. هاڻي جيڪڏهن انسان سڀ کان اڳ اشارن سان اظهار ڪرڻ سکيو آهي ته پوءِ پڪ آهي، ته سنڌي زبان جي وسيلي اسان وٽ، ان زبان جو ڳچ سارو حصو پهچي ويو آهي.

اک وارن اشارن جي باب ۾ ميچ جو ذڪر عام دلچسپ ٿيندو.

**ميچ:** ميچ اک جي هڪ سادي چُرپُر جو نالو آهي. اک جي ٻين اشارن مان ته اسان محاورا به ٺاهيا آهن، پر ميچ ته اسان وٽ اج به اڻ ڳالهايل زبان جي نمائندگي ڪري ٿي سگهي. شروعاتي دؤر ۾ جڏهن رڳو اکيون ڦاڙي ڏسڻ جي به ڪا معنيٰ هوندي هئي، تڏهن ميچ ڏيڻ ضرور هڪ فن جو نالو هوندو ۽ ميچ ڏيڻ واري ماڻهوءَ جو





مقام ڪنهن شاعر يا اديب کان گهٽ ڪڏهن به نه هوندو. اسان وٽ اج به ميچ ڏيڻ جي فن جو استاد وڏو مقام ٿو رکي. اڄڪلهه ميچ جون جدا جدا معنائون آهن. هڪڙي ميچ مان جنسي جذبات جو اظهار ٿو ٿئي، ته ٻيءَ مان ڪنهن کي بيوقوف بڻائڻ جو. هڪڙيءَ ميچ مان اهو مطلب ٿو نڪري ته "تون بس ڪجانءِ" ته ٻيءَ مان اِهو ته "دل جي ڳالهه دل ۾". اهڙيءَ طرح ميچ جا ٻيا مطلب به نڪرن ٿا. مان سمجهان ٿو ته هن جو مطلب اهو آهي ته هي اشارو پراڻو آهي ۽ هاڻي ڪافي ترقي ڪري چڪو آهي.

هٿ جي اشارن جو اڀياس به ڏاڍو دلچسپ آهي، هٿ جي اشارن ۾ اسان وٽ جيڪي معنيٰ جا سڪا موجود آهن، انهن ۾ خاص آهن: ٻُجو، تاڙي يا چَسي، ڇُهنڊري ۽ ڪي ٻيا. هٿ ۾ وري آڱوٺي جو ڪم جدا آهي ته ڏسٽي_ آڱر جو جدا. اهڙيءَ طرح چيچ يا ٻاچ ۽ وچينءَ جا به ڪي اشارا آهن. وري پنج ئي گڏجن ٿا ته مطلب ٻيو ٿو نڪري.

**ٻُجو.** ٻجي جو جيڪو مطلب اسان وٽ سمجهيو ٿو وڃي، سو شايد دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ سمجهيو نٿو وڃي. ٻجي ڏيڻ جي اشاري جي معنيٰ آهي پنج ڏيکارڻ يا پنجن جو مطلب ظاهر ڪرڻ، ان ڪري ٻجي ڏيڻ کي وڌيڪ اثرائتي ڪرڻ لاءِ اسان چوندا آهيون "هي پنج تئي" يا "هي تئي پنج." هيئن به چئبو آهي ته "هي منهن ۾ تئي". اهڙيءَ طرح ٻجو گهروڙي ڏيڻ يا گسائي ڏيڻ وارو اشارو، ٻجي ڏيکارڻ کان وڌيڪ اثرائتو آهي. هاڻي اچو ته ڏسون ته آخر هنن سيني اشارن جو مطلب ڪهڙو آهي. منهنجو هڪڙو معمولي خيال آهي ته هن اشاري ۾ اسان جي تمدني زندگيءَ جا ڪي نهايت اهم راز سمايل آهن. اها ڳالهه هر دؤر ۾ ۽ هر معاشري ۾ مڃي وئي آهي ته مُنهن جو حصو جسم جي ٻين حصن کان وڌيڪ مانوارو سمجهيو ويو آهي. اسلام ۾ مُنهن تي ڌڪ هڻڻ واري لاءِ تمام ڳري سزا رکيل آهي. ديوتائن جي مورتين ۾ به مُنهن جو حصو نهايت ئي اهتمام سان ڏيکاريو ويو آهي. هار سينگار لاءِ به جسم جي هن حصي تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي. حسن جي تصور ۾ به هن حصي جو خاص خيال رکيو ويو آهي. پراڻي زماني جي آثارن مان منهن سينگارڻ جا زيور ڏاڍا گهڻا مليا آهن. سنڌي عورت ته منهن سينگارڻ جي معاملي ۾ وس ڪيا آهن. ڪَنَ، پرون، نڪ، ڪاڏي، ڳِتو، نرڙ ۽ اک_ مطلب ته هر جزي جي لاءِ اسان وٽ ڳهه موجود آهي، وري هڪڙي_ هڪڙي جزي لاءِ گهڻا ڳهه به موجود آهن. مرد جي عزت ڏاڙهي به، منهن ۾ آهي. هاڻي هي اسان وٽ ٻجو ڏيڻ تمام برو سمجهيو ٿو وڃي، سو چئبو ته هن اشاري

مان ضرور منهن کي ”بيماني ڪرڻ“ يا ”بيمحابي“ ڪرڻ جي ڪا معنيٰ تي نڪري. ان ڪري چئبو ته ٻجي ڏيڻ واري اشاري جو مطلب آهي، منهن تي ٿڪ هڻڻ. سو جڏهن اسان چئون ٿا ته ”هي پنج ٿئي“، تڏهن اسان جو مطلب آهي، ”مان توکي سڄي منهن تي زور سان ٿڪ ٿو هڻان“. ٻجو هٿ سان ڏبو آهي، ڇوته ٿڪ به هٿ سان ئي هڻبو آهي. هن اشاري جو اسان جي تمدني زندگيءَ ۾ مطلب هي آهي ته هن ڏيهه جا ماڻهو پنهنجي عزت جي معاملي ۾ ايتريقدر حساس آهن، جو ٿڪ هڻڻ ته ٺهيو، پر منهن تي ٿڪ جو اشارو ڪرڻ ئي اسان وٽ خون ڪرائي وجهندو آهي. هاڻي ظاهر آهي ته اسان جي اشاري واري زبان ڪيتري نه معنيٰ واري ۽ صاف زبان آهي.

هٿ جي اشارن ۾ آڱوٺي ڏيکارڻ کي وڏي معنيٰ حاصل آهي، هي اشارو نهنڪر، صاف انڪار، بيپرواهيءَ جا مطلب ٿو ڏئي. اهڙيءَ طرح ڏسڻي آڱر کي مٿي کڻڻ جو مطلب آهي، الله جي هيڪڙائيءَ جو اشارو ڏيڻ. هن مان اميد جو مطلب به نڪري ٿو ۽ اِهو مطلب به نڪري ٿو ته ”الله واهي آهي“.

ڇيچ جو مامرو مون کي خاصو دلچسپ ٿو نظر اچي. مون کي ياد آهي ته ننڍڙائپ ۾ آءٌ ڪنهن سان ياري ڳنڍڻ لاءِ پنهنجي ڇيچ، هُن جي ڇيچ ۾ ڳنڊيندو هوس. اسان ڇيچون ائين ملائيندا هئاسون، ڄڻ زنجير جون ٻه ڪڙيون مليون. ڇيچ سان ڇيچ ڳنڍڻ جو مطلب هو ٻن جيئن جو پاڻ ۾ جڙجڻ. هي جو چيو اٿن ته ”جنهن جي ڇيچ سيد جي هٿ ۾ تنهن کي لهر نڪو لوڏو“. تنهن جي مطلب ۾ به اِهو راز سمايل آهي. (فرضي قصن گهڙڻ سان اسان، ڪنهن جهڙي تهڙي کي ته بدنام ڪري ٿا سگهون، پر پيٽائي انهن ڳالهين کان مٿي هو.) ڇاڪاڻ ته پرپٽ اسان ڇيچ ملائي نٿا سگهون، ان ڪري ڇيچ ۾ ونگوڙي جي اشاري لاءِ اسان وٽ ويڙهه، ڪير منڊي يا منڊيءَ جو ڳهه ٺهيو آهي، شادين ۽ وهانوَن کان اڳ ۾ ياري ڳنڍڻ، اسان جي تمدن ۾ اهڙيءَ طرح جائز رهيو آهي، جيئن اسان اشارن ۾ ئي پنهنجو پيار ڏيکاريندا رهون. وري ياري رکڻ جو مطلب آهي، پنهنجو پاڻ ٻئي جي حوالي ڪرڻ. ان ڪري يار کي اسان سڏيون ئي ”سرجو سائين“. سو ظاهر آهي ته اسان جي اڻ ڳالهايل زبان اڄ به اسان جي فطري زندگيءَ ۽ تمدني زندگيءَ ۾ وڏو ڪم ڪري رهي آهي.

اهڙيءَ طرح ڇهنڊڙي به هٿ جي ميڇ آهي ۽ ميڇ وارو ڪم ٿي ڪري.

تاڙيءَ ۾ خوشيءَ جي معنيٰ دنيا جي گهڻو ڪري سيني قومن وٽ آهي. پر اسان وٽ تاڙيءَ کي ٻيون معنائون به آهن. تاڙي ڪنهن سمي اسان کي ساز جو ڪم





ڏيندي هئي، بعد ۾ اسان ان جو مَٽ ٺاهي ورتو، جو هاڻي ڇيڙيءَ ۾ موجود آهي. هن مان سهولت هيءَ ٿي ته هاڻي تاڙي هڪڙي هٿ سان به وڄائي ٿي سگهجي. البت ان کي تاڙي نه چئبو.

اسان جڏهن چوندا آهيون ته ”تاڙي هڻ“ تڏهن اسان جو مطلب هوندو آهي ته ”امانت ڪر“ يا ”سودو نبير“. تاڙي هڻڻ جو ڪم اسان ڪنهن معتبر ماڻهوءَ جي حوالي ڪندا آهيون. اسان تاڙيءَ واري فيصلي جي عزت ڪندا آهيون. هڪڙي ڏينهن مون هڪڙي اهڙي ”امانتو“ کان پڇيو ته توهان تاڙي هڻڻ لاءِ هٿ، هٿ جي مٿان ڇو ٿا رکو. مون کي ياد آهي ته ان جو ڏاڍو چڱو جواب ڏنو هئائين. چيائين ”پهريائين ٻنهي ڌرين کي سوگهو ڪندا آهيون، اِها اسان جي ڳنڍ آهي. مڙس هٿ، هٿ تي رکيو ته ٻڌجي ويو. مريد ٿيندا آهيون ته به مرشد جو هٿ وٺندا آهيون. توهان ڪن به ٻن شين کي ملائڻ لاءِ مُهر هڻندا آهيو، لهاذا، تاڙي اسان جي مهر آهي. ڳنڍ جي مٿان مهر هڻي ڇڏيندا سون ته ڳنڍ لوهه ٿي ويندي.

تسيءَ يا چَسيءَ وارو اشارو به تاڙيءَ واري اشاري مان نڪتو آهي. سنڌ ۾ اڻ ڳالهايل زبان جا وڌيڪ جملا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) ڪنڌ هيٺ پرو ڪرڻ، (ها) (2) ڪنڌ ڪلهن جي طرف ڦيرائڻ، (نه) (3) هيٺيون چَپُ اڳتي ڪرڻ، (روئڻ) (4) هٿ کي ٻه — ٽي دفعا مٿي ڪرڻ (اُٿ)، (5) هٿ کي ٻه —ٽي دفعا هيٺ ڪرڻ (ويهه)، (6) نڪ ۾ گهنج وجهڻ، نڪ تي ڏسڻي آڱر ڦيرڻ (توبه)، (7) نرڙ تي گهنج وجهڻ، (ڪاوڙ) (8) ڪن جي پاپڙيءَ کي هٿ وجهڻ، (توبهه تائب ٿيڻ) (9) ڏوري تي هٿ هڻڻ، (طاقت) (10) سيني تي هٿ هڻڻ، (11) ڏاڙهيءَ تي هٿ هڻڻ (وعدو)، (12) ڌرتيءَ تي گيسي پائڻ (توبه) وغيره.

(مهراڻ: 2_ 1971ع)

# ٻولي ۽ آواز

ٻوليءَ جي معاملي ۾ اسان جي دلچسپيءَ جو هڪڙو سبب هيءُ بہ آهي تہ اسان جو ويساهہ آهي تہ ڳالهائڻ جي سگهہ، جا ماڻهوءَ جي ٻچڙي کي ملي آهي سا ٻيءَ ڪنهن بہ مخلوق کي نہ ملي آهي، ۽ اُها سگهہ سيني نعمتن مان وڏي ۾ وڏي نعمت آهي. نہ رڳو ايترو پر هن دؤر جي زبانن کان واقفيت رکڻ وارن جو ويساهہ آهي تہ انسان جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو اهو آهي تہ هو ڳالهائي سگهي ٿو ۽ ڳالهائڻ جي وسيلي هو علم ۽ دانش پرائي بہ سگهي ٿو ۽ پکيڙي بہ سگهي ٿو. اڄڪلهہ جو انسان پاڙهي ٿو، سمجهائي ۽ سيکاري ٿو، لکي ٿو ۽ لفظن ۾ فن، حسن ۽ خوبي، فڪر، فلسفو، ويچار، ويساهہ، مذاق، محبت، همدردي، اخلاص، پڪار، للڪار، دانهن، فرياد، شڪايت ۽ شڪر جو اظهار ڪري ٿو، ۽ غور سان ڏسبو تہ هي سڀ شيون رڳو پنهنجي وجود لاءِ بہ انسان جي اظهار جي قوت جون محتاج آهن. موجوده دنيا جو سڄو ٺٺ ٺي انسان جي قوت اظهار جي ڪري آهي. هن دؤر جي تهذيب ۽ تمدن جو اهڙو ڪوبہ پهلو ناهي جنهن جو واسطو سڌوسنئون انسان جي اظهار سان نہ هجي. حقيقت ۾ جنهن شيءِ کي سائنس يا علم ٿو چئجي اُها بہ انسان جي قوت گويائيءَ جي اُپت آهي. هاڻي چاڪاڻ تہ قوت گويائي يا اظهار جو وسيلو ٻولي ۽ فقط ٻولي آهي، ان ڪري هن دؤر جي هر انسان جي لاءِ ٻوليءَ جو معاملو تمام اهم، بلڪ انساني معاملن مان هر معاملي کان وڌيڪ اهم آهي.

جيئن مون پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ”اسان جي اڻ ڳالهايل زبان“* ۾ ڏيکاريو آهي. ڳالهائڻ کان سواءِ اشارن ۽ رمزن، مهميزن ۽ ميچن سان بہ اظهار ٿي ٿي سگهيو، پر انسان انهن طريقن، سان نباهہ ڪري نہ سگهيو، چوتہ اظهار جي قوتن جي تقاضا اها هئي تہ انسان هنن ابتدائي وسيلن کان مٿي، اتم ۽ طاقتور وسيلا هٿ ڪري. هيءَ ڳالهہ سياويڪ هئي ۽ ماڻهو پنهنجي سڀاوَ ۽ فطرت جي تقاضائن کان مجبور هو.

* ڏسو ”مهراڻ“ سماهي، نمبر2، ل 1971ع، صفحو





ٻوليءَ جي ايڏي وڏي ضرورت ۽ اهميت جي ڪري اسان لاءِ اهو ضروري آهي تہ اسان ٻوليءَ جي بنياد، ڪارڪردگي، واڌاري ۽ حسن جي باري ۾ معلومات رکون. هن معاملي ۾ ويهين صديءَ جي شروعات کان وٺي ڪم ٿيو آهي ۽ اڄ تائين چڱو خاصو مواد گڏ ٿي چڪو آهي. زبان جي عالمن هن ڏس ۾ تاريخ ۽ نفسيات جي علمن جي بہ مدد ورتي آهي ۽ هن وقت اسان وٽ رڳو ٻوليءَ جي ابتدا ۽ بنياد جي باري ۾ بہ ڪافي معلومات موجود آهي.

زبان جا عالم ٻڌائين ٿا تہ ٻولي هڪ ارتقائي معاملو آهي. پهرين ٻولي، جا انسان استعمال ڪندو هو، سا هئي اشارن جي ٻولي. ان کان پوءِ ڪي آواز ۽ پَد اچارڻ ۾ آيا ۽ ان کان پوءِ هڪ اهڙو دؤر آيو جو ڌرتيءَ جي جدا جدا هنڌن تي جدا جدا ٻوليون ٺهي پيون.

جدا جدا هنڌن تي جدا جدا ٻوليون ٺهي سگهن ٿيون يا نہ؟ اهو هڪ بنيادي سوال آهي ۽ انهيءَ سوال تي ڪتابن ۾ ڪافي بحث ٿي چڪو آهي. انهيءَ سوال جي جواب معلوم ڪرڻ لاءِ تہ ٻار ماحول کان ٻاهر ڪا زبان سکي سگهي ٿو يا نہ، پهرين ڪوشش مصر جي بادشاهہ سامٽيڪوس ڪئي هئي. هن جي حڪم سان ڪن ٻارن کي ماڻهن کان ڇني بند ڪيو ويو هو تہ جيئن معلوم ٿئي تہ هي ٻار ٻولي ڪهڙي ٿا ڳالهائين ۽ ڳالهائي سگهن بہ ٿا يا نہ؟ ٻي ڪوشش فريڊرڪ ثاني مسليءَ جي بادشاهہ ڪئي هئي ۽ اُهو تجربو 1200 عيسويءَ ڌاري ڪيو ويو هو. ٽين ڪوشش اسڪاٽلينڊ واري جيمس چوٿين 1500 عيسويءَ ۾ ڪئي هئي. ويجهڙائيءَ ۾ ڪن ٻارن کي ڪتن، ٻولڙن ۽ ٻگهڙن سان گڏ رکي ڏٺو ويو آهي تہ اهي ڪا ٻولي ڳالهائي نہ سگهيا آهن. انهن تجربن زبان جي ابتدا جي باري ۾ هڪ وڏو راز کولي وڌو آهي. هن ڳالهہ مان ٻوليءَ جا ماهر اهو ٿا ڪاٿو لڳائين تہ ٻولي انسان جي مخصوص سڀاءَ جو معاملو آهي، ان ڪري اهو سڀاءَ جانورن جي سڀاءَ جو اثر قبول ڪونہ ٿو ڪري. ٻار ۾ ڪانہ ڪا زبان ڳالهائڻ واري قوت تہ سياويڪ آهي، جا هن کي انساني فطرت تي قائم هئڻ ڪري ملي آهي، پر ٻار لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن خاص زبان جي ڳالهائڻ وارو معاملو ايترو آهي تہ ٻار ماحول کان متاثر ٿئي ٿو ۽ پهرين زبان جا هو سکي ٿو سا ان ماحول جي عام زبان آهي. ٻار جي اُها پهرين زبان سندس مادري زبان ٿي ڪوٺجي، چوتہ ماءُ ٻار جو سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان ويجهڙو ماحول آهي.

ٻار پنهنجي پهرين زبان ڪيئن ٿو سکي؟ هن سوال جو جواب بہ ڏنو ويو

آهي. ٻار سڀ کان اڳ صوتي اشارا ئو ڪري. صوتي اشارا (Sound mimicry) اُهي آواز آهن، جي لفظن جي بنيادي صورتن لاءِ بنياد جو ڪم ڏين. ٻار پهريائين اُهي آواز ئو پيدا ڪري جن ۾ ڳالهائڻ وارن عضون جو گهٽو ڪم ڪونهي. هن لاءِ ڪي نفسياتي سبب آهن. ڳالهائڻ وارن عضون جو استعمال ٻار جي حالت ۾ چڱو خاصو مشڪل آهي ۽ انسان سپاويڪ طور تي سهل پسند آهي. پهريان آواز، جي ٻارن وٽان ٻڌڻ ۾ ايندا، سي هوندا "اون"، "اين" ۽ "آ" وغيره. اُهي آواز اهڙا آهن جو انهن ۾ چپن، زبان ۽ تارونءَ جو استعمال گهٽو ڪري ڪونہ ٿو ٿئي. ان ڪري انهن آوازن کي اسان بنيادي آواز (Fundamental Syllables) ٿا سڏيون. هنن آوازن کي Pure Syllables سڏبو آهي. ان کان پوءِ وارا آواز آهن "بابا"، "بو" وغيره. ان کان پوءِ ٻاتائڻ وارو زمانو ئو اچي ۽ اهڙيءَ طرح ڇهن يا ستن سالن جي عمر تائين مَس وڃي ٿو ٻار مادري زبان پوريءَ ريت ڳالهائي. پر هن باب ۾ بہ ڳالهيون اهڙيون آهن، جي بنيادي طور تي ٻارن ۾ ڳالهائڻ ۽ سکڻ جي قوت کي متاثر ڪنديون آهن: پهرين ڳالهہ آهي ڳالهائڻ جي عضون جي نشو و نما، ۽ ٻي ڳالهہ آهي ماحول جي زبان سکڻ جا موقعا.

هن سڄي بحث مان هڪڙي ڳالهہ هيءَ بہ ثابت ٿئي ٿي تہ پهريون انسان پيدا ٿيڻ سان ئي ڪا زبان پوريءَ طرح ڳالهائي نہ سگهيو هوندو. پر مان سمجهان ٿو تہ هيءَ ڳالهہ زبان جي معاملي ۾ بحث ڪرڻ جهڙي نہ آهي. ڇوتہ جنهن نظريي مطابق اهو ويساهہ رکيو ويو آهي تہ انسان ۽ پهريون انسان ئي زبان ڳالهائڻ جو اهل هو، تنهن نظريي مطابق انسان جي خلقت ئي اهڙي طريقي سان ٿي آهي جنهن کي زبان جي علم جا عالم نرالو ۽ منفرد ٿا سمجهن. پهريون انسان ڌرتيءَ تي اچڻ وقت خدا جو خليفو هو، مڪمل انسان هو، خدا جو ڪو پيغام کڻي آيو هو ۽ پاڻ سان شين جو علم وٺي آيو هو. اهي سڀ ڳالهيون اهڙيون آهن جو انهن جو زبان جي ارتقا ۽ اوسر جي علم سان ڪو واسطو ڪونهي. قرآن جي سَند سان تہ اها ڳالهہ بہ پڌري آهي تہ جڏهن انسان پيدا ڪيو ويو هو، تڏهن هيٺو ۽ ڪمزور هو. انسان کي ڌڙ ڪنڌڙ مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو هو، يعني اهڙي مٽيءَ مان جنهن ۾ آواز هو ۽ انسان جي ابتدا ۾ بہ انسان نَر ۽ ماديءَ جي حالت ۾ موجود هو ۽ انسان ان وقت بہ ڪا نہ ڪا زبان سمجهندو هو، تڏهن تہ کيس چيو ويو هو تہ "هن وڻ جي ويجهو نہ وڃو". قرآن حڪيم مان انسان جي ابتدائي ماحول جو پتو بہ پئجي ٿو سگهي ۽ اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ انسان پنهنجي آسپاس وارين شين جو پهريائين اڀياس ڪيو آهي ۽ پوءِ انهن مان سبق حاصل ڪيو آهي.





انهن ڳالهين مان ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي زبان جي اوسر جي باب ۾ بہ رهنمائي ڪري ٿيون سگهن، پر تہ بہ زبان جي بنياد جو هي نظريو تہ انسان پيدا ٿيڻ سان ئي هڪ مڪمل انسان هو ۽ ڪانہ ڪا زبان ڄاڻندو هو، پنهنجي جاءِ تي هڪ نظريي جيان موجود آهي ۽ ان جي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪنهن نئين تحقيق جي ضرورت آهي. جيستائين مذهبي اعتقاد جو تعلق آهي، جيڪڏهن پهريون انسان پيغمبر آهي تہ پوءِ ان جي تربيت ۽ ترقيءَ جو معاملو عام ماڻهن جهڙو نہ آهي ۽ خدا کان اها ڳالهہ بعيد بہ نہ آهي تہ پهريون انسان مڪمل انسان هجي.

بهرحال، زبان جي ارتقا جي سوال تي هيءُ معاملو ويچار هيٺ نہ آيو آهي، ان ڪري اسان جنهن سوال تي ڪجهہ چئي ٿا سگهون اُهو اِهو آهي تہ ٻولي ماحول ۽ سماج جو معاملو آهي، ۽ زبان جي باري ۾ ڪوبہ ماڻهو ڄمندي ئي ڄام نہ آهي. ٻولي رڳو انسان جي تمدني زندگيءَ ۽ سماجي زندگيءَ ۾ ظاهر ٿي ٿي سگهي ۽ اِهوئي خيال آهي جنهن جي بنياد تي زبان جي جوڙجڪ، ارتقا، اوسر، ترقي ۽ ڪمال جي باري ۾ تحقيق ٿي آهي.

پر تڏهن بہ زبان جي بنياد جي باري ۾ هيءُ خيال تہ ٻولي خدا جي عطا ڪيل هڪ نعمت آهي، تمام آڳاٽي زماني جي انساني ماحول ۾ بہ موجود هو. شايد انهيءَ جي موجودگيءَ جو سبب اِهو آهي تہ ٻوليءَ جهڙي هڪڙي وڏي ڪارنامي لاءِ اهو سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيو تہ ڪو انسان ٻوليءَ کي پاڻ پيدا ڪيو هوندو. بهرحال، ٻوليءَ جي ابتدا جي باري ۾ جيڪي نظريا اسان جي اڳيان موجود آهن، هيءُ نظريو انهن ۾ پهريون نظريو آهي ۽ سڀني کان پراڻو پڻ آهي.

هن پهرئين نظريي جي بنياد تي هڪ ٻئي نظريي جو بنياد رکيو ويو آهي. اهو نظريو هيءُ آهي تہ ڪيترين قومن دعويٰ ڪئي آهي تہ سندن ٻولي بهشتي ٻولي آهي ۽ بهشت ۾ رهڻ وارا ماڻهو سندن ٻولي بهشت ۾ ڳالهائيندا هئا يا بهشت ۾ ڳالهائيندا. ماريو پي صاحب جي لکڻي پٽاندر سويڊن جي هڪڙي زباندان اها دعويٰ ڪئي هئي تہ "خدا جي زبان سويڊش هئي، آدم جي ڊينش ۽ شيطان جي فرينچ!" سال 1934ع ۾ ترڪيءَ ۾ هڪڙو ميڙ ٿيو هو جنهن ۾ زبان جي باري ۾ سوچيو ويو هو. انهيءَ ميڙ ۾ وڏن وڏن عالمن اها راءِ ڏني هئي تہ "ترڪي انسان جي پهرين زبان آهي". دليل اهو ڏنائون تہ "سج" کي ترڪي زبان ۾ "Gune" چئبو آهي، جنهن مان انگريزي لفظ Language نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻولي. ڇاڪاڻ تہ سج پهرين شيءِ

آهي جنهن لاءِ انسان کو لفظ تلاش ڪيو هوندو. ان ڪري ترڪي زبان تمام آڳاٽي زبان آهي. عربي زبان جي قدامت به اهڙيءَ طرح مذهبي اعتقاد جي بنياد تي مسلم آهي.

پر جنهن شيءِ کي اسان سائنسي تحقيق تا سڏيون، تنهن جي ابتدا مانواري ڊارون صاحب ڪئي. ڊارون جو خيال آهي ته ”منڍ ۾ ٻولي چپن ۽ زبان جي ٻي آواز چرپر هئي ۽ هٿن جا اشارا به اُهو ڪم ڪندا هئا“. انهن اشارن، چپهارن ۽ اهلن ۾ آواز پوءِ پيدا ٿيو ۽ انهن ويچارن سان لفظ ۽ پد ته گهٽو پوءِ نهيا.

ٻوليءَ جي عالمن وٽ اجا به ڪيترائي نظريا آهن، جن کي هنن ڏاڍا وٽندڙ نالا ڏنا آهن. اهڙا نظريا ماريو پي صاحب پنهنجي ڪتاب ”The Story of Language“ (ٻوليءَ جي ڪهاڻيءَ) ۾ ڏنا آهن. مان هت اُهي سڀ نظريا، پنهنجي زبان ۾ پنهنجي لفظن ۾ مختصر طور تي، بحث کي سمجهڻ جي خاطر ڏيئي رهيو آهيان:

”باٿُو باٿُو“ (Bow Bow) يا ”هاٿُو هاٿُو“ وارو نظريو.

هن نظريي مطابق ٻولي ٻاهر فطرت ۾ پيدا ٿيندڙ يا اُپرندڙ آوازن يا سُرن مان جڙي آهي. هي آواز هوا جي لڳڻ، مينهن جي وسڻ، جهُڙ جي گجڻ ۽ جانورن جي آوازن مان نهيا آهن. ههڙن آوازن سان ڪجهه ملندڙ ۽ ويجهڙو آواز ڪتي جو آواز ”هاٿو هاٿو“ به آهي. ڪُتو چاڪاڻ ته انساني ماحول جو تمام پراڻو رهواسي ۽ انسان جو پراڻو ۽ پڪو يار آهي، ان ڪري هن جي آوازن کي انساني ماحول ۾ دخل حاصل تي ويو هوندو، ان ڪري شايد هن قسم جا آواز زبان جو بنياد آهن. هن نظريي تي اعتراض به آهن. زبان جي معاملي ۾ هڪڙي حقيقت هيءَ به آهي ته ساڳئي ڪُتي واري ”هاٿو هاٿو“ جو آواز جدا جدا قومن ۾، جدا جدا طريقن سان ورجايو ٿو وڃي. انگريزن وٽ جيڪو آواز Cock_a_doodle_doo آهي، سو فرينچن وٽ ڪوڪو ريڪو Cocorico آهي. اطالوين وٽ Chichi richi آهي، ۽ سنڌين وٽ ”ڪڪڙو ڪو“ آهي. حقيقت ۾ فطرت ۾ پيدا ٿيندڙ آوازن جي اهل ۽ نقل تي اسان انسانن کي لفظ ناهيا آهن، پر انهن جو مطلب اهو نه آهي ته اسان زبان ٿي پکين ۽ جانورن وٽان سکي ورتي آهي. حقيقت ۾ انهن آوازن کي، جيڪي اسان ٻاهران ورتا آهن، اسان لاءِ ڪا معنيٰ آهي ئي ڪانه. ۽ جن آوازن جي ڪا معنيٰ ڪانهي سي ٻوليءَ ۾ شامل ڪري نٿا سگهجن. سنڌ ۾ چتونءَ جي آواز کي ”تيون تيون“ ۽ ڳيري جي آواز





کي ”گهگهو گهو“ جي آوازن سان دهرايو ويندو آهي، پر انهن آوازن کي ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي ئي ڪانه. اُهي فقط آواز ئي آواز آهن. هي آوازن تي ٻڌل ٻوليءَ جي منڍ ۽ بنياد وارن نظرين مان هڪڙو هيءُ به آهي ته ”Ding Dong“ وارا آواز ابتدائي آواز آهن ۽ ٻوليءَ جو بنياد آهن. هي آواز چڙي جي آواز يا گهنڊ يا گهڙيال جي آواز جهڙو آهي، پر هن نظريي تي به ساڳيائي اعتراض آهن. هي خيال مئڪس مولر جو آهي.

هڪڙو نظريو آهي انگريزي اچار Pooh Pooh يا ”هو هو“ وارو آواز. هيءُ آواز انگريزيءَ ۾ ڪجهه حيرت ۽ ڪجهه نفرت لاءِ استعمال ڪبو آهي. سنڌيءَ ۾ هن جو ترجمو ”هيڙو هيڙو“ يا ”گيسڙو گيسڙو“ آهي. هن نظريي جو بنياد انهيءَ ڳالهه تي آهي ته انسان پهريائين نفرت يا حيرت جو اظهار ڪيو هوندو، ان ڪري هي آواز بنيادي آوازن مان هڪ آهي.

هن نظريي جهڙو هڪ ٻيو نظريو آهي Yo_he_ho وارو نظريو. هن کي سنڌيءَ ۾ ”اوف_ فو“ وارو نظريو چئجي. هن نظريي مطابق اهو پانيو ٿو وڃي ته جسم کي تڪليف ۽ سور پهچڻ وقت ماڻهو کي آواز ڪندو آهي. ڪن عالمن جو خيال آهي ته اِهي اُچار يا آواز انسان جا پهريان اُچار آهن، چوته انسان سڀ کان اڳ ۾ تڪليف جو اظهار ڪيو هوندو. آڳاٽي انسان کي محنت، دشوارين ۽ ناخوشگوار حالتن سان منهن ڏيڻو پيو هوندو ۽ انهن حالتن هن کي جا تڪليف پهچائي هوندي، تنهن کان هن دانهون ڪيون هونديون ۽ دانهن وارا آواز پهريان ۽ بنيادي آواز آهن.

اهڙيءَ ريت ”Sing Song“ ”هي هو“ ”وو وو“ يا ”هو الا“ وارا آواز جن جو تعلق خوشيءَ جي اظهار سان آهي ۽ جيڪي آواز انسان هنبوشي هڻڻ، ڪڳين هڻڻ يا ايگو هڻڻ ۾ ڪندو آهي، انهن کي بنيادي آواز سمجهيو ويو آهي. هي خيال نوئر صاحب ڏنو آهي.

”Ta Ta“ يا ”تا تا“ وارو نظريو به ڪتابن ۾ آيو آهي. ههڙي قسم جا آواز جسم جي عضون کي استعمال ڪرڻ سان يا هونئن ٻاهرين دنيا ۾ پنهنجو پاڻ مشين جي گسڻ پچڻ يا چرپر مان پيدا ٿيندا آهن. هنن آوازن کي بنيادي آواز سڏيو ويو آهي.

پر هينئر هي سڀ پراڻا نظريا آهن. ۽ هن وقت هنن نظرين تي ويساهه ڪري ڪونه ٿو سگهجي، چوته اصل معاملو اهو آهي ته ابتدائي آواز ڪهڙا آهن! اصل معاملو هي آهي ته انسان آوازن ۾ معنيٰ ڪيئن پيدا ڪئي، ۽ ڪڏهن پيدا ڪئي. هنن سيني آوازن جو تعلق انسان جي بنيادي ضرورتن ۽ مشاهدن سان آهي، ان ڪري

انهن آوازن کي ٻوليءَ جو منڍ يا بنياد سمجهي ٻه سگهجي ٿو، پر هن طرح ٻوليءَ جي بنياد جو معاملو حل ڪونہ ٿو ٿئي.

يوناني تهذيب جي اوج واري زماني ۾ يونانين ۾ خيال ڏنا: هڪ هيءُ تہ ٻولي انسان جي ضرورت جي ڪري پيدا ٿي، پر ڪيئن پيدا ٿي، اهو هو صاحب ٻہ ڪونہ ٿا ٻڌائين. ٻيو خيال هي ڏنائون تہ ٻولي رسومات ۽ عهدنامن جي ڪري پيدا ٿي، پر انهيءَ خيال جي پٺڀرائيءَ لاءِ ٻہ دليل ڪونہ ڏنا ويا آهن.

پهريون شخص جنهن اهو ويساهہ ڏنو تہ دنيا جي سڀني زبانن جي ماءُ هڪ آهي، سو هو ويهين صديءَ جو اطالوي عالم ٽرامبسي صاحب. هن صاحب پنهنجو نظريو مشهور فلسفي ليبنز صاحب جي انهيءَ ويچار تي رکيو تہ زبان جي ابتدا انهن اچارن سان ٿي آهي، جيڪي آواز ۾ هڪجهڙا آهن.

اسٽرٽيونٽ صاحب ٻہ پنهنجو هڪ خيال ڏنو آهي. هو چوي ٿو ماڻهوءَ جا پهريان جذبا آهن، ڪوڙ ڳالهائڻ يا ڏوکي ڏيڻ وارا جذبا. ان ڪري اهي اشارا، جي ماڻهو اهڙن ڪمن لاءِ ڪري ٿو، سي بنيادي اشارا آهن.

ٻوليءَ جي بنياد جي باري ۾ ايترن خيالن هوندي ٻہ اڄ اسان ڪنهن ٻہ نتيجي تي پهچي نہ سگهيا آهيون، اهوئي سبب آهي جو ڪن عالمن هن قسم جي واٽ ئي ڇڏي ڏني، ۽ آوازن ۽ اُچارن جي بحث کي ئي غيرضروري سمجهيائون. نَون خيالن مطابق، جا تحقيق ٿي آهي، تنهن جو بنياد ٽن ڳالهين تي آهي:

(1) لکيل زبان جو تمام پراڻو ذخيرو.

(2) ٻارن جي زبان جو مطالعو، (ڇوتہ ٻار انسان جي بنيادي حالت ۾ آهن.)

(3) پراڻي زماني جي ماڻهن جا اشارا، (Unspoken forms of language).

جيستائين لکيل زبان جي پراڻي ذخيري جو تعلق آهي. اسان جي معلومات هيءَ آهي تہ حضرت عيسيٰ کان چار هزار سال اڳ ميسوپوٽيميا جي علائقي ۾ هڪڙي زبان ڳالهائي ويندي هئي، جنهن جي لکت جا ڪي اِندا اسان تائين پهتا آهن، اُها زبان اڄ ”سميري“ زبان ٿي سڏجي. اها زبان حضرت عيسيٰ کان ٽي سؤ سال اڳ مري ٻہ ويئي، پر ان جو تعلق ۽ سلسلو اڄ تائين پهچي ويو آهي، سو هن طرح جو سميريا جي علائقي کي بابل وارن ۽ اسيريا وارن حضرت عيسيٰ کان ٽي هزار سال اڳ فتح ڪيو هو، ان ڪري انهن ماڻهن جي زبان ۾ سميري زبان جا اکر مليا آهن.





وري ”اڪاد“ قوم وارا سميري قوم وارن سان لهہ_ وچڙ ۾ رهيا آهن، ۽ انهن اڪاد قوم وارن سان وري مصري ۽ چيني پراڻ ملي ٿو اچي، ان ڪري آتيئہ اهو آهي تہ مصري ۽ چيني زبانون، جي اڄ ٻہ جيئريون آهن، تن ۾ تمام آڳاٽي زبان ”سميرين“ موجود آهي.

انڊو_يورپين زبانن ۾ تمام پراڻي زبان سنسڪرت آهي. ان کان پوءِ يوناني ۽ ان کان پوءِ اطالوي زبان جو نمبر ٿو اچي. سنسڪرت حضرت عيسيٰ کان ٻہ هزار سال اڳ جي آهي، يوناني اٺ سؤ سال ۽ اطالوي پنج سؤ سال اڳ. خبر نٿي پوي تہ انڊو_يورپين زبان اوائل ۾ ڪهڙي هنڌ ڳالهائي ويندي هئي. سنسڪرت جو پراڻو مواد ”ويد“ آهن، يونان جي هومر جي شاعري، ۽ اطالويءَ زبان جو سڀ کان پراڻو مواد هڪ جملو آهي جنهن جو مطلب آهي ”مانوءَ مون کي نومبر جي لاءِ ٺاهيو.“

پراڻين زبانن جي لکيل مواد جي هن ذکر کان پوءِ باقي ٻن ڳالهين تي بحث ڪرڻ لاءِ اسان کي انهن ڳالهين جي حيثيت ۽ افاديت تي بحث ڪرڻو آهي. انسان جي پهرين اشارن کي ”مون اڻ ڳالهايل زبان“ جو نالو ڏنو آهي (هن عنوان سان هڪ مضمون اڳ ۾ ٽي ٽماهي مهراڻ نمبر 2، سال 1971ع ۾ ڇپيو آهي.)

باقي رهيو معاملو ٻارن جي زبان جو ۽ ابتدائي آوازن جو. انسان جي ابتدائي آوازن جي باري ۾ اسان اهو ڏَسي آيا آهيون تہ توڙي جو اسان انهن آوازن جي بنياد تي ٻوليءَ جي ڪا تاريخ مرتب ڪري نٿا سگهون، ڇوتہ موجوده زبانن جا آواز بنيادي آوازن کان تمام گهٽو بدليل هوندا ۽ اڄ جي ٻولين جا آواز اصلي ۽ ابتدائي زبانن مان ڪيئن ٿيا، اها ڳالهہ اڄ سمجهائي نٿي سگهجي.

آوازن جي باري ۾ پڪيون ڳالهيون هي آهن:

(1) هي سڀ نظريا هڪٻئي کي رد ڪري رهيا آهن.

(2) اها ڳالهہ ڪا اهميت نٿي رکي تہ ماڻهوءَ اڳ اڳ ۾ ڪهڙو آواز ڪڍيو هوندو؟

(3) ماڻهوءَ تمام گهڻن قسمن جا آواز ڪڍيا آهن، ۽ ڪڏهن ڪهڙا ڪڍيا اٿس تہ ڪڏهن ڪهڙا؟

(4) جن بنيادي احساسن ۽ ضرورتن جي بنياد تي آواز ٿيا آهن، اهي سڀيئي هڪڙي ئي وقت زبان ۾ موجود آهن، پر هنن آواز وارن نظرين مان هرڪو پنهنجو پنهنجو وجود ٿو ثابت ڪري. ان ڪري جيڪڏهن آواز ٻوليءَ جو بنياد آهن تہ ٻہ هنن سان هرڪو نظريو ٻوليءَ جي صرف

انهن لفظن جو نمائندو ٿي ٿو سگهي، جيڪي بنيادي حس ۽ ضرورت جي خيال کان هن آواز سان ڳنڍي ٿا سگهجن.

(5) هنن نظرين جي خيال کان ٻوليءَ جو سماجي پهلو روشن ٿي نٿو سگهي ۽ ٻوليءَ جي اوسر ۾ جيڪا خدمت انساني معاشري ڪئي آهي، ان جي قدرداني ڪري نٿي سگهجي.

(6) هڪڙي هيءَ ڳالهه به آهي ته انهيءَ ڳالهه جو امڪان به موجود آهي ته هنن آوازن، جن کي بنيادي آواز ٿو سڏجي، تن کان اڳ به ڪي آواز نڪتا هوندا.

(7) آواز وارن نظرين جو بنياد هيءَ آهي ته اسان زبان جي تاريخ ۾ ابتدا کان شروع ڪري انتها تائين پهچون. توڙي جو اسان کي ابتدا معلوم آهي، اسان سفر شروع ڪري نٿا سگهون، ڇوته رستي جو پتو آهي ئي ڪونه.

تنهن هوندي به اسان ٻوليءَ جي بنياد ۽ اوسر جي باري ۾ آواز (Sound) جي اهميت ۽ بنيادي حيثيت کان انڪار ڪري نٿا سگهون. ٻوليءَ جو دارومدار آهي ئي آواز تي، ڇوته آواز (Sound) کي ٻوليءَ کان جدا ڪري نٿو سگهجي. ڳالهائڻ چئبو ئي آهي گلي مان پيدا ٿيل آوازن کي. اُهي آواز چَپن، زبان ۽ تارونءَ جي مدد سان سڌري بامعنيٰ ۽ مقرر ٿيل آوازن جهڙا بڻجي ٿا پون. سڌريل زبانن ۾ ان ڪري وڏي ۾ وڏو زور زبان جي اچارن تي ڏنو ٿو وڃي. هن وقت اچارڻ جو علم هڪ سائنس بڻجي پيو آهي، جنهن کي ”صوتيات“ ٿو سڏجي. ان ڪري آواز وارن نظرين کي رد ڪد ڏيڻ مان اسان جو مطلب اهو نه آهي ته اسان آواز کي ٻوليءَ جو بنياد نٿا سمجهون. هيءَ ڳالهه صاف هئڻ گهرجي ته اختلاف رڳو انهيءَ ڳالهه سان آهي ته آوازن مان ڪهڙا بنيادي آواز آهن ۽ ڪهڙا نه آهن.

نون خيالن جي بنياد تي آوازن به ٻوليءَ جي تاريخ ۽ اوسر سمجهڻ ۾ مدد ڪئي آهي. آوازن جي اڀياس مان جيڪي ڳالهيون سمجهه ۾ اچن ٿيون، سي هي آهن:

(1) جيترو ڪا زبان آڳاٽي هوندي، اوترو ئي ان زبان ۾ مشڪل اچار گهڻا هوندا. هن ڳالهه جو بنياد هن دليل تي آهي ته تمام آڳاٽن ماڻهن جي زبان ۾ صوتيات جو عنصر وڌيڪ هوندو ڇو ته آواز اجا پختي ٿيڻ جو





سفر پورو ڪري نه چڪا هوندا. ان ڪري لفظن جا اچار گهڻن آوازن وارا هوندا ان ڪري لفظ ڊگها هوندا.

(2) جيترو ڪا زبان پراڻي هوندي اوترو ئي ان ۾ موسيقيت يا سُريلائپ وڌيڪ هوندي، سُر جو سڄو دارومدار به آواز تي آهي. سر يا لئي بهرحال آوازن (Sounds) مان نهن ٿا. ڪارلائل صاحب جو چوڻ آهي ته سڀئي سڌريل زبانون هينئر سنگيت سان پرپور آهن. ڪاوڙ ۽ غصي جي حالت ۾ به ٻولي سر کان خالي نه آهي. رواجي گفتگو ۽ جذباتي گفتگوءَ جو فرق به آوازن وسيلي ئي پڌرو ڪري ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته آڳاٽي انسان کي جذبات تي پورو ضابطو نه هو، ان ڪري ان وقت جي زبان ۾ آوازن جو استعمال اڄڪلهه جي ٻوليءَ جي بنسبت گهڻو هوندو ۽ ان ڪري اُها زبان سريلي هوندي. دنيا جو تمام پراڻو ادب به گهڻو ڪري ”غنائيه“ يعني ڳائڻ جهڙو آهي، اهو به هڪ دليل آهي. هن جو ٻيو مطلب هي آهي ته جيترو ئي ڪا زبان پراڻي هوندي اوترو ئي ان کي آسانيءَ سان ڳائي سگهبو.

(3) ٻوليءَ جي تاريخ به آوازن جي خيال کان مذهب جي تاريخ جهڙي آهي. جيئن مذهب جي تاريخ گهڻن خدائن جي اعتقاد Poly theism وٽان شروع ٿي وحدانيت يا توحيد وٽ ختم ٿئي ٿي، تيئن زبان به گهڻن پدن وارن لفظن وٽان شروع ٿي هڪڙي پد وارن لفظن تي پهتي آهي.

هن جو مطلب هي ٿيو ته (1) پراڻي زبان جا لفظ ڊگها هئا، (2) پراڻي زبان جا لفظ اچارڻ ۾ ڏکيا هئا، ۽ (3) پراڻي زبان ڳالهائڻ کان وڌيڪ ڳائڻ ۾ آسان هوندي.

سنڌي زبان جي قدامت واري معاملي تي ويچار ڪرڻ لاءِ هنن ٽن ڳالهين کي به خيال ۾ رکڻ گهرجي. آءٌ ڀانيان ٿو ته هن طرح سان هڪ نئين واٽ ملي ويندي. اسان جي ٻوليءَ جي لاءِ اها دانهن آهي ته هيءَ زبان اچارڻ ۾ ڏکي آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته هيءَ ڳالهه به راز تي کولي: (1) ته اسان جي زبان تمام پراڻي زبان آهي. (2) ته هن جي ترقي تمام آهستي ٿي آهي جو ان ۾ اڃا تائين اصليت ۽ قدامت وارو رنگ موجود آهي. آڳاٽي سنڌي شعر کي فقط ڳايو ويو آهي. پراڻا قصا توڙي جو نثر ۾ آهن، ڳايا ويندا هئا، جيئن پڳت. ڳائجڻ واري هيءَ صلاحيت به ٻوليءَ جي قديم هئڻ لاءِ هڪ دليل آهي. سنڌي شعر جي سڄي جوڙجڪ موسيقيءَ تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن

زبانن جي ابتدا آوازن ۽ سرن سان ٻڌل آهي ته پوءِ اسان جي زبان به ابتدائي زبانن جي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اڄ به موجود آهي. وائي ۽ ڪافي اڄ به آوازن ۽ سُرن جي مدد سان موجود آهن. وائيءَ ۾ لفظ نه پر آوازئي آهن، جيڪي ان جي وجود ڪي منفرد حقيقت جي روپ ۾ ظاهر ڪري رهيا آهن.

اسان جو جيڪو شعر راڳ جي اصولن تي ٻڌل آهي، تنهن تي مزيد تحقيق ڪرڻ گهرجي. مسئلو هي آهي ته اسان جي شاعرن خصوصاً شاهه صاحب اڳ ۾ راڳ جا اصول سکي ۽ ڄاڻي، پوءِ شعر چيو آهي، يا شعر ئي اهڙو چيو آهي جو خودبخود راڳ جي اصولن تي پورو بيٺو آهي، يعني هن باب ۾ اوليت زبان جي موسيقيت واري صلاحيت کي ڏجي يا راڳ جي فن کي. اسان جي ٻوليءَ ۾ متڪلم جون نشانيون ۽ اُهي حرف، جيڪي اچارڻ ۾ ڏکيا آهن، انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته زبان جا آڳاٽا لفظ ڏگها هئا، سو هن طرح جو 'ڄ، ڱ' وغيره اهڙا حرف آهن، جن جو هاڻوڪو آواز اهڙو آهي جو ڄڻ انهن آوازن ۾ هڪ کان وڌيڪ آواز سمايل آهن. "ڄ" جي آواز کي ڏگهي ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته هن هڪڙي حرف ۾ "ج، ا، ن" جا آواز موجود آهن، ۽ اهڙيءَ طرح "ڱ" جي آواز کي ڏگهي ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته هن ۾ 'گ، ا، ن' جا آواز موجود آهن. ان طرح معلوم ٿو ٿئي ته اسان جي ٻوليءَ ۾ ترقيءَ جي ڪري اسان ڏگهن حرفن کي ننڍو ڪيو آهي، نه ته اصل ۾ هن زبان جا لفظ ڏگها هئا ۽ حرف به ڏگها هئا. اهڙا لفظ به زبان جي قدامت جي نشاني آهن. آڳاٽي زماني ۾ جڏهن اظهار آوازن جي رستي ڪيو ٿي ويو، تڏهن هڪڙي شئي (Referent) جي لاءِ گهڻا آواز ڏيڻا ٿي پيا. ٻٽن يا ڏکين لفظن ۾ اسان تمام قديم ماڻهن جي نفسيات جي جهلڪ ڏسي رهيا آهيوَن. انهن جو ذهن ايترو پختو نه ٿيو هو، جو اُهي مختصر ۽ عام فهم لفظن ۾ پنهنجو خيال پيش ڪري سگهن. سنڌي زبان ۾ ٻٽا لفظ اڄ به موجود آهن، جيئن اڪمڪڙو ۽ ڪٽمنڙو. پر تڏهن به اسان جي زبان جي قديم هئڻ جو وڏو دليل آهي. "اسان جي اڻ ڳالهايل زبان" (Our non linguistic forms of speech)

زبانن جي اوسر ۽ تاريخ جي باب ۾ يا انهن جي قديم هئڻ جي باري ۾ وڏو انقلاب اوٽو جيسپرسن صاحب جي خيال آندو آهي. اوٽو صاحب آغاز کان شروع ڪرڻ جي بجاءِ حال کان ماضيءَ جي طرف وڌڻ کي پسند ٿو ڪري. هن صاحب قديم اڻسڌريل قومن جي زبانن جو مطالعو به ڪيو آهي. هن صاحب جو خيال آهي ته "اڻسڌريل قومن جا ماڻهو پنهنجن بنيادي ضرورتن يعني کائڻ ۽ پيئڻ جي معاملي





۾ وقت ۽ شين جي باري ۾ اٽل ۽ پڪا هئا. هنن ماڻهن جون رسمون ۽ رواج ڄڻ هنن لاءِ مذهب جهڙا هئا ۽ ان ڪري فرائض جي پابنديءَ ۾ به هو اٽل هئا، ان ڪري اها ڳالهه وسهڻ جهڙي آهي ته اهڙن ماڻهن پنهنجي ٻوليءَ جي باري ۾ اٽل رهڻ کي پسند ڪيو هوندو. ان ڪري اڄ به اڻسڌريل قومن جي زبانن ۾ تمام قديم زبانن جا اهڃاڻ محفوظ هوندا. انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ ته قديم زبان جي نوعيت ڪهڙي هئي، اسان کي اڄ دنيا جي سڌريل زبانن جو نه پر اڻسڌريل زبانن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي، ڇوته اُهي سڌريل زبانن جي بنسبت قدامت کي وڌيڪ ويجهيون آهن. هن خيال مطابق اسان کي سنڌ ۾ آباد اڻسڌريل قومن يعني ڊيڊن، ڀيلن، باگڙين، ڪولهين، اوڏن ۽ ٻين اهڙن قومن جي زبانن جو اڀياس ڪرڻ گهرجي.

زبان جي اوسر (Evolution) جي باري ۾ اسان کي پنهنجي زبان جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏاڪن يا مرحلن جو مطالعو ضرور ڪرڻ گهرجي. دنيا جي سڌريل زبانن جي ڄاڻن هي مرحلا معلوم ڪري ورتا آهن، پر اسان اڃا تائين ڪا ڪوشش ڪانه ورتي آهي. هي ٽي ڏاڪا، جيئن اسان کي معلوم آهي، هي آهن: (1) ڇڇڻ يا جدا ٿيڻ (Isolation) وارو ڏاڪو، جنهن تي زبان پنهنجي انفراديت ۽ جدا وجود اختيار ڪندي آهي. اُها ڳالهه ۽ اُهو ڏاڪو، ڄڻ زبان جو ڄم آهي. (2) ٻولين جي چاڙهاڪي جو ٻيو ڏاڪو آهي (Glutination) "تپ" وارو ڏاڪو. هن ڏاڪي تي آسان ۽ ننڍڙا لفظ وڏن لفظن ۾ ملي ويندا آهن، جيئن ڪنهن تَپُ ڪيو هجين. هي ڏاڪو زبان جي ترقي ۽ شاهوڪاريءَ جي طرف هڪ اهم قدم آهي. (3) ٽيون ڏاڪو آهي (Flexion) يا سپاويڪ ڦيرڦار وارو ڏاڪو. هن ڏاڪي تي زبانن ۾ نوان نوان لفظ ٺهندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح زبان جو موجود ذخيرو وڌي گهڻو ٿي ويندو آهي. هن ڏاڪي کي (Coinage) يا سڪن گهڙڻ وانگر لفظ گهڙڻ وارو ڏاڪو به چئبو آهي.

اسان جي ٻولي هن وقت ٽئين ڏاڪي تي پهچي چڪي آهي. فڪر ۽ سوچ جي وسعت، دنيا جي زبانن جي مطالعي، ٻاهرين ادب جي مطالعي، سائنس جي معلومات ۽ تصوراتي ادب (Fiction) ۾ نون نون تجربن ڪرڻ سان اسان جي زبان ۾ نوان الفاظ تمام گهڻا شامل ٿي رهيا آهن. هن وقت اسان جو ڪم آهي ته اسان زبان جي اهڙي واڌاري جو مطالعو ڪندا هلون ۽ انهيءَ جو حساب_ ڪتاب رکندا هلون ته ڪنهن مقرر وقت ۾ اسان ڪيترا نوان لفظ رائج ڪيا. هيءُ ڪم اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي ارتقائي اڀياس ۾ اڳتي هلي وڏو ڪم ڏيندو.

اهڙيءَ طرح پهريان ئي ڏاڪا به متعين ڪرڻ گهرجن. هن ڏس ۾ هڪڙو اهم ڪم هيءُ ڪرڻو آهي ته اسان جي زبان جي ابتدائي صورت ۾ جيڪي لفظ سڪا چالو هئا، انهن جو ڪاٿو به ڪرڻ گهرجي. ڇوته اُهي اسان جي زبان جا سچا سڪا آهن ۽ اسان جي اظهار جون مڪمل شڪليون آهن. اُهي لفظ زبان جي "ڪٽ" آهن ۽ انهن کان سواءِ زبان جو ڪم واڌارو ۽ پختو نه ٿيندو. هيءُ ڪم تمام گهڻي ڀاڱي "لوڪ ادب" کي سهيڙڻ وارن ڪري ڇڏيو آهي. هي ڪم ٻن نمونن سان ٿيو آهي: هڪ طريقو ته اهو آهي جنهن طريقي مطابق اسان جي ادب جي انهيءَ حصي کي جمع ڪيو ويو آهي، جيڪو اسان جي سماج ۽ معاشري ۾ ان جو سچو پچو اظهار ڪري رهيو هو. هي ڪم اسان جي عالمن ڪيو آهي ۽ انهن جي جيتري به تعريف ڪجي سا ٿوري آهي• ٻيو طريقو اُهو آهي، جنهن مطابق اسان جي نوجوان شاگردن ۽ اديبن ٻاهرين زبانن مان ورتل لفظن جي بجاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن کي سهيڙڻ جو ڪم ڪيو آهي. هنن لفظن مان گهڻا لفظ اهڙا آهن، جيڪي اسان جي زبان جي اصل صورت ۾ به موجود هئا، پر اسان ڪنهن طريقي سان انهن کي ڇڏي ڏنو هو. هن طريقي جي هڪ ڪوشش سال 70 _ 1969ع ۾ لاڙڪاڻي جي لطيف ڪچهريءَ به ڪئي هئي، جنهن جي هڪ ميڙ ۾ ڌارين لفظن جي بجاءِ سنڌي لفظ استعمال ڪرڻ جو ڪم ٿيو هو. ڪافي لفظ گڏ ٿي ويا هئا ۽ ڪم زور شور سان ٿي رهيو هو، پر ڪن حالتن جي ڪري ڪم رڪجي ويو. هن قسم جي ڪوشش رڳو سنڌ ۾ ڪانه ٿي هئي، پر ٻين زبانن جي گهڻگهرن به هيءُ ڪم ڪيو آهي. اهڙي ڪوشس جو مقصد هوندو آهي صاف، اصل ۽ نج زبان جو استعمال. هن جو قاعدو هي هوندو آهي ته ٻوليءَ جي بنيادي لفظن کي استعمال ۾ آڻڻ سان ٻوليءَ جي بنيادي صلاحيت بحال رهندي آهي ۽ اهڙو ڪم رڳو ٻوليءَ جي علم جي باب ۾ ڪيو ويو هو، پر ڪن ماڻهن هن ڪم ۾ به سنڌي قوميت کي اُڀرندو ڏٺو ۽ پوءِ ان کي هڪ سياسي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. گذريل دؤرن ۾ لطيف ڪچهريءَ (لاڙڪاڻو) جي گرانٽ بند ٿي ويئي، ان ڪري ڪم اڌ ۾ ئي رهجي ويو!

هن قسم جي ڪوشش کي يا ڇنڊڇاڻ (Purism) واري تحريڪ چئبو آهي.

• سنڌي لوڪ ادب جي اسڪيم متعلق جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪم ڪيو آهي. اڄ تائين سنڌي ادبي بورڊ پاران "لوڪ ادب" جا ٽيهارو ڪن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.





دنيا جي هر سڌريل زبان جي ترقيءَ لاءِ اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون آهن. هن ڪوشش سان ٻولي ٻين زبانن جي غلبي کان بچي ويندي آهي.

پر هن تحريڪ جو مقصد ڪٿي به نون لفظن جي ٺهڻ واري سياويڪ تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ نه هوندو آهي. البت اڌارن لفظن کي وٺڻ ۽ پنهنجن لفظن کي ڇڏي ڏيڻ واري خيال جي مخالفت هن تحريڪ ۾ موجود هوندي آهي ۽ اهو ڪو برو ڪم نه آهي. هر زبان کي پنهنجي مزاج ۽ پنهنجي انفراديت ۽ پنهنجي سڀاءَ واري حالت ۾ ترقي ڪرڻ گهرجي. "لاڙڪاڻي ادبي تحريڪ" ۾ ڪم ڪرڻ وارا نوجوان سلامت ۽ خوش بهار آهن، ۽ وڏو آدم رکن ٿا. هو ڪم ڪندا ته مڪمل ٿي ويندو، پر هيءُ ڪم سنڌ ۾ هر هنڌ پڻ ٿيڻ گهرجي.

حقيقت ۾ وڌڻ (Felexim) ۽ ڇنڊڇاڻ (Purism) کي گڏوگڏ ڪم ڪرڻ گهرجي، ڇو ته هي ٻيئي تحريڪون هڪٻئي جي ضد ۾ نه آهن.

ٻوليءَ جي اوسر ۽ تاريخ جي باب ۾ "حال کان ماضيءَ ڏانهن وڃڻ" واري اوٽو صاحب جي نظريي مطابق زبان جي قدامت واري سوال تي ڪي ٻيون ڳالهيون به ويچارڻ جهڙيون آهن. هن باري ۾ هڪڙو قانون هيءُ مقرر ڪيو ويو آهي ته، "زبان جي چاڙهاڪي يا اوسر ۾ ڏنگن ڦڏن ۽ پاڻ ۾ ڳتيل بيدولن جملن مان نڪري زبان کي سڌن سَنون باقاعدي گڏجڻ وارن ننڍڙن جملن ۽ لفظن ڏانهن وڌڻ جي هڪ اُڌتڻ موجود آهي." سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪرڻ وارن لاءِ هيءُ قانون به ڏاڍو اهم آهي. هن قانون پٽاندر اسان کي لکيل زبان جي اوائلي، هاڻوڪن ۽ وچولن دؤرن وارين تحريرن مان مثال وٺي هنن دؤرن جو هڪ تقابلي جائزو وٺڻو آهي ۽ ان مان اها ڳالهه ثابت ڪرڻي آهي ته قدامت کان جدت طرف ايندي اسان جي زبان ڪهڙا مرحلا طئي ڪيا آهن، انهن مرحلن طئي ڪرڻ ۾ ڪهڙن عنصرن ڪم ڪيو آهي ۽ هر تبديل ۾ ڪل وقت ڪيترو لڳو آهي. هن ڳالهه کي اسان مان ڪيئي ڄاڻو ماڻهو پنهنجي ريسرچ جي آڌار تي موضوع بڻائي ٿا سگهن، ۽ هن قسم جي ريسرچ اسان کي پنهنجي ادب جي چاڙهاڪي جي باري ۾ به وڏو ڪم ڏيندي. هن قسم جي ريسرچ مان وڏي دلچسپ ڳالهه اها ثابت ٿيندي ته اسان جي ٻوليءَ جي لفظن جي ڦيرگهير اچڻ وارو فعل ڪهڙي نوعيت جو آهي ۽ لفظ ڪيئن ٺهيا، ڪيئن بگڙيا ۽ ڪيئن جيئرا ٿيا آهن. هن بابت هڪڙو هي قانون به ياد رکڻ جهڙو آهي ته "جيترو ڪا زبان وڌيڪ سڌريل هوندي اوترو ئي ان ۾ نازڪ خيالن ۽ بندشن جي اظهار جي طاقت وڌيڪ هوندي." هن قانون کي

خيال ۾ رکي اسان پنهنجي شاعريءَ جي هڪ مستند تاريخ لکڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسون.

زبان جي تاريخ ۽ اوسر جي باري ۾ نثر ۽ نظم جي ارتقا جو مطالعو به هڪ ضروري قدم آهي. هن باب ۾ هڪڙو وڏو مرحلو هيءُ آهي ته آخر ائين ڇو آهي ته پراڻي زماني ۾ زبان جو وڏو ذخيرو نثر ۾ نه، پر نظم ۾ ملي رهيو آهي. حالانڪ نظم لاءِ ته تمام سڌريل زبان گهرجي، جنهن ۾ نازڪ خيالي ۽ بندش جي قوت پڻ موجود هئڻ گهرجي.

ٻوليءَ جي ڄاڻن هن سوال جو جواب هي ڏنو آهي ته تمام گهڻو اڳي زبانن جا لفظ ڊگها هئا ۽ معنيٰ جا وڏا حصا پاڻ ۾ مڪمل طور تي موجود رکندا هئا. هيءَ ڳالهه انهيءَ مان ثابت آهي ته پراڻي شعر ۾ لفظن جو تعداد اڄڪلهه جي شعر جي بنسبت گهڻو آهي. هن خيال مطابق پراڻا شاعر ٿوري ڪوشش سان هڪ مڪمل خيال پيش ڪري سگهندا هئا، ان ڪري هنن نظم کي ترجيح ڏني آهي. وري هيءَ ڳالهه به سمجهڻ گهرجي ته پراڻي ادب ۽ پراڻي شعر ۾ محاورا ۽ اصطلاح تمام گهڻا ٿا ملن ۽ اهڙي قسم جي زبان اظهار جي مڪمل طور تي پيش ڪرڻ ۾ مددگار هئي. هن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي ويئي آهي. چون ٿا ته جڏهن آڳاٽي زبان ۾ اصطلاح ۽ محاورا عام جام هئا، تڏهن انهن زبانن کي غريب ۽ اڻپوريون زبانون ڪيئن ٿو چئي سگهجي. محاورا ۽ اصطلاح ته بهرحال زبان جي ترقي يافته صورت جون نشانيون آهن. هن اعتراض جو جواب هي ٿو ڏنو وڃي ته محاورن يا اصطلاحن جي وجود جو سبب ئي آهي آسان طريقن سان اظهار ڪرڻ جي وسيلن جي کوٽ. ”شينهن جهڙو مڙس“ چوڻ يا ”شينهن مڙس“ چوڻ ٻوليءَ جي اعتبار کان ڏيکاري ٿو ته بهادريءَ جو اظهار سڌوسنئون ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن ساڳيءَ معنيٰ ڏيڻ لاءِ اسان سنڌي لفظ: وريام، وير، مٿير، هنياءَ وارو، اموٽ، اٽڙ، سورهيه، بهادر، جوڌو، ڀڄڻو، ڪوپو ۽ ٻيا لفظ استعمال ڪري سگهون ٿا ته پوءِ بهتر ائين آهي ته بالواسطه اظهار جو اهو طريقو جيڪو ”شينهن مڙس“ جهڙن محاورن ۾ آهي، تن کي ڇڏي اسان بلاواسطه اظهار اختيار ڪريون. بلاواسطه اظهار ڪرڻ لاءِ پڻ زبان ۾ هڪ تحريڪ چالو ڪئي ويئي آهي، جنهن کي (Simplification) يا ’سهل ڪاريءَ‘ واري تحريڪ سڏجي ٿو. ساڳيءَ تحريڪ جي نتيجي ۾ هڪ ٻي تحريڪ به شروع ٿي آهي، اها تحريڪ انگريزي زبان وارن ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪي آهي، هن تحريڪ کي





(Basic Language movement) يا بنيادي زبان واري تحريڪ سڏجي ٿو. هن تحريڪ مطابق ٿورن ۽ سادن عام فهم لفظن ۾ اظهار ڪرڻ کي اختيار ڪيو ويو آهي ۽ هن تحريڪ مطابق انگريزيءَ جا وڏا ۽ ڏکيا ڪتاب وري لکيا ويا آهن، جيڪي آسان، عام فهم ۽ ننڍا آهن.

زبان جي باري ۾ پوئين_ پيرين هلڻ واري طريقي مان اسان اهڙي زبان تائين ته ضرور پهچي وينداسون، جنهن جا لفظ ڊگها ۽ ٻي ٽُڪا هوندا. اهڙي زبان ان وقت جي لحاظ کان خيال ۽ معنيٰ جي باري ۾ گهڻو غريب نه هئي. انهن ماڻهن وٽ معنيٰ ۽ مطلب هو ئي ايترو جو هو ظاهر ڪري رهيا هئا. انهيءَ زبان ۾ لفظن کان وڌيڪ تعداد ته اهڙن آوازن جو هو جن کي هو معنيٰ ۽ مطلب لاءِ استعمال ڪندا هئا. اڄ به انسان خوشي، محبت ۽ جذبات ۾ اهڙي قسم جو آواز يا واڪا ڪري ٿو، جن کي لفظ ڪوٺي نٿو سگهجي، پر انهن مان ڪو نه ڪو مطلب نڪري ٿو. آڳاٽي سنڌي زبان ۾ ٻچڪر، ڳٽڪر، پٽڪي، هونگر، ڇڇڪر، ايگي، ڪڳي، پيڪي، الغار، سيندي ۽ ٻين اهڙن آوازن کي استعمال ڪيو ويندو هوندو، جيڪي اڄ به موجود آهن. جانورن کي هڪلڻ، تڙڻ، ڪاهڻ، جهلڻ ۽ گهلڻ جي لاءِ به آواز موجود آهن، جيڪي جدا جدا جانورن جي باري ۾ جدا جدا آهن. هي آواز زبان جو حصو نه آهن، پر ته به زبان جي فطرت ۽ جبلت ۾ هنن جو وڏو هٿ آهي.

انسان جو پهريون اظهار به جبلتن ۽ جذبات تي ٻڌل هڪ ڪيفيت جو اظهار هو ۽ اهائي ڪيفيت آهي جيڪا راڳ ۾ تمام ضروري ۽ پهرين ڪيفيت آهي. هاڻي سوال ٿو اُٿي ته جذبات مان به اُهي ڪهڙا جذبا هئا، جن جو اظهار اڳ ۾ ڪيو ويو هو. ڪن عالمن جو خيال آهي ته ٻک ۽ ڏک وارين حالتن جو اظهار اڳ ۾ ٿيو هوندو، پر ائين نه آهي ڇوته گمان اِهو آهي ته ههڙو آواز ندائي لفظن ۽ مختصر آوازن ۾ ئي ٿي ٿي سگهيو، پر پراڻا لفظ ڊگها آهن ۽ ڊگهن آوازن تي ٻڌل آهن.

جيسپرسن صاحب هن باري ۾ به هڪ رايو ٿو رکي. هن جو خيال آهي ته زبان جي ابتدا ڏک ۽ غم جي جذبن جي بجاءِ خوشيءَ ۽ موج مستيءَ جي اظهار سان ٿي آهي. هن باري ۾ محبت جي بنيادي احساس به ڪم ڪيو هوندو، ڇوته ڳائڻ واري ابتدائي زبان ۾ محبت جو اظهار وري به وڌيڪ آهي. جيسپرسن صاحب پنهنجي ڪتاب ”زبان، ان جي نوعيت، واڌارو ۽ بڻ بنياد“ جي صفحي 434 تي هيئن ٿو لکي:

”آڳاٽي زماني جي زبان ۾ مون کي ان وقت جا ٺهڪڙا ۽ خوشيءَ

جون الغارون ٿيون ٻڌڻ ۾ اچن. جنهن وقت ننڍڙا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سينڌ ۽ سڌ سان هڪٻئي جو ڌيان ڇڪائن ٿا، جنهن وقت هر شخص پنهنجو سريلو آواز ٿو آلاپي ۽ پنهنجو بهترين ناچ ٿو ڏيکاري ۽ ٻنهي اڪڙين سان پنهنجي لاءِ پسنديدگي ۽ واهه واهه جو اظهار ٿو ڪري. زبان ان وقت نهي هئي، جڏهن نر ماد هڪٻئي جي ويجهو ٿيا هئا. مون کي ائين ٿو سمجهه ۾ اچي ته پهرين گفتار بلبل جي منڙي لات ۽ ٻليءَ جي وٽندڙ 'ميائو ميائو' جي وچ ۾ ڪنهن نه ڪنهن آواز جهڙي هوندي."

هنن خيالن جي بنياد تي زبان جو گهڻو حصو ٿيو ۽ راڳ ۽ گيتن جي صورت ۾ پيدا ٿيو. پر رڳو محبت ئي اهو جذبو نه آهي جنهن زبان ناهڻ ۾ ڪم ڪيو؛ پر محبت کان سواءِ ٻيا به طاقتور جذبا آهن جن مان جوش ۽ خوشيءَ جهڙو جذبو اهم آهي. تمام آڳاٽا نظم ۽ گيت پڙهي ڏسبا ته معلوم ٿيندو ته اُهي شعر تمام طاقتور جذبن جي تحت چيا ويا آهن. انهن ۾ ڪنهن نه ڪنهن سورهيائي، فتح يا واقعي جي باري ۾ لکيو ويو آهي،اهو شعر Epic 'ايپڪ' جهڙو هو ۽ تمام مضبوط جذبن جي پيداوار آهي.

هربرٽ اسپيئر صاحب پنهنجي ڪتاب "Essay on the Origin of Music" ۾ پراڻن قومن جي راڳن جا چند موضوع ڏنا آهن. لکي ٿو: "ڪناري تي رهندڙ شيدي پنهنجي راڳ ۾ يا ته ڪنهن عشق جي ڪارنامي يا ڪنهن نه ڪنهن سهڻي عورت جو قصو بيان ٿا ڪن." اڳتي لکي ٿو: "اوپر آفريڪا جا ماڻهو پنهنجن راڳن ۾ اهڙا لفظ ٿا آڻين جن جي ڪا معنيٰ ڪانهي، پر انهيءَ حالت ۾ انهن لفظن کي انهيءَ حد تائين ٿا ڳائن جو آخر بيخود ٿي ٿا وڃن". غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته اسان جي موجوده 'وائيءَ' جي حالت به اهڙي آهي. البت ترقيءَ جي ڪري اسان جي وائي بامعنيٰ هڪ ادبي شيءِ آهي. سويڊن جو جونس استولٽ لکي ٿو: "مان اهڙو وقت به سنيران جڏهن جوان ماڻهو مرد يا عورت صبح کان سانجهيءَ تائين راڳ ڳائيندا وتندا هئا. انهيءَ زماني ۾ يا ته گهر ۾ آتڻ تي راڳ ٿيندو هو يا ٻنيءَ ۾ هر تي."

هن مان معلوم ٿو ٿئي ته آڳاٽي زماني جي راڳ جو موضوع نه اونهو هو ۽ نه حڪمت سان ڀريل هو. اهڙيءَ طرح انڊو آمريڪن ماڻهن لاءِ معلوم ٿو ٿئي ته انهن





جي زبان ۾ "راڳ لاءِ جيڪو لفظ استعمال ڪيو ٿو وڃي، انهيءَ جي معنيٰ هرويرو اهڙي ناهي، جنهن مان پتو پوي ته راڳ ۾ لفظن جو استعمال ڪيو ٿو وڃي. انهن جو واسطو زياده تر سر ۽ تار سان آهي، پر جيڪڏهن لفظ استعمال ڪيا به ويا آهن، ته به انهن جو ڪو مطلب ڪونه ٿو نڪري ۽ جملا اٽپورا آهن."

هتي راڳ مان اسان جو مطلب اُهو راڳ نه آهي، جيڪو هاڻي عظيم فن جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي، ڇوته فن تمام پراڻي راڳ کان بلڪل جدا شيءِ آهي.

اوٽو صاحب جو هڪڙو خيال هيءُ به آهي ته "آڳاٽي زماني ۾ مورتن ۾ هرهڪ نشاني يا ليڪ جو مطلب اهڙو هوندو هو جو ان مان سڄو جملو ٺاهي سگهندا هئا. انهيءَ جملي ۾ ڪنهن نه ڪنهن واقعي يا ڪنهن نه ڪنهن حالت جو بيان هوندو هو. اهڙين نشانين مان لفظ وجود ۾ آيا ۽ لفظن مان 'هرهڪ' نشانيءَ وانگر جدا لکڻ ۾ آيو. البت اُهي تحريرون اڄڪلهه جي تحريرن کان جدا هيون. هن کان پوءِ الف_ بي وارو طريقو رائج ٿيو، جنهن ۾ هرهڪ لفظ جدا آواز ٿو ٺاهي. جهڙيءَ طرح هنن لفظن جو اصل يا منڍ آهي، ليڪون يا نشانيون آهن. تهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي تاريخ اسان کي اهڙي هنڌ تي پهچائي جتي اسان تمام آڳاٽن جملن کي ننڍڙن آوازن ۾ ورهائي سگهنداسون."

اوٽو صاحب جو اِهو خيال ته اڳوڻي زبان جي حالت ۾ معنيٰ ۽ مطلب جو اظهار ضروري نه آهي، اهڙو آهي، جو ان سان اتفاق ڪري نٿو سگهجي. هو صاحب پاڻ به ايترو ته مڃي ٿو ته پراڻن راڳن جو مطلب وندر هو، پر ان هوندي به هو چوي ٿو ته لفظن جي وندر واري ضرورت ڪا معمولي ڪونهي. لفظ رڳو وات ۽ ڳلي جي ورزش ڪندي وجود ۾ آيا آهن. اوٽو صاحب اهڙيءَ طرح تفريح طبع ۽ وندر لاءِ ڪنهن معنيٰ ۽ مطلب کي ضروري نٿو سمجهي.

اوٽو صاحب ڊارون کان متاثر آهي ۽ ان ڪري ماڻهو ۽ ٻئي جانور جي اوسر (Evolution) کي هڪجهڙو ٿو سمجهي، ڇوته نظر ائين ٿو اچي. اسان جو خيال آهي ته انسان ۾ خيال، جذبي ۽ جوش جو اظهار نرالي طريقي سان ٿيو آهي ۽ ان ڪري اشارن واري زبان جو وجود مڃڻ جهڙو آهي. جيڪڏهن راڳ جو بنياد جذبا ۽ اُمنگ آهن ته جذبن ۽ اُمنگن جي حالت رڳو انسان سان لاڳو آهي ۽ اُهي شيون ڪنهن جانور جي حصي ۾ نه آيون آهن. تنهن کان سواءِ وندر ڪنهن نه ڪنهن مطلب ۽ معنيٰ حاصل

ڪرڻ ڪان سواءِ ڪيئن ٿي ٿي سگهي. جڏهن ٻہ ڪنهن شخص ڳايو هوندو تڏهن هو ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪن سڻو هوندو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ٻڌڻ واري ان جو ڪو مطلب ڪڍيو هوندو. اهوئي تہ سبب آهي جو پراڻي زماني ۾ گڏجي ڳائڻ عام جام هو. جنهن ٻہ جذبي جو اظهار راڳ ۾ ٿيو هوندو ان جو تعلق هڪ ماڻهوءَ سان نہ پر گهڻن سان يا عام ماڻهن سان هوندو. راڳ هن ڪري هڪ انساني تحريڪ آهي، ۽ تمام انسانذات جي هڪ گڏيل زبان آهي. اسان جو ويساهہ اِهو آهي تہ زبان جي بنيادي شڪل آهي ئي راڳ.

آخر ۾ عرض آهي تہ هرهنڌ تحقيق ٿي رهي آهي ۽ ٻولي اڄڪلهہ جي انسان جي تحقيق جو مرڪز بنجي چڪي آهي. عالم ويچاري رهيا آهن، ۽ ايتريءَ حد تائين جو اڄڪلهہ ٻوليءَ مان انسان جي طبيعت، ان جا لاڙا ۽ خود اڪرن جي شڪلين مان انسان جي من جا راز ٻہ پروڙجي رهيا آهن. نفسيات ٻہ هن ڪم ۾ مدد ڪري رهي آهي ۽ جدا جدا زبانن جو مطالعو ۽ وري ٻولي ۽ تهذيب جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ٻہ پروڙجي رهيو آهي. مون هت جو ڪجهہ ٻہ ڏنو آهي، موجوده دؤر جي تحقيق هن ڪان ٻہ اڳتي وڌي چڪي آهي. اسان کي گهرجي تہ ٻوليءَ جي معاملي تي، خاص طرح سنڌي ٻوليءَ جي مسئلي تي ٻہ محنت سان ڪم ڪريون.

هت جن مسئلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، سي بنيادي مسئلا آهن، پر انهن کي سمجهڻ سان وڌيڪ ڪم ڪرڻ ۾ ضرور مدد ملندي.

(مهراڻ: 1_ 1972ع)





# ٻولي ۽ ٻار

ٻوليءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ٻوليون بدلجنديون ۽ مٽبيون رهنديون آهن، پر ٻوليءَ ۾ جا بدل سدل يا ڦيرگهير اچي ٿي، تنهن جا سبب ٻہ تمام گهڻا آهن. اسان لاءِ اهو تمام ضروري آهي تہ اسان انهن سڀني سببن کي سمجهون، پر هن پيري اسان انهيءَ ڦيرگهير جو فقط هڪڙو سبب بيان ڪري سگهنداسون. ٻوليءَ جو پهريون مرحلو ٻاراڻي ٿهيءَ کان شروع ٿئي ٿو، ان ڪري زبان جي وڌڻ، ٺهڻ، بدلجڻ ۽ وري بڻجڻ ۾ ٻار جو حصو چڱو چوکو آهي. هاڻي ڏسڻو آهي تہ ٻوليءَ جي انهيءَ ڦيرڦار ۾ ٻار جو حصو ڪيترو ۽ ڪهڙو آهي؟

هن باري ۾ اڪابرن جا خيال ٻہ آهن: ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ ٻار جنهن عمر ۾ زبان سکندا آهن، ان عمر جي تقاضا ٻہ اها آهي تہ ٻار جي زبان پوري نہ پر اڌوگابري هجي. ان عمر ۾ ٻار مجبور آهي تہ ڳالهائڻ ۾ جا ٻولي واپرائي، تنهن ۾ چڪون ڪندو وڃي. اُهي ئي چڪون آهن جيڪي اڳتي هلي ٻوليءَ ۾ تبديليءَ جو سبب بڻجي پونديون آهن.

ٻيءَ ڌُر وارن جو چوڻ آهي تہ زبان جي ڦيرگهير ۾ ٻارن ويچارن جو ڪو هٿ ڪونهي، ڦيرگهير جا سبب ئي ڪي ٻيا آهن.

هن باري ۾ عرض آهي تہ جن طريقن سان هڪڙي نسل جي ٻولي ٻئي نسل تائين ٿي پهچي، انهن مان هڪڙو طريقو آهي "اهل" جو يا نقل ڪرڻ جو. (اهل کي سنڌيءَ ۾ آهل ٻہ چيو ٿو وڃي) پر طريقا ٻيا ٻہ آهن ۽ اُهي ٻہ زبان جي هن پنڌ ۾ زبان تي اثر ڪندا ٿا وڃن. اهل يا نقل ۾ هڪڙي ڳالهہ اُها آهي تہ ان ۾ هر ماڻهوءَ کان چڪون ٿي ٿيون سگهن. اُهو هن طرح جو جيڪڏهن هڪڙو چوي ٿو "سنهڙو" تہ ٻيو "سنرو" ٻہ چوندو، توڙي جو پهرئين لفظ جي پوري اهل جي ڪوشش ڪندو، ڇوتہ "ھ" جو اُچار پهرئين لفظ ۾ ايترو لِڪل ۽ ايتريقدر معمولي آهي جو نُون کان پوءِ ان جو اُچار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. هي مثال عام جام آهي، پر هھڙي مثال مان ظاهر آهي تہ زبان کي ڏاڍو ڇيهو ٿو رسي. "سنهڙو" لفظ تہ قد بت يا اڏاوت سان واسطو ٿو رکي، پر "سنرو" لفظ جي معنيٰ آهي، مچاڻ، ٻڌڻ ۾ تيز، "سپڙڪنو ۽ ڦڙت". چڱي

صحت واري ٻار کي بہ ”سنرو“ چوندا آهيون. پر غلطيءَ جو هي مثال اهڙو آهي جو هن جو شڪار نہ رڳو ٻار پر وڏا بہ ٿي تا سگهن. توڙي جو ٻارن جي باري ۾ هيءَ غلطي عام چئي ٿي سگهجي. ههڙيءَ غلطيءَ کي درست ڪرڻ جي ڪوشش تمام ضروري آهي، نہ تہ ٻيءَ حالت ۾ زبان جو بنياد ۽ اصل ئي ميٽجي ويندو.

ٻارن جي معاملي ۾ هيءَ غلطي اهڙي آهي، جو ٻار ويچارا مجبور آهن. ۽ ان ڪري ههڙي چُڪ ۽ ان جي ڪري زبان ۾ تبديلي فطري ۽ سياويڪ آهي. پر چڱي ڳالهہ آهي جو هڪ تبديليءَ جي ڪري ٻوليون تمام گهٽ بدلجي ۽ ڦري سگهيون آهن، چوتہ هن چُڪ کي ڪنهن نہ ڪنهن منزل تي درست ٿيڻ جو موقعو ملي ٿو وڃي. پر تڏهن بہ اها ڳالهہ وسهڻ جهڙي آهي تہ ٻوليءَ ۾ بدل سدل جو هڪڙو ڪارڻ اُها غلطي آهي، جيڪا ٻار ڪري ٿو.

ٻار جي هن غلطيءَ ڏي ڌيان سڀ کان اڳ سويٽ صاحب ڏنو هو. هي صاحب وڏي تحقيق کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتو هو. تہ ٻارن جي اهل ۽ نقل ڪرڻ جي ڪري، زبان تي ڪو اثر ڪونہ ٿو پوي. هن جو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن ٻار ڪا غلطي ڪري بہ وجهندو تہ اُها غلطي گهڻي وقت تائين چو هلندي ۽ اُها غلطي درست چونہ ٿي ويندي. سويٽ صاحب جائي ٿو چوي. سماج ٻار جي زبان جي غلطي درست ڪري ٿو ڇڏي، پر تڏهن بہ ٻارن جون غلطيون سندن زبان ۾ گهڻو وقت هلنديون رهيون آهن ۽ انهن، زبان جي چڱي حصي تي اثر ڪيو آهي، اها ڳالهہ مڃبي.

سويٽ صاحب جنهن نڪتي ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي، اُهو آهي ”سنوار“ وارو خيال. سنوار جو اصول زبانن ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي، ۽ ان اصول پٽاندر نہ رڳو ٻار پر وڏو بہ زبان جي سنوارڻ جي ڪم ۾ مدد ڪري ٿو. جيڪڏهن زبان جي تاريخ ۾ سنوار کي دخل نہ هجي ها تہ پوءِ ٻولي هيٺ ڪِرندي وڃي ها ۽ اجوڪيون زبانون ڪنهن دٻي ۾ نڪرين جي آوازجي آواز جهڙيون هجن ها!

”سنوار“ (Correction) ٻن طريقن سان ٿئي ٿي. پهريون طريقو اُهو آهي تہ ٻڌڻ جي حس ۽ وسيلي مطابق آواز ٻڌڻ وارو آواز جهتي ٿو. ۽ پوءِ ذهن اُن کي هٽ ڪري ٿو ۽ ان کان پوءِ ذهن اُن آواز کي وري اُچارڻ لاءِ ضرورت ماتحت آوازجي عضون کي تحرڪ ۾ ٿو آڻي. غلط اُچار کي ذهن قبول نٿو ڪري، چوتہ هن وٽ هڪ وڏيڪ پختو ۽ موزون آواز بہ موجود آهي، جنهن کي هن سماج جي سَندَ مان قبول ڪيو آهي. ان ڪري پنهنجي طرفان واپرائڻ وقت ذهن غلط آواز کي ۽ اُچار کي درست ڪري ٿو





وڃي. هي طريقو سياويڪ آهي ۽ هن ۾ ڪنهن بہ تربيت جي ضرورت ئي ڪانہ ٿي پوي.

سنوار جو ٻيو طريقو آهي تعليم ۽ تربيت وارو طريقو. هن طريقي ماتحت برک زباندان ۽ ٻوليءَ جا ماهر ڪي قانون ٺاهي رکندا آهن. جن ماتحت زبان ۾ غلط اُچارن ۽ لفظن جي غلط استعمال ۽ جملن جي غلط ستا کي سنواري سگهبو آهي.

سويٽ صاحب کان سواءِ ميرنجر صاحب بہ انهيءَ ڳالهہ کي ٽيڪو ڏنو آهي تہ زبان جي معاملي ۾ ٻارن جو ڪوبہ هٿ ڪونہ آهي. هو صاحب چوي ٿو تہ ٻولي بہ هڪ سماجي معاملو آهي، ان ڪري ان تي اثر فقط سماج جي طاقتور حصي جو پئجي ٿو سگهي. جهڙيءَ طرح سماجي زندگيءَ جي ٻين معاملن ۾ مٽ سٽ جو سبب، بالغ مرد ۽ عورت آهن، تهڙيءَ طرح زبان واري معاملي ۾ فقط انهن کي ئي دخل حاصل آهي. زبان جي معاملي ۾ بالغ عورتن ۽ مردن جو جيڪو حصو آهي، اهو پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم معاملو آهي، ۽ ان تي هڪ وڏيڪ مضمون لکڻ جي ضرورت آهي. هت فقط ايترو چوڻو آهي تہ ٻارن کي بہ سماج جي ستا ۾ وڏو هٿ آهي. سماجي زندگيءَ جا ڪيترائي اهڙا معاملا آهن، جن تي ٻارن جي حالتن جو ۽ زندگيءَ جو اثر ٿئي ٿو. ٻوليءَ جي معاملي ۾ تہ ٻار بنيادي پٿر جي حيثيت رکي ٿو، ان ڪري ائين چوڻ تہ ”ٻوليءَ سان آخر ٻارن جو ڇا؟“ سا ڪجهہ اٽسوهندي ڳالهہ آهي.

وڏيڪ وزنائتو خيال، اوٽو جيسپرسن جو آهي. هن صاحب جو خيال آهي تہ زبان ۾ مٽ سٽ جو وڏو سبب هي آهي تہ ماڻهو جنهن وقت ڪنهن ڳالهہ تي ڳالهائيندو ٿو وڃي، تنهن وقت هيئن ٿو ٿئي، جو ڪنهن معنيٰ جي اظهار لاءِ وٽس هڪدم موزون ۽ مروج لفظ هڪيا تڪيا حاضر نٿا رهن. ان ڪري هو پنهنجي ذهن جي زور تي ساڳيءَ معنيٰ جي اظهار جي لاءِ نوان لفظ ٺاهي ٿو وٺي. اهڙيءَ طرح اهڙو ماڻهو بيخبريءَ ۾ هڪ انقلاب جو بنياد ٿو رکي، جو اڳتي هلي پنهنجي جاءِ پاڻ ٿو ٺاهي. هن ڳالهہ جي بنياد تي اوٽو صاحب هن خيال جو آهي تہ زبان ۾ ڦيرگهير جي لاءِ جيتريقدر ٽن سالن جو ٻار جوابدار آهي، اوتريقدر ٽياسي سالن جو پوڙهو.

هن باري ۾ هرزاگ صاحب جو خيال بہ ويچارڻ جهڙو آهي. هرزاگ صاحب جو نظريو صوتي تبديلين جي اصول تي قائم ڪيو ويو آهي. هن صاحب جو خيال آهي تہ زبان ۾ صوتي تبديليون ان ڏاڪي تي ٿيون اچن جنهن تي اهل يا نقل ڪم ڪندا آهن، توڙي جو ٻار اهل ڪرڻ ۾ غلطي نٿا ڪن. هن صاحب جي خيال ۾ ٻاراڻي

ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ڳالهائڻ وارن عضون جي ڪمزور، نامڪمل ۽ اڻپوري هئڻ جي ڪري ڪي اهڙيون ڳالهيون رهجي ٿيون وڃن، جيڪي ٻار وڏي ٿيڻ کان پوءِ وري سنواري ٿو وٺي. اهڙيءَ طرح هڪڙي نسل کان ٻئي نسل تائين ٻولي وڃي ٿي بگڙندي ۽ سڌرندي، تان جو ڪي تبديليون پنهنجي جاءِ پڪي ڪري ٿيون وٺن ۽ ٻوليءَ ۾ هڪ پڪي تبديلي اچي ٿي وڃي. هرزاگ صاحب جي نظريي جو بنياد هن ڳالهه تي آهي ته ڳالهائڻ وارن عضون جي نِنڍِ وڏائي ۽ ڊول هر ٻار ۾ پنهنجو پنهنجو هوندو آهي، ان ڪري ساڳئي لفظ کي جدا جدا ٻار جدا جدا نمونن سان اچارڻ لاءِ مجبور آهن.

هن صاحب جي خيال کي به ردڪد ڏنو ويو آهي. چون ٿا ته ڳالهائڻ وارن عضون جي ننڍ_وڏائيءَ جو معاملو ايترو اهم ته نه آهي، جيترو هرزاگ صاحب سمجهيو ويتو آهي. ڳالهه هيئن آهي ته ٻار زبان سکي ٿو ٻڌڻ سان. ان ڪري جيڪڏهن شروعات ۾ هن کان ڪا غلطي ٿي به ويئي ته به هو اڳتي هلي اها غلطي سڌاري ويندو. حقيقت هيءَ آهي ته ٻار جي چوڌاري سيني عمرين جا ماڻهو رهن ٿا، ۽ هو سيني عمرين جي ماڻهن وٽان زبان سکي ٿو. ان ڪري ٻار جي غلطيءَ جو پڪو ٿي وڃڻ، چون ٿا ته مڃڻ جهڙي ڳالهه نه آهي.

اهل ۽ نقل جي معاملي کان پوءِ وري ٻيو معاملو آهي چيٻاڙن ڪڍڻ، يا ويچارن ڪڍڻ جو. چيٻاڙن ۽ ويچارن ڪڍڻ ۾ هڪڙي ماڻهوءَ جي جملي، آواز يا لفظ کي ورجايو ويندو آهي، پر اهڙيءَ طرح جو ورجائڻ وارو پنهنجن چپن، ڄڀ ۽ ڳلي کي رواجي صورت مان ڦيرائي ٻي صورت ڏيندو آهي، ان ڪري ورجايل جملي، لفظ يا آواز جي ادائگي نهايت ئي نرالي نموني ۾ ٿيندي آهي. زبان جي آوازن، اچارن ۽ ادائگيءَ جو هي طريقو مصنوعي آهي ۽ هٺرادو آهي. اسان وٽ هن کي برو سمجهيو ٿو وڃي، پر ان هوندي به اسان کي هن طريقي جو اڀياس ضرور ڪرڻ گهرجي. اسان جي پنهنجي تجربي جي ڳالهه آهي ته ويچارا يا چيٻاڙا اڪثر ٻار ڪيندا آهن، ۽ وڏن ۾ هن قسم جي عمل کي ورلي ڏٺو ويو هوندو. هاڻي ڏسڻو آهي ته ٻار هن قسم جو عمل ڇوٿا ڪن.

چيٻاڙن ڪڍڻ جو پهريون سبب ته اهو آهي ته هرڪو ٻار پاڻ کي ٻئي جي نسبت زبان جو بهتر ڄاڻو تصور ڪري ٿو، ۽ سمجهي ٿو ته ان ڪري هو ٻئي جي ٻوليءَ ۽ ڏنَڪ يا لهجي تي ٽوڪ ٿو ڪري، ۽ اڳلي کي ٻڌائي ٿو ته هن جي ڏنڪ اهڙي آهي، جا هو چيٻاڙن ڪڍڻ سان ڪري ٿو. ظاهر آهي ته هھڙي قسم جو عمل ٻارن ۾ اندر ئي اندر ڳجهه ڳوهه ۾ هڪ ڇتاپيتيءَ جي ثابتي ڏئي ٿو، جيڪا زبان سکڻ ۾





ٻارن جي وڏي مدد ٿي ڪري.

پر اسان جي ماحول ۾ وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته اسان چيٻاڙن کي گار سمجهندا آهيون. اسان جو هي تصور ڏيکاري ٿو ته اسان پنهنجي زبان جي قابليت کي، پنهنجي عزت جو سوال بڻايو آهي. ان ڪري پنهنجي لهجي، لوڏ ۽ ڏنڪ تي ٺٺول ڪرڻ کي اسان پنهنجي عزت جو معاملو سمجهي رهيا آهيون. اسان کي معلوم آهي ته ٻارن ۾ چيٻاڙن ڪڍڻ ۽ ويچارن ڪرڻ تي اڪثر جهڳڙو ٿيندو آهي.

هن کان پوءِ اچون ٿا ٻارن کي ٻولي سيکارڻ جي ڪن طريقن تي.

ٻار جن طريقن سان ٻولي سکي ٿو تن مان ڪي ته سپاويڪ آهن ۽ انهن ۾ ٻار جي ويجهڙي ماحول جو ڪو هٿ ڪونه آهي. اُهي طريقا آهن ٻار جي سپاويڪ ۽ فطري قوتن ۽ صلاحيتن وارا، ۽ انهن ۾ خود ٻار جي پنهنجي ڪوشش جو به ڪو هٿ نه آهي. انسان جي جسم جي نظام جو هڪ وڏو راز هي آهي ته ڪيترائي عضوا خود اسان جي پنهنجي ضابطي کان ٻاهر آهن، ۽ اهي ڪنهن اهڙي مخفي نظام جي تحت هلن ٿا، جنهن سان اسان جو ڪو واسطو ڪونهي. ڄمڻ کان پوءِ ڪجهه عرصي تائين ٻار جا سڀ عضوا ڪم ڪن ٿا، پر پنهنجي فطري حالت ۾ ڪن ٿا ۽ انهن تي ٻاهرين دنيا جو اثر ڪونه ٿو ٿئي. هن حالت ۾ وڏي ۾ وڏو ڪم، ڪن ۽ اکيون ٿا ڪن. جو به آواز پيدا ٿئي ٿو سو ڪَنَ ٻڌن ٿا، ٻار چاهي يا نه چاهي اکين جي ڏسڻ جو ڪم به انهن جي قوتن جي آهر پنهنجو پاڻ ئي ٿئي ٿو. اسان چاهيون يا نه چاهيون، پر اکيون ضرور ڏسنديون. (جيڪڏهن انهن کي بند نه ڪيو وڃي) هاڻي چاڪاڻ ته زبان جي معاملي ۾ ٻڌڻ واري فعل کي وڏي ۾ وڏو هٿ آهي، اها ڳالهه مڃڻ جهڙي آهي ته زبان جو ڳچ جيترو حصو ٻار سپاويڪ وسيلن سان سکي ٿو ۽ هي وسيلا ايترا مضبوط آهن، جو هنن جو مقابلو ڪوبه هٺرادو وسيلو ڪري نه سگهيو آهي. زبان سيکارڻ جا جيڪي هٺرادو وسيلا اڄ تائين آزمايا ويا آهن، انهن ۾ به سپاويڪ وسيلن کان وڏي مدد ورتي ويئي آهي. مثال طور (Direct method) سڌوسنئون طريقو جيڪو ٻوليءَ سيکارڻ لاءِ يورپ ۾ ۽ اسان وٽ استعمال ڪيو ويو آهي، ان ۾ وڏي ۾ وڏو خيال اهو رکيو ويو آهي ته ٻار کي سپاويڪ طريقن مان فائدي وٺڻ جي وڏي ۾ وڏي سهولت موجود ڪري ڏني وڃي. اهوئي سبب آهي جو سڌي سنئين طريقي ۾ ٻڌڻ جي مشق کي بنياد طور قبول ڪيو ويو آهي. مادري زبان ۾ ته هي طريقو پنهنجو پاڻ ئي ڪم ڪري ٿو، پر ڌاريءَ زبان ۾ هن طريقي کي ڪم ڪرڻ لاءِ خود آواز پيدا ڪرڻ، ڳالهائڻ ۽ اُچارڻ جي

عملن کي سڌاري پوءِ استعمال ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻار، جو ڪجهه ٻڌي ۽ حاصل ڪري سو ٻي عيب ۽ سنيءَ ٻوليءَ جو مواد هجي. انڪري سڌي سنئين طريقي جي تحت زبان سيکارڻ وارو زبان جي پاڙهڻ جي علم جو ماهر ته هوندو آهي، پر ان کي زبان جي مهارت به حاصل ڪرڻي پوندي آهي. هنن ڳالهين کان پوءِ پاڙهڻ وارن لاءِ رڳو اها ڳالهه ضروري آهي ته جا معياري ۽ مڪمل ٻولي هو پاڻ ڳالهائن تا تنهن جي ٻڌڻ جو موقعو ٻارن کي موجود ڪري ڏنو وڃي. اهوئي سبب آهي جو ڌاريءَ زبان جي پاڙهڻ وارو ڪلاس ۾ وڏي ۾ وڏو زور ڇوڻ ۽ چوائڻ تي ڏيندو آهي. هي طريقو به سياويڪ طريقي جو مقابلو ڪري نه سگهيو. ان ڪري انگريزي زبان جي تعليم پاڪستان ۾ ناڪام ٿي ويئي. وڏو مونجهارو هن ڪري پيدا ٿيو جو ٻار مادري زبان جي مقابلي ۾ ڌاريءَ زبان کي قبول ڪري نه سگهيا. خاص ڪري انهيءَ حالت ۾ جو ٻنهي زبانن جي سکڻ جو عمل ٻار ساڳئي وقت ڪري رهيو هو. هن جي لاءِ اهو مشڪل هو ته هو فطري ۽ سياويڪ طريقن جي مقابلي ۾، مصنوعي طريقن ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏئي. ڪلاس ۾ ڪوبه شاگرد وڌ ۾ وڌ ڏيڍ ڪلاڪ روزانو زبان جي طرف متوجهه رهي ٿي سگهيو، پر ٻاهر هرڪو ٻار چوويهن ڪلاڪن مان باقي سڄو وقت پنهنجي مادري زبان جي ماحول ۾ رڌل ٿي رهيو، ان ڪري ڌاريءَ زبان کي هو پنهنجي فطري قابليت ۾ شامل ڪري نه سگهيو.

پر اجا به وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته ٻوليءَ جو معاملو ٻار جي لاءِ ڪلچر جو معاملو به هو. ان ڪري جنهن وقت سنڌ ۾ انگريزيءَ جو ڪلاس شروع ٿئي ٿو، ان وقت هڪ ئي ڪلاس ۾ رڳو ٻه ٻوليون نه، پر ٻه ڪلچر به ڪم ڪري رهيا هئا. انهن ٻن مان هڪڙو ڪلچر ته ٻار جو پنهنجو ۽ ويجهو ڪلچر هو، ۽ ٻيو اهو ڪلچر هو جو ٻوليءَ جي معرفت يعني بالواسطه ٻار جي ذهن ۾ داخل ڪيو ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته ٻار جي ذهن ۾ پنهنجي ڪلچر کان سواءِ ڪنهن به ٻئي ڪلچر جي جاءِ موجود نه هئي، ان ڪري هو انگريزي سکڻ کان پوءِ به سنڌي رهيو، ۽ ان ڪري انگريزي ٻوليءَ کي به جيءَ ۾ جاءِ ڏئي نه سگهيو.

وري هڪ ڳالهه هيءَ به آهي ته طريقو ڪهڙو به هجي، پر ٻوليءَ جي سکڻ ۾ وڏو سوال آهي سوچڻ جو. اسان وٽ جنهن وقت ٻار انگريزي دهرائي رهيو آهي، ان وقت به هو سنڌيءَ ۾ سوچي رهيو آهي، جا ڳالهه هن لاءِ سياويڪ آهي، ان ڪري اسان جو ٻار سنڌيءَ جي مقابلي ۾ ڪنهن به ٻيءَ ٻوليءَ کي قبول ڪري نٿو سگهي.





وري ٻي وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته ٻار جي سيني صلاحيتن مان ٻولي سکڻ واري صلاحيت ئي آهي، جا ٻوليءَ سکڻ ۾ ٻار جي مدد ڪري سگهندي. جيڪڏهن هڪڙي صلاحيت کي جدا جدا زبانن جي سکڻ ۾ صرف ڪبو ته پوءِ ظاهر آهي ته ڪنهن به هڪ زبان جي طرف ٻار جو توجهه مڪمل طور تي وڃي نه سگهندو، ان ڪري سڄي صلاحيت ورهائجي ويندي، ۽ ٻار ڪابه ٻولي پوري صلاحيت سان حاصل ڪري نه سگهندو. ان ڪري ٻوليءَ جي قابليت ٻار ۾ پوريءَ طرح پيدا نه ٿيندي. يعني هو ڪنهن به زبان ۾ مهارت حاصل ڪري نه سگهندو. اهڙيءَ حالت ۾ وري به هن جي وڏي ۾ وڏي صلاحيت مادري زبان ۾ هوندي ۽ ان ڪري، باوجود تعليم جي سڌريل طريقن جي به، اسان جو ٻار هڪ زبان جو ڄاڻو ئي رهندو.

هنن خطرن کي پاڪستان ۾ انگريزي زبان پاڙهڻ وارن گهڻو اڳي ئي محسوس ڪيو هو. ان ڪري هن صديءَ جي پنجين ڏاڪي ۾ اسان جي تربيتي ادارن ۾ ٻولين پاڙهڻ وارا استاد روزانو اها ڳالهه ڪندا هئا ته انگريزيءَ جو معاملو ته رڳو ايترو آهي ته هُن ٻوليءَ کي ڪم هلائڻ لاءِ سکڻ گهرجي. جنهن جو مطلب اِهو هو ته ڪم جيڪڏهن هلي ٿي سگهيو ته رڳو انگريزي ٻوليءَ ۾ ۽ نه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ظاهر آهي ته اهو تاثر به برٽش ڪائونسل جو پيدا ڪيل ۽ ڏنل هو، ۽ اهڙو تاثر ڏيڻ هنن لاءِ ان وقت تمام ضروري هو، ڇوته پاڪستان انگريزي ٻوليءَ کي مادري زبان جي مقابلي ۾ رکڻ ۾ ناڪام ٿي رهيو هو.

ان کان پوءِ زبان پاڙهڻ ۽ ڌاريءَ زبان پاڙهڻ جا نظريا اسان جي ملڪ ۾ ڦري ويا، پر اسان جي آفيسر صاحبن ۽ وڏن ماڻهن وقت جي هن حقيقت کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ وڌ ۾ وڌ تعداد ٻارن جو انگريزي اسڪولن ۽ Convents ۾ وڃڻ لڳو.

اڄ حالت هيءَ آهي جو سيني زبان جا ماهر متفق آهن ته تعليم رڳو مادري زبان ۾ ڏئي ٿي سگهجي، ۽ ڏيڻ گهرجي، پر اسان جي ملڪ جي انگريزي اسڪولن ۾ اڄ به ٻار وڏي انداز ۾ شامل ٿي رهيا آهن.

پاڪستان ۾ تعليم جي ناڪاميءَ جو وڏو سبب ته اهو آهي ته ٻار کي مادري زبان کان ڇني ۽ جدا ڪري ڌاريءَ زبان جي ٻوهي ۾ ڏنو ويو آهي. يورپ ۽ آمريڪا ۾ سائنس ۽ فني تعليم جي ترقيءَ جا جيڪي سبب آهن، انهن مان هڪ ته هي آهي ته هنن ملڪن ۾ تعليم انگريزيءَ ۾ ڏني ٿي وڃي، جيڪا اُتي مادري زبان آهي، ان ڪري انهن ملڪن ۾ ٻارن کي ڪلچرن جي مقابلي ۾ صلاحيتن جي تفريق

جو شڪار ٿيڻو ڪونہ ٿو پوي.

ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾ ٻاتائڻ جو معاملو بہ ڏاڍو دلچسپ آهي. ٻاتائڻ جو سبب ماهر اهو ٿا ٻڌائن تہ ٻار جا ڳالهائڻ وارا عضوا ۽ خاص ڪري زبان، پوريءَ ريت ڪم نٿي ڪري، ان ڪري ٻار لفظ جو اُچار صحيح ڪري نٿو سگهي. ٻاتائڻ لاءِ ٻار جي پوري جسماني صحت کي بہ جوابدار ٺهرايو ٿو وڃي ۽ ان جي ويجهڙي ماحول کي بہ ٻاتن ٻارن جي وچ ۾ پلجڻ وارو ٻار بہ ٻاتائي ٿو، توڙي جو پنهنجي جاءِ تي هو ٻاتو نہ آهي. ڪمزور ۽ هيڻو ٻار بہ پنهنجا چپ ۽ زبان پوريءَ ريت ڪم آڻي نٿو سگهي، ڇوتہ ڪي بيماريون بہ اهڙيون آهن جن جو اثر زبان ۽ چپن تي پوي ٿو. پر ٻاتائڻ وارو ٻار بہ لفظ جو غلط اُچار ۽ آواز قبول نٿو ڪري. ماحول ۾ ٻوليءَ جي معيار مطابق قبول ڪيل اُچار ٻار جو بہ قبول ڪيل اُچار آهي، توڙي جو هو درست اُچار پاڻ ڪري نٿو سگهي. اسان جي سامهون اهڙا مثال بہ آهن، جن ۾ اسان ڏٺو آهي تہ جيڪڏهن هڪڙو ٻاتو ٻار "ٻڪريءَ" جو اُچار "ٻتڙيءَ" جهڙو ٿو ڪري تہ ٻيو ٻاتو ٻار بہ ان جي اُچار کي درست ڪرڻ لاءِ پاڻ بہ "ٻتڙي" ٿو چوي، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ ٻار جي ذهن ۾ لفظ جو اُچار جيڪو موجود آهي، سو معياري ۽ قبول ڪيل آهي، پر اُها رڳو هن جي زبان جي هٻڪ آهي، جنهن جي ڪري هو اُچار کي درست نموني ۾ ظاهر ڪري نٿو سگهي. اهڙيءَ حالت ۾ اهو نظريو تہ ٻار جي غلط اُچار ڪرڻ جي ڪري ٻوليءَ ۾ تبديلي اچي ٿي وڃي، ڪجهہ وزندار معلوم نٿو ٿئي.

صوتي تبديلين وارو ويچار هن ڪري بہ پختو نہ آهي، جو انهن تبديلين جي باوجود بہ زبان جي گنج ۾ ڪو فرق ڪونہ آيو آهي. رڳو سنڌ ۾ ئي لوڙا، ڏنڪون ۽ لهجا ڪيترائي آهن، پر تہ بہ زبان جو گنج انهن کان متاثر نہ ٿيو آهي، ۽ پوري زبان پنهنجي گنج هيٺڻ واري حيثيت ۾ باقاعدي ڪم ڪري رهي آهي.

هن وقت تائين اسان ڏٺو آهي تہ ٻار جي مجبورين، عادتن ۽ بيمارين يا ٻين سياويڪ حالتن جي ڪري، ٻوليءَ جو گنج متاثر نٿو ٿئي، پر تہ بہ ٻوليءَ جي بيهڪ ۽ ٻاهرينءَ شڪل ۾ تبديل جا اهڃاڻ ملن ٿا. معياري زبان اُها آهي جا عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪم اچي ٿي، ۽ اهڙي زبان ۾ اسان ڪيترائي اهڙا اهڃاڻ معلوم ڪري ٿا سگهون، جن مان ثابت ٿو ٿئي تہ ٻوليءَ جي ٻاهرين شڪل ۾ تبديلي اچي ٿي سگهي. سو هيئن جو ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جن جي اڳياڙي ڪٽجي ٿي وڃي، ۽ ڪيترائي ٻيا اهڙا آهن، جن جي پڇاڙي. ٻنهي قسمن جي تبديلين جا سبب جدا جدا ڪري ٿا





سگهجن. لفظن جي اڳياڙي ڪٽجي وڃڻ لاءِ سبب هي ٿو ٿي سگهي تہ ٻار ٻڌل لفظ جو رڳو پڙلاءُ يا پڙاڏو ٿو ٻڌي، ڇوتہ آواز هوا ۾ تحليل ٿي ٿو وڃي، ۽ ڇاڪاڻ تہ ٻار ۾ اڃا جهٽڻ ۽ هٽ ڪرڻ واري صلاحيت نامڪمل آهي، ان ڪري هو يا تہ لفظ جو اڳيون حصو ٻڌي ئي ڪونہ ٿو، يا ٻڌي ٿو تہ پوءِ جهٽي نٿو سگهي، يا جهٽي ٿو تہ هٽ ڪري نٿو سگهي، يا هٽ ڪري ٿو تہ ورجائي نٿو سگهي. ان ڪري ٻار ٻڌل لفظ جڏهن وري ٿو ورجائي يا چوي تہ لفظ جو پويون حصو وڌيڪ چٽو ٿو چوي، يا ٻنهين چوي ئي اُهو ٿو ۽ اڳيون حصو ڇڏي ٿو وڃي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻار جي اڳيان جڏهن لفظ "ابا" چيو ٿو وڃي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي صلاحيت مطابق الف واري حرف علت کي ڊگهو ڪيو نٿو وڃي، ۽ اُن ڪري لاشعوري طور تي بہ الف تي بيهڪ ۽ زور نٿو ڏنو وڃي، ان ڪري ساڳيو اُچار جڏهن ٻار ٻڌي ٿو تڏهن ساڳي ئي اصول تحت هو لفظ جو اُهو حصو وڌيڪ ٿو هٽ ڪري، جنهن ۾ حرف صحيح يعني "ب" جو استعمال ٿيو آهي. ان ڪري ابا لفظ جو اُچار سنڌي ٻار اڳ ۾ "ب" ڪندو ۽ تنهن کان پوءِ اڳتي هلي "با" ڪندو ۽ "ابا" رڳو تڏهن چوندو، جڏهن هو وڏو ٿي ويندو ۽ ٻاراڻي اوستا ۾ نہ رهندو. اهڙيءَ طرح لفظ "اما" ۽ "اڙي" ۾ بہ پهريون اکر الف ٻار ڪيرائي ٿو ڇڏي. ٻار جي هن سياويڪ مجبوريءَ جو اثر اسان جي ٻوليءَ جي سٽا تي اهو پيو آهي، جو اسان جي ڳالهائڻ واري ٻوليءَ ۾ لفظ "ما"، "با" ۽ "ڙي" عام اَستعمال ٿي رهيا آهن.

وري ڪٿي ڪٿي حرف صحيح کي بہ اسان ڇڏي ڏنو آهي، جيئن لفظ "عبدالرحمان" کي اسان "عد رحمان" ٿا چئون، جيئن لفظ ابراهيم ۾ اسان "الف" کي ڪيرائي ۽ "ي" کي ڪائي اسان رڳو "براهم" وڃي بچايو آهي. اهڙي قسم جي "ڪتر" جو سبب رڳو ٻار نہ آهن، پر وڏا بہ ڪن اڻٽر حالتن تحت اهڙي قسم جي ڪتر جو سبب بڻجي پيا آهن.

اهڙن لفظن کي اسان وڍيل لفظ ٿا سڏيون ۽ وڍيل لفظن ۾ "منڍيل" ۽ "پڇڙيل" لفظ اچي ٿا وڃن. منڍيل لفظ اُهي آهن، جن جو منڍ ڪٽيل آهي، ۽ پڇڙيل لفظ اُهي آهن جن جي پڇڙي ڪٽيل آهي.

ڪنهن ويچاري چيو آهي تہ "انسان جي حياتيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو آهي ڳالهائڻ". ڊارون صاحب کان پڇيائون تہ "ميان، اسان جي عمر جو اهو ڪهڙو حصو آهي، جنهن ۾ هو تمام گهڻو ڳالهائڻ ٿو سگهي". تڏهن چيائين "بابا پهريان ٽي سال".

ٻار جي زبان جا ٽي دؤر مقرر ڪري ٿا سگهجن. 1_ هنگڙيون ڏيڻ 2_ ٻاتائڻ 3_ ڳالهائڻ. پوئين دؤر کي وري ٻن دؤرن ۾ ورهائي ٿو سگهجي. هڪ ٻاراڻي ٻوليءَ جو دؤر، ٻيو سماجي ٻوليءَ جو دؤر.

پهرئين دؤر ۾ ٻار ڪيڪڙاٽيون ٿو ڪري، يا چيخون ۽ ڪوڪون ٿو ڪري، پوءِ روئي ٿو. سرڪي ٿو ۽ پوءِ ڏڪارو ٿي ۽ ويچارو ٿي ٿو ڏيڪاري ۽ پوءِ مرڪي ٿو. تنهن کان پوءِ هَلڪڙا هلڪڙا ٽهڪ ٿو ڏئي. هي سڀيئي ڏاڪا ٻار جي زبان جا پهريان ڏاڪا آهن ۽ هنن مان هڪ_ هڪ پنهنجي جاءِ تي زباندانن لاءِ اهم ۽ ضروري آهي. ڇوته هاڻي ٻوليءَ جو مقصد ۽ اصل معنيٰ (Meaning) کي سمجهيو ٿو وڃي ۽ نه لفظن کي. (هن باري ۾ ڏسجي منهنجو مضمون "اسان جي اڻ ڳالهايل زبان") هن دؤر جي ٻوليءَ جي خصوصيت اها آهي ته هن دؤر ۾ ٻار جي اندر ذهن ۾ هڪ "معنيٰ" جنم وٺندي آهي. معنيٰ جو هن مقام تي پيدا ٿيڻ فطرت جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي ۽ سماجي زندگيءَ جو هڪ تمام وڏو معاملو. هاڻوڪي تحقيق مطابق هيءَ معنيٰ هڪ نفسياتي ڪيفيت جي آهي ۽ هن جو اظهار اڳ ۾ سوچڻ (Thinking) سان ٿئي ٿو. ان ڪري هاڻوڪن اڪابرن کي پڪ ٿي آهي ته ٻولي رڳو اُها نه آهي، جا لفظن جي صورت وٺي ظاهر ٿي ٿئي، پر ٻولي اُها به آهي جا ذهن ۾ چرپر ٿي پيدا ڪري. هن مقام تي ٻار جي هرڪا حرڪت ماءُ ۽ دائيءَ جي لاءِ ڪانه ڪا معنيٰ ٿي رکي. هن باري ۾ هڪڙو دلچسپ سوال هي آهي ته آخر ٻار جي ذهن جي معنيٰ کي ماءُ ڪيئن ٿي سمجهي سگهي، ۽ وڌ ڳالهه ته دائي ڪيئن ٿي معلوم ڪري سگهي. هن سوال جي جواب ۾ نفسيات جي عالمن ڪجهه چيو هوندو يا چوندا، پر منهنجو خيال آهي ته اُهو هن ڪري آهي جو "معنيٰ" پنهنجي بنيادي حالتن ۾ انسان جي سياءُ ۽ فطري لڳاءُ ۽ لاڳاپي ۾ پيدا ٿيندي آهي. هاڻي چاڪاڻ ته فطري لڳاءُ ۽ لاڳاپي جي لحاظ کان فقط ماءُ ئي ٻار جو پهريون ۽ ويجهي ۾ ويجهو مائٽ آهي، ان ڪري ان کي ئي سڀ کان اڳ ۾ هيءَ معنيٰ سمجهڻ گهرجي. (هن سڄي ڳالهه کي سمجهڻ جي لاءِ "مامتا" کي سمجهڻو پوندو، جنهن کي تفصيل سان لکڻ جي هت گنجائش ناهي).

ٻار جي هنن ڪيفيتن مان ماءُ ڪونه ڪو اندازو لڳائي، ڪونه ڪو تحرڪ وٺندي آهي، ۽ اهڙيءَ ريت ماءُ ۽ ٻار جي وچ ۾ هڪ قسم جي معنيٰ جي مٽاسٽا ٿيندي آهي، ۽ انهيءَ مٽاسٽا کي ئي اسان ٻوليءَ جو بنياد تصور ٿا ڪريون.

جڏهن ٻار جي ذهن ۾ اها ڳالهه اچي ٿي وڃي ته جڏهن به هو رڙيون ٿو ڪري،





روئي ٿو، ۽ ٻاڪاري ٿو، تڏهن هن کي ڪانه ڪا شيءِ کائڻ لاءِ يا ٿڃ پيئڻ لاءِ ملي ٿي وڃي تڏهن هو هاسيڪار روئڻ شروع ٿو ڪري. (ٻار ڪڏهن ڪڏهن هنج ۾ کڻڻ سان، ڇوڙ کڻڻ سان، ڀاڪر پائڻ سان، پيار ڪرڻ سان يا مٺيون ڏيڻ سان به راضي ٿي ويندا آهن، ڇوته هن طرح سان هنن جي ڪنهن نه ڪنهن ذهني خواهش ۽ بک جي تسڪين ٿي ٿي وڃي). سڌريل ۽ سمجهدار مائون ٻار جي ذهني خواهشن کي سمجهي سگهنديون آهن ۽ جدا جدا خواهشن جي حالت ۾ جدا جدا تحرڪ وٺنديون آهن. هن منزل تي ٻار جي روئڻ جي نموني مان ئي ماءُ ٻار جو مطلب سمجهي وٺندي آهي. ٻار چپ ڪيندو ته ماءُ سمجهندي ته ڏڪارو آهي، سو سيني سان لڳائيندس، اجا نه پرتو ته مٺي وٺنديس، اجا نه پرتو ته مُنهن مُنهن تي رکنديس ۽ ريجهائيندس، نيٺ پرچي ويندو.

روئڻ ۽ رڙين ڪرڻ جو اثر ٻار جي جسم تي به پوي ٿو. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪي ٻار مُنڍ ۾ تمام ڏاڍيان روئيندا، سي اڳتي هلي وڏي ۽ چڱي آواز وارا ٿيندا ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڳائڻا به ٿي پون.

ٻار جي ٻوليءَ جو ٻيو ڏاڪو آهي ٻاتائڻ وارو. ان ڏاڪي تي ٻار ۾ ٻڌڻ، نقل ڪرڻ يا اهل ڪرڻ، ورجائڻ ۽ وري وري چوڻ جو عمل ڪارفرما هوندو آهي. هن دؤر ۾ ٻار هٻڪندو آهي، هڏڪندو آهي ۽ ڪن لفطن تي زور ڏئي سوچيندو آهي. لفظن سان گڏ ٻوليءَ جا ٻيا وسيلا جهڙوڪ، "هُون" ۽ "اونهون" به استعمال ڪندو آهي. هن ڏاڪي تي ٻار وڏيل يا منڍيل لفظ پيدا ٿو ڪري. هن ڏاڪي تي ٻوليءَ جا معيار ٻار جي لاءِ گهر جا ڀاتي ۽ خاص ڪري ابو_ امان آهن، ڇوته ٻار جو ماحول محدود آهي. گهر جا ڀاتي ٻار جي ٻوليءَ تي جيڪو اثر ٿا ڇڏين، اُهو ڪيترن ئي نمونن جو آهي. سڀ کان اڳي ٻار وڏن جا آواز ٿو جهٽي، ۽ پنهنجي صوتي زبان ٿو ٺاهي، جا هن جي پهرين زبان آهي. تنهن کان پوءِ ٻار لفظ ٿو سکي ۽ اُچاري تنهن کان پوءِ جملا. مثال طور کير گهُرڻو هوندس ته به طريقا استعمال ڪندو، اڳي چوندو "ڪيرا" جنهن جو مطلب آهي کير ڏيو، ۽ پوءِ ڪجهه وقت کان پوءِ چوندو "کير ڏيو"، يعني جملو ٺاهيندو. ان ڪري ٻوليءَ ۾ ٻاراڻيءَ حالت ۾ هڪ لفظ به ٻوليءَ جي جملي جي حيثيت وٺي ٿو سگهي.

ٻوليءَ جي تربيت هن طرح سان سياويڪ وسيلن ۽ طريقن سان ڏني ٿي وڃي، پر اسان جي گهرن ۾ اسڪول جي عمر کان اڳ ۾ ئي هڪ نصاب زبان سيکارڻ جو رائج رهيو آهي. هي طريقو هٿراڌو طريقو آهي، ۽ ڀانئجي ٿو ته ڪنهن آڙاهه

ڪاريگر ۽ زباندان سنڌي ٻوليءَ جي هن نصاب کي مرتب ڪيو آهي. اُهو نصاب منهنجي گهر ۾ بہ لاڳو هو، ۽ مون پنهنجي سر پاڻ اسڪول وڃڻ کان اڳي يا ٻاراڻي واري سال ۾ اُهو نصاب بہ پورو ڪيو هو. انهيءَ نصاب جا ڪي قاعدا مان هت لکي ٿو ڇڏيان ۽ ان کان پوءِ انهن قاعدن تي وڌيڪ سمجهاڻيءَ جي باري ۾ بہ عرض ڪندس. قاعدا هي آهن:

1_ ڏُڏُ چاڏيءَ ۾ چاڏيءَ ۾ ڏُڏَ.

2_ امڙ جي سڄي ڪپي چيچ تي طوطو لنوين.

3_ ٻن مان هڪ جو نالو آهي "مانڪو" ٻئي جو "ٻلو" هاڻي تڪڙ ۾ نالا وٺو.

4_ "ٻو" ۽ "تو" کي تڪڙ ۾ چوندا هلو، پر ٻنهي جي وچ ۾ ڳنڪر جو آواز بہ پيدا ڪندا هلو.

پهرئين قاعدي جو مقصد آهي، انهن حرفن جا آواز ڪرڻ، ۽ انهن جي مشق ڪرڻ، جيڪي اُچارڻ ۾ ڏاڍا ڏکيا آهن. ڏال، ڊال ۽ چي جا آواز تمام تڪڙ ۾ ڪرڻ سان، اهڙن ۽ ٻين ڏکين آوازن ۽ اُچارن ڪرڻ ۾ ٻار کي هڪ مشق ملي ٿي وڃي. هن طرح سان اسان جي اڪابرن سنڌي ٻوليءَ جي آوازن واري علم جي باب ۾ خدمتون ڪيون آهن.

ٻئي قاعدي ۾ بہ ڏکين آوازن جي مشق آهي، ڪ، س، چ ۽ ط جو آواز ٻارن لاءِ خاصو مشڪل آهي، ان ڪري گهر ۾ انهن کي مشق ڪرائي ويندي آهي.

ٽئين قاعدي ۾ لفظن جي وچ ۾ دم ڪٽڻ جي مشق ڪرائي وڃي. هن طريقي ۾ اسان جي گهروارن استادن ڏاڍو چرچو بہ رکيو آهي، ۽ ان چرچي ۾ دم نہ ڪٽڻ جي لاءِ هڪ سزا بہ موجود آهي، جا پنهنجو پاڻ ئي ٻار کي ملي ٿي وڃي، ان ڪري هي طريقو تمام ئي سڌريل طريقو آهي. جيڪڏهن مانڪو ۽ ٻلو جي وچ ۾ دم نہ ڪٽبو تہ لفظ گڏجي پوندا ۽ پوءِ جملو ٿيندو "مان ڪوٻلو" ڪوٻلو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اڻوڻندڙ لفظ آهي، جنهن کي اسان سڀ سمجهون ٿا. پاڻ کي گار ڏيڻ جي خوف کان ٻار ويچارو ٻن لفظن جي وچ ۾ دم ڪٽندو ويندو، ۽ اهڙيءَ طرح صوتي سرشتي جي سکيا ڪيس ملندي رهندي.

چوٿين قاعدي ۾ "ڳنڪر" جو مطلب بہ دم ڪٽڻ جهڙو آهي، پر هت ٻار جي لاءِ ڏکيائي ڪجهہ وڌيڪ رکي ويئي آهي، ان ڪري هي قاعدو پوءِ پڙهايو ويندو آهي.

اهڙيءَ طرح جدا جدا هنڌن تي جدا جدا قاعدا هوندا. اسان کي گهرجي تہ





انهن جو مطالعو ڪريون. پنهنجي ٻوليءَ جي هجي، صوتي سرشتي ۽ اُچارن جي سيکارڻ لاءِ انهن جو استعمال ڪريون. خبر نٿي پوي تہ اسان کي پنهنجي شيءِ پيش ڪرڻ کان لڄ الائي ڇو ٿي ٿئي. اسان جا ٻار انگريزي سکڻ لاءِ تہ ٽينگ ٽپا ڏئي ٿا سگهن، پر سنڌيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نٿا سگهن. هن ڳالهہ جي دانهن ڪنهن کي ڏيون!

ٻاتائڻ واري زماني ۾ ڪي مائٽ ٻار کي جلدي جلدي ڳالهائڻ سيکارڻ لاءِ، ان جون غلطيون درست ڪندا ويندا آهن. طريقو غلط نہ آهي، پر اهڙيءَ تڪڙ جو فائدو ڪونہ ٿو ٿئي. مائٽن جو فرض اهو آهي تہ هو پنهنجي ٻوليءَ جي ڳُٽي ڪن، ۽ پنهنجي زبان کي معياري ۽ درست ڪن، ٻار پنهنجي ڳُٽي پاڻ ڪندا.

عام سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا لفظ آهن، جن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ اُهي ٻار جي ٻاتائڻ واري عمر کان هليا آهن، ۽ پوءِ باقي سماج ۾ قائم رهجي ويا آهن. مثال طور: بحث جو بگڙيل لفظ "بئنش" ۽ محشر جو "مهجر". ث جو اُچار اسانجا ٻار "ش" جهڙو ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت س جو اُچار بہ "ش" جهڙو ئي ڪندا آهن، جيئن "سائين" کي "شائين" چوندا ۽ "سون" کي "شون". ان ڪري اها ڳالهہ مڃڻ جهڙي آهي تہ "بحث" ٻاتائڻ واري حالت ۾ ئي "بئنش" بڻجي ويو هو. پر لفظ "محشر" جو بگاڙو سنڌي صوتيات جي حساب_ ڪتاب سان ٿيو آهي. چاڪاڻ تہ محشر ۽ مهجر ۾ صوتي وزن ساڳيو آهي، تنهن ڪري سنڌيءَ پنهنجو لفظ بہ پيدا ڪري ورتو آهي، جنهن جي معنيٰ اُهائي ساڳي آهي. اهڙيءَ طرح "هوش" لفظ "هونش" تي پيو آهي ۽ "حوصلو" "حونصلو" هي بگڙيل لفظ هينئر اسان جي زبان جا پنهنجا لفظ آهن، ۽ هنن جي مطالعي مان اسان جي صوتيات جي سرشتي جو پتو پئجي ٿو سگهي.

ٻوليءَ ۾ پنهنجائڻ ۽ پنهنجاپ جو جيڪو اصول ڪم ڪري ٿو، انهيءَ هت 'بئنش' لفظ کي اصل 'بحث' لفظ کان هڪ جدا معنيٰ ڏني آهي. اسان وٽ بئنش هوڏ ۽ ضد کي ٿو چئجي. هاڻي جيڪڏهن اسان جا پڙهيل ماڻهو بحث کي سدائين 'بئنش' چوندا تہ ٻوليءَ جو هڪڙو لفظ استعمال مان نڪري ۽ آخرڪار مري ويندو. لفظ مئو چڻ هن ميخاني جي تنبوءَ جو ڪلو نڪتو ۽ ان کان سڄي ماحول ۾ بگاڙو پيدا ٿيندو.

هن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ خود ٻاراڻيءَ منزل تي بہ زبان پنهنجي واڌاري جو

ڪم ڪندي ٿي رهي، ان ڪري اسان کي گهرجي ته اسان ٻارن جي لفظن کي هروڀرو ”درست“ ڪرڻ جي بجاءِ انهن جي ٻوليائي قوت ۽ ضرورت کي سمجهون. ٿي سگهي ٿو ته ٻارن جا ٺاهيل لفظ اسان جي لاءِ ڪو وڏو ڪم ڏيندا هجن.

ٻارن جي ٻوليءَ جي ڪري اسان جي ٻوليءَ جي اڳئين ۽ هاڻوڪي ڇيد ۾ به لفظن جي حالت ۾ فرق آيو آهي. هن تبديل کي (Metanalyris) اپياس سان معلوم ڪري ٿو سگهجي. اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا لفظ به آهن، جي مٿي ڏيکاريل طريقن کان ٻيءَ طرح بدليا ۽ مٽيا آهن. آوازن جي علم جي اصولن پٽاندر ٻار جڏهن لفظ ٻڌي ٿو، تڏهن لاشعوري طور تي هڪڙي ئي لفظ جي آواز کي ننڍن ننڍن آوازن ۾ جهٽيندو ٿو وڃي. مثال طور لفظ ڪائڻ ۾ ٻه آواز آهن: ”هڪ ”ڪا“ ۽ ٻيو ”ئڻ“. جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم اسان حرف علت کي ڪائي ويندا آهيون. ان ڪري ساڳيو لفظ ”ڪيڻ“ ٿي ويو هو، ۽ اجا به اڳتي هلي اهو لفظ ”ڪِڻ“ ٿي ويو. اهڙيءَ ريت ٻن پَدن وارو لفظ وڃي هڪ پَد جو ٿيو. هاڻي اها ڦيرگهير هن ڪري ٿي آهي، جو ٻار آواز ورهائڻ ۽ پڇڻ جي باري ۾ ڀُل چوڪ جو شڪار به پئي ٿيو آهي، ته زبان جي سپاويڪ طاقت، جنهن مطابق ”علت“ کي ڪائي ٿو سگهجي، ان جو اثر به پئي قبول ڪيو اٿس. ان ڪري لفظ جي اصلي ۽ پوئين ڇيد ۾ فرق اچي ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو هڪڙو لفظ آهي ”واندو“، جنهن جي معنيٰ آهي پالهو يا نڪمٽو. هي لفظ چون ٿا ته اصل ۾ ”واهوندو“ هو، جنهن جي معنيٰ هئي واءُ جهڙو، يا اجا به واءُ وهيٽو يعني جاڏي هوا گهليس ته اوڏانهن هليو وڃي. اصل لفظ ۾ ٽي آواز هئا ’وا_ هون_ ۽ دو‘. هينئر هن ساڳئي لفظ جا آواز ٻه آهن: هڪ ”وان“ ٻيو ”دو“.

ڪٿي ڪٿي پَدن جو واڌارو به ٿيو آهي، جيئن انگريزي لفظ (Dwindle) ڊئنڊل کي اسان ”ڊانوان ڊول“ ٿا چئون. هي به ڇيد جي ڦيرڦار جو مثال آهي، پر سنڌي لفظ ”ويجهو“ مان ”ويجهڙو“ بڻجي پوڻ به ڇيد جي وڌاءَ جو هڪ مثال آهي.

مٿئين بحث مان جيڪي ويچار ڦٽي ٿا نڪرن، اُهي هي آهن ته جهڙيءَ ريت اهو خيال اٽپورو آهي ته زبان جي تبديل جو رڳو هڪڙو سبب آهي ۽ اُهو آهي ٻار، تهڙيءَ ريت اهو خيال به اٽپورو آهي ته ٻار جو زبان تي ڪو اثر ڪونه ٿو ٿئي. حقيقت اها آهي ته ٻار ۽ وڏو ٻيئي زبان جي ڦيرڦار ۾ هڪ جيترا حصيدار آهن. ٻوليءَ جي معاملي ۾ ٻار ۽ وڏي جي وچ ۾ ”ڏي وٺ“ جو قانون به عمل ڪندو ٿو رهي. هت اسان ٻوليءَ جي انهيءَ پهلوءَ تي بحث ڪيو آهي، جنهن ۾ ٻولي هڪ نسل کان ٻئي نسل





تائين پهچندي ۽ رسندي ٿي هلي. اڳتي هلي اهو ڏسڻو پوندو ته ٻيون ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي ٻوليءَ تي اثرانداز ٿين ٿيون.

(ٽماهي ”مهراڻ“ 2_ 1972ع)

# ٻولي ۽ ڪلچر

**(1) ڪلچر، هڪ سرشتو:**

هڪ سرشتي (System) جي حيثيت ۾ ڪلچر جو مامرو بلڪل آسان ۽ سنئون سڌو آهي، شايد هن باري ۾ ڪلچر جي بهترين تعريف هيئن ٿئي ته ”ڪلچر“ نالو آهي انسانذات جي انساني ماحول جو“(1). ڪلچر جو هي پهلو لاڳاپن جو هڪ اهڙو ميلاپ ۽ سنگم آهي، جنهن انسانذات لاءِ اهو ممڪن ڪري وڌو آهي ته اُها:

(الف) هڪ انساني سماج کي پيدا ڪري ۽ وڌائي.

(ب) انساني نسل جي گڏيل حاصلات (Common heritage) کي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين پهچائيندي هلي.

(ت) حاصلات کي ميڙيندي سهيڙيندي ۽ وڌائيندي هلي ته جيئن انسان پنهنجو انسانيت وارو درجو قائم رکندو اچي ۽ جيئن انسان ۽ گهٽ درجي وارن حيوانن ۾ فرق ۽ امتياز باقي رهندو اچي.

انسان جي حاصلات ۽ ان جو عظيم ورثو آهن، اهي سمورا تصور (Concepts) ۽ اهي سمورا مقصد (Motives)، جيڪي انسان جي ملڪيت بڻجي ويا آهن.

ڪلچر جي مامري ۾ جن ڳالهين کي تصورَ (Concepts) ٿو چئجي، سي هنن ڳالهين سان تعلق رکن ٿا:

(الف) ماحول سان گهرائپ، ڏيٺ ويٺ ۽ واقفيت.

(ب) هڪ فرد يا معاشري جون پيدا ڪيل ڳالهيون.

(ت) ڪارڪردگي ۽ هنرمنديون، جيڪي هن دور ۾ انسان کي وڏي درجي تي رسائڻ لاءِ ذميوار آهن.

هڪ سرشتي جي حيثيت ۾ ڪلچر هڪ ڪلُقومي، هڙ قومي، يا هڙ ملڪي (International) مامرو آهي، پر هڪ ذيلي سرشتي جي حيثيت ۾ ڪلچر هڪ گهڻ پٽاڙي، سڀ ساري (Comprehensive) or (Varrigated) ڪلچر جو





هڪ اڻٽچندڙ جزو (Element) آهي.

جيڪڏهن ڪلچر پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ جدا مامرو ۽ هڪ سرشتو آهي ته پوءِ ڏسڻو هي آهي ته آخر اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن جن جي ڪري ڪلچر انسانن جو ۽ فقط انسانن جو مامرو آهي. هن خيال کان ڪلچر جو بنياد فقط اهي ڳالهيون آهن جن جو واسطو انسان جي باهمي اظهار سان آهي، پر ياد رکڻ گهرجي ته باهمي اظهار ٻن قسمن جو آهي ۽ جنهن اظهار سان اسان جو واسطو آهي، اهو انسانن جو باهمي اظهار آهي.

اهو اظهار، جيڪو ”ڪيو ٿو وڃي“ يا ”ارادي“ آهي، سو پاڻ هڪ سرشتو آهي ۽ اهو ڪنهن نه ڪنهن طريقي يا مقرر ٿيل ضابطي جو پابند هوندو آهي؛ پر اهو اظهار، جيڪو ”ٿي ٿو وڃي“، سو نه ته ڪنهن ارادي جو پابند آهي ۽ نه ڪنهن طريقي جو.

ماڪيءَ جون مکيون ۽ ٻيا اهڙا جيوَ پنهنجي ڄاڻ ۽ تجربو ٻين جيوَن تائين پهچائيندا آهن. هي به هڪ اظهار آهي، پر هن قسم جي اظهار جو بنياد سپاويڪ ۽ فطري تحرڪ (Instinctive Response) جو نتيجو آهي. ان ڪري هن قسم جو اظهار اوس ٿيندو رهندو ۽ ان حالت ۾ به ٿيندو رهندو، جنهن حالت ۾ ان کي سمجهڻ وارو ڪوبه نه هوندو. ڪن جانورن ۽ پکين جي وچ ۾ به موج مستي، ڏک سور ۽ ڪاوڙ قصور جو اظهار ٿيندو رهندو آهي، پر هن قسم جي اظاهر ۾ ڄاڻي واڻي ڪنهن خيال (Idea) کي ظاهر ڪرڻ جو ارادو موجود نه هوندو آهي. هن قسم جو اظهار غيرارادي ۽ طريقي بنا آهي.

هن قسم جي اظهار کي ٻولي چئي نٿو سگهجي، ان ڪري هي ڳالهيون جيڪي هن قسم جي اظهار جي لاءِ سببن جي حيثيت رکن ٿيون، اهي به ڪلچر ۽ ٻوليءَ جي مامرن ۾ شامل ڪري نٿيون سگهجن. ٻولي ان اظهار کي چئجي ٿو، جيڪو اظهار ”ارادي“ (Delibrate) آهي ۽ جيڪو ”طريقي“ (Systematic) آهي.

ظاهر آهي ته هن خيال کان ٻولي ۽ ڪلچر ٻنهي جا مامرا ساڳيا ۽ هڪجهڙا آهن.

ٻوليءَ جي باري ۾ ”ارادي“ جو تعلق خيال، سوچ، ويچار، تجربي، مشاهدي، ضرورت جي احساس ۽ فطري گهُر يا تقاضا کان سواءِ علم ۽ احساس سان آهي ۽ ”ضابطي“ جو تعلق ٻوليءَ جي خارجي نظامن_ جهڙوڪ لفظي نظام، صوتياتي

نظام ۽ معنوي نظام وغيره سان آهي.

ٻين جيوَن ۽ جانورن جي وچ ۾ هڪٻئي سان جيڪو اظهار ٿئي ٿو، ان ۾ نہ ”ارادي“ کي ڪو دخل آهي، ۽ نہ ”طريقي“ کي.

هن مان ظاهر آهي تہ ڪلچر سرشتي جي صورت فقط تڏهن ٿو وٺي، جڏهن هن سان لاڳو معاملا ٻوليءَ جي وسيلي انسانن جي باهمي اظهار جي صورت اختيار ڪن ٿا. ان ڪري ڪلچر جو مامرو جيوَن، پکين ۽ جانورن جو مامرو نہ آهي، اهو خالص انساني مامرو آهي، ۽ ان جو وڏي ۾ وڏو سبب ٻولي آهي.

انهيءَ سوال جو جواب تہ اهڙي قسم جو اظهار رڳو انسان ئي ڇوٿو ڪري سگهي؟ باندر ڀلا اهڙو اظهار ڇو نٿو ڪري سگهي؟ توڙي جو باندر بہ انسان جهڙوئي هڪ جانور آهي، اهو ڏنو ويو آهي تہ اهڙي قسم جي اظهار يعني ٻوليءَ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ نوَ سؤ کان وٺي هڪ هزار دماغي طاقت جا يونٽ (د ط ي) گهرجن. هيترا يونٽ باندر ۾ نہ پر انسان ۾ ٿين ٿا. ان ڪري ٻولي رڳو انسان ٿو ڳالهائي سگهي. پر ٻوليءَ کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي انسان کي سڌريل ۽ ڪلچروارو بنائين ٿيون، اُهي ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:

(1) انسان جا آڱوٺا مُڙيل ۽ آڱريون ڊگهيون آهن، ان ڪري هو شين کي ڇوري پوري، ورائي سرائي، پرکي ۽ هڪٻئي کان جدا ڪري يا اڇلائي ٿو سگهي.

(2) انسان بہ ڇؤڪنيو ۽ ڇؤبازيو آهي، پر هن جا بہ ٻازو يعني ٻانهون گهُمڻ ۽ ٻار کڻڻ جي حالت ۾ وانديون آهن، ان ڪري هو گهُمڻ سان گڏوگڏ ٻيا ڪم بہ ڪري ٿو سگهي.

(3) انسان جي آواز پيدا ڪرڻ وارا عضوا اهڙا آهن، جو انهن تي ضابطو رکي انسان گهڻن قسمن جا آواز ڪڍي ٿو سگهي، ان ڪري هن کي ڳالهائڻ ۾ وڏي سهوليت ٿي ٿئي.

(4) انسان جي ٻار جي واڌ جي رفتار تمام ڍري آهي، ان ڪري انسان کي سکڻ جو وقت تمام گهڻو ٿو ملي.

(5) انسان کان سواءِ ٻيا سيئي جانور جنسياتي مامرو رڳو ان وقت ٿا ڪن، جڏهن نَر ۽ مادي ان لاءِ تيار ٿي ٿا وڃن. جانورن جي حالت ۾ هھڙو وقت ڪڏهن ڪڏهن ٿو اچي پر انسان جي حالت ۾ جنسياتي مامري





جو ڪو مقرر وقت آهي ئي ڪونہ. انسان_ نَر ۽ مادي_ جنسياتي مامري لاءِ هميشہ تيار رهن ٿا. ان ڪري انسان، نَر ۽ ماديءَ جو پاڻ ۾ لاڳاپو هميشہ رهي ٿو ۽ اُهو لاڳاپو وڌيڪ اثرائتو ۽ گهاٽو ٿو ٿئي. ان ڪري انساني سماج ۾ آباديءَ جو اضافو ٿيندو ٿو رهي، ان ڪري سماجي ضرورتن ڪري ڪلچر ۽ ٻولي جلد ترقي ٿا ڪن(2).

اهڙيءَ طرح ڪلچر هڪ سرشتو بڻجي ٿو پوي.

(2) **ڪلچر ۽ سماج:**

”سماج نالو آهي ماڻهن جي انهيءَ گروهہ جو، جنهن جي سيني فردن جو ڪلچر ساڳيو آهي“(3).

هن جو مطلب اهو آهي تہ ڪلچر جو تصور ڪنهن سماج جي تصور کان ٻاهر ڪري ئي نٿو سگهجي ۽ ڪنهن سماج جو تصور ڪنهن ڪلچر جي تصور کان ٻاهر ممڪن ئي ناهي. ڪلچر جي خيال کان ڪنهن خاص سماج جون جيڪي خصوصيتون مقرر ڪري ٿيون سگهجن، سي هي آهن:

(1) زندگيءَ جي مقصد جو خاص تصور.

(2) پورهيو، جنهن سان روزگار جي وسيلن جو تعلق آهي، تنهن جو خاص تصور.

(3) سماج ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ ٻين مخلوقن جي وچ ۾ لاڳاپو.

(4) سماجي رسمون، عادتون ۽ لاڙا.

(5) وهم ۽ گمان.

(6) ٻولي.

(7) عام رواجي زندگيءَ جو طور طريقو.

(8) وطن ۽ انسان ۽ زمين ۽ انسان جي وچ ۾ مخصوص لاڳاپا، جن جو تعلق وطن ۽ زمين جي تصورن سان آهي.

(9) مخصوص تاريخي روايتون.

(10) انسان جي وس کان ٻاهر وارا مامرا.

(11) خاص طبعي حالتون.

هي سيئي ڳالهيون اُهي ڳالهيون آهن، جن سان ڪنهن سماج جا سڀ فرد هڪٻئي تي اثرانداز ٿين ٿا. هھڙي قسم جي ڏي_وٺ (Inter Action) انڪري

سماج جي هڪ لازمي خصوصيت ۽ ضرورت آهي.

ٻئي طرف هي سڀ ڳالهيون اُهي ڳالهيون آهن، جيڪي ڪنهن ڪلچر جي وجود کي ثابت ڪرڻ لاءِ گهربل آهن. اهوئي سبب آهي جو سماج ۽ ڪلچر لازم ۽ ملزوم آهن.

هن خيال کان ڪلچر ڪنهن نه ڪنهن زنده ۽ موجود سماج جي اُپت ۽ ان جو نتيجو آهي.

(3) **ڪلچر ۽ مواد:**

عام طور تي انسان جو ذهن فقط ٻه ڳالهيون حاصل ڪري ٿو سگهي، اُهي ٻه ڳالهيون هي آهن:

(1) شين جا تصورات (Concepts).

(2) وٿون يا قدر (Values)، جن جو تصورن سان گهاٽو لاڳاپو آهي. هاڻي چاڪاڻ ته انسان جي ذهن کان ٻاهر واري ڪنهن به شيءِ کي ڪلچر ۾ شامل ڪري نٿو سگهجي، ان ڪري چئبو ته ڪلچر جي مواد ۾ رڳو اُهي ٻه ڳالهيون ئي شامل آهن. پر هن باري ۾ عالم هڪ راءِ جا نه آهن.

ليزلي وائٽ، ڪلچر جي مواد ۾ پنج ڳالهيون شامل ٿو ڪري. اُهي ڳالهيون هي آهن:

(1) نظرياتي معاملا.

(2) عمراني مامرا.

(3) جذباتي مامرا.

(4) طور ۽ طريقا.

(5) ٽيڪنيڪي مامرا(4).

ٻيو صاحب مانائتو هانگ من (Honigmann) ٿو چوي ته ڪلچر جي مواد ۾ جن ڳالهين کي شامل ڪري ٿو سگهجي سي آهن خيال ۽ جذبا، انسان جا ناهيل شاهڪار، جدا جدا حالتن ۾ انسان جي ڪارڪردگي(5).

هنن راين پڙهڻ کان پوءِ ڏسجي ٿو ته مانائتي ليزلي وائٽ (Leslie White) ۽ هانگ مَن جي خيالن کي هرويرو پهرئين خيال کان جدا ڪري نٿو سگهجي. چاڪاڻ ته هت اسان جو موضوع ڪلچر نه پر "ٻولي ۽ ڪلچر" آهي، ان ڪري ڪلچر جي مواد تي تفصيلي بحث کان هتي اسان کي رڳو ايترو ڏسڻو آهي ته ڪلچرل مواد ۾ ٻوليءَ





جو ڪيترو هٿ ۽ حصو آهي.

تصور ۽ وٿون پنهنجي وجود لاءِ هڪ اهڙي ضابطي ۽ طريقي جون محتاج آهن، جيڪو هنن کي انسان جي باهمي مامرن ۾ ڪم ڪرڻ جو ميدان ناهي ڏئي. جيڪڏهن تصور ۽ وٿون انسان جي حقيقي ۽ سچي پچي زندگيءَ ۾ هن جي عمل تي ڪو اثر نٿيون ڪن ته پوءِ ته انهن کي انسان جي ڪلچر ۾ ڪا به جاءِ ملي نه سگهندي. پر جيڪڏهن اهي ئي ٻه شيون انساني سماج کي ٻل ۽ قوت ڏين ٿيون ته پوءِ اُها شي، جا هنن ٻن کي انساني معاشري ۾ ڪا قيمت يا ڪا معنيٰ ڏئي ٿي، سا ڪلچر جي مواد جو ضروري ۽ اهم حصو آهي. ظاهر آهي ته اُها شي آهي ٻولي. ٻولي ان ڪري ڪلچرل مواد جي وڏي ۾ وڏي حقيقت ۽ نهايت ئي اهم حقيقت آهي. هن راءِ جي پٺڀرائيءَ ۾ دنيا جي مڃيل عالمن ۽ ٻولين جي ڄاڻن جا رايا به موجود آهن، اجهو هن طرح:

مانائتو ايڊورڊ ساپر (Edward Sapir) لکي ٿو ته "ٻوليءَ جي حيثيت ڪلچر جي سائنسي اڀياس جي رهبر جهڙي آهي. هن خيال کان ٻوليءَ جي قيمت ۽ ضرورت روز بروز وڌندي ٿي وڃي. هڪڙي خيال کان ڪلچر جو سڄو تاڃي پيٽو، جيڪو ڪنهن به هڪ دور جي تهذيب ۾ موجود آهي، سو سڄو ئي ان ٻوليءَ ۾ سمايل آهي، جيڪا ٻولي ان تهذيب کي ڪولي ۽ سمجهائي رهي آهي يا ان جي ترجماني ڪري رهي آهي. ائين سمجهڻ وڏي غلطي آهي ته اسان ڪلچر جي اهم ۽ خاص ڳالهين کي رڳو ڏسڻ ۽ پسڻ سان به سمجهي ٿا سگهون ۽ ان ۾ ٻوليءَ جي انهيءَ سمبل واري سرشتي جي ڪا ضرورت نه آهي، جيڪو هنن ڳالهين کي سماج ۾ اهم ۽ سمجهڻ جهڙو ٿو بڻائي."

ساپر صاحب جي ئي سند مان هئري هوجر (Harry Hoijor) هيئن ٿو لکي: "ساپر ۽ هو رف (Whorf) جي لکڻ مان پڌرو آهي ته ڪلچر جي ڪليت (Totality) ۾ ٻوليءَ جو ڪردار وڏو ۽ ڏاڍو اهم آهي. ٻولي رڳو اظهار جي طريقي جو نالو نه آهي. ٻولي ته هڪ اهڙي طاقت آهي، جا پنهنجي ڳالهائيندڙن جي خيال کي ضابطي هيٺ ٿي رکي ۽ انهن لاءِ سياويڪ طريقا مهيا ٿي ڪري، ته جيئن اُهي پنهنجن خيالن کي سلسليوار ۽ ترتيب سان بيان ڪري سگهن."(6)

ظاهر آهي ته ٻولي، سماج ۽ ڪلچر جي وچ ۾ هڪ اهڙيءَ پُل جيان آهي، جنهن جي وسيلي سماج ڪلچر تي اثرانداز ٿو ٿئي ۽ ڪلچر سماج تي. انهيءَ ڪري

ٿي ٻولي، سماج ۽ ڪلچر واري ٽڪنڊي ۾ وڏيڪ اهم ڪنڊ ٻوليءَ کي حاصل آهي. ان ڪري ٻولي پاڙهڻ واري استاد جي لاءِ ٻوليءَ جو اهڙو اڀياس، جيڪو ٻوليءَ جي ڪلچر ۽ ٻوليءَ جي سماج کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري، سو تمام ضروري آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي حالت ۾ ٻوليءَ جو هن طرح جو اڀياس ڪيو ئي نه ويو آهي، ان جا ڪي سبب هي آهن:

(1) اسان ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ دلچسپي اجا هاڻوڪي ڳالهه آهي. ٻوليءَ جي ماهري تي اسان تمام گهڻو دير سان سوچڻ شروع ڪيو آهي.

(2) سياسي ابتري ۽ پيچ_ گهڙ جي حالت ۾ اسان جا عالم رڳو ٻوليءَ جي وجود کي بچائڻ جي ڪم ۾ ئي پورا نه ٿي پيا. اِهو ڪم وڏيڪ اهم هو ۽ پهريون ڪم هو.

(3) ٻوليءَ جي ماهري ۾ دلچسپي عالمن کان به وڏيڪ انهن جوانن ۾ پيدا ٿي، جيڪي اصولي ۽ نظرياتي طور تي ته ٻوليءَ جا عاشق هئا، پر علمي لحاظ کان سندن مطالعو اهڙو نه هو جو هو ٻوليءَ جي ماهرن تي لکن يا راءِ ڏيئي سگهن.

(4) ڪلچر جي باري ۾ اسان جو اڀياس ۽ سوچ، سائنسي ۽ حقيقت پسندانه ٿي نه آهن.

(5) سنڌ ۾ مختلف ڪلچر وارن ٽولن سان ناهه ۽ ياپيءَ واري هلت جي ڪري اسان ڪلچر جي مخصوص سوالن تي سوچيو ئي نه آهي.

(6) سنڌي پاڙهڻ وارن استادن جي پيشائي تربيت غلط ۽ ڪمزور رهي آهي، ان ڪري ٻوليءَ جي پاڙهڻ واري ڪم ڏانهن سندن رويو تصوراتي ۽ سطحي رهيو آهي.

(7) انگريزيءَ ۽ اردوءَ جي انهيءَ اثر جي ڪري، جيڪو اسان جي مٿاهين طبقي جي مٿي ۾ گهر ڪري ويو هو، اسان مادري ٻوليءَ جي سوال کي اهميت ڏيئي نه سگهيا آهيون.

(4) **ٻولي ۽ ڪلچر:**

”ٻوليون خلا ۾ پيدا ڪونه ٿينديون آهن. ٻوليون قومن جي ڪلچرن جو حصو آهن. ٻوليون سماج ۾ سيني ماڻهن جي پاڻ ۾ اندروني لاڳاپي ۽ اظهار جو خاص وسيلو آهن. ٻوليون اهڙيءَ ريت ڪلچر جو ترڪيبي جزو به آهن ته مرڪزي نظام





به. ڪلچر جا ٻيا ترڪيبي جزا به انهيءَ ئي نظام جي ماتحت ڪم ڪري رهيا آهن.“

چاڪاڻ ته ٻولي ڳانڍاپي جو خاص ۽ مکيه وسيلو آهي، ٻولي کي خاص لفظ ۽ محاورا ڪلچر جي عام معنيٰ سان ملائيندي آهي. مثال طور سنڌي ماڻهن جي ڪلچر ۾ پاڻيءَ کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. ان ڪري ڏٺو ويندو ته سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ”پاڻيءَ“ جي لفظ کي خاص ڪلچرل معنيٰ تمام ججهي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ”پاڻيءَ“ جي اُها معنيٰ عام معنيٰ کان تمام نرالي آهي ۽ انهيءَ معنيٰ کان مختلف آهي، جيڪا معنيٰ انگريزي لفظ (water) پاڻ ۾ رکي ٿو. مثال طور ”منهن جو پاڻي، مڙس کي پاڻي (تيزي يا غيرت) ناهي ته اُهو مڙس ئي ناهي. وعدي کي پاڻي ڏي، هن ڏاند کي ڏاڍو پاڻي آ، بيهي بيهي پيرن جو پاڻي سڪي ويو، ڪاتيءَ کي پاڻي چڱيءَ ريت نه آيو آهي. هو هينئر پنهنجي پاڻيءَ ۾ نه آهي.“ هن جو مطلب اِهو آهي ته ٻوليءَ جو ڪلچرل مواد (Cultural Content) ظاهر ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هڪ جدا لغت جي ضرورت آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر جو تمام وڏو حصو ڪلچرل مواد وارو آهي ۽ شاهه جو سڄو ئي شعر ڪلچرل مواد آهي، ان ڪري ان کي سنڌ جي ڪلچر کان ٻاهر رکي سمجهڻ ممڪن ئي نه آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهه جي شعر جو ترجمو ممڪن ئي نه آهي. ٻوليءَ جي ڪلچرل مواد ۾ معنيٰ جو هڪڙو جُزو (Unit of meaning) رڳو تڏهن ترجمي ۾ اَچي سگهبو، جڏهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ به ڪلچرل معنيٰ جو ساڳيو ئي جُزو موجود هجي. هن جو مطلب رڳو اهو آهي ته ڪنهن به ڪلچر جو ترجمو فقط ساڳيءَ طرح جي ڪلچر (Identical culture) ۾ ئي ممڪن آهي. شاهه جي شعر جو اڀياس ڪلچر جي مواد جي خيال کان ڪبو ته شعر وڏيڪ عمدو لڳندو ۽ پوءِ شاهه جي شعر جو اردو ترجمو ۽ ڪن بيتن جو انگريزي ترجمو پڙهبو ته خبر پئجي ويندي ته ڪيئن نه ٻولي رڳو پنهنجي ئي ڪلچر ۾ ڪم ڪري ٿي سگهي. ڪنهن به ڪلچر جي مواد ۾ وڏو حصو آهي لوڪ ادب/ لور (Lore)، ديومالا/ مت (Myth)، مثالي/ ليجنڊ (Legend) ۽ ڀرم (Belief) جو. اُهي ئي شيون ٻوليءَ جو روح آهن، ۽ اُهي ئي شيون ڪلچر جو روح آهن.

شاهه جي شعر جو اردو ۽ ڪن حصن جو انگريزي ترجمو موجود آهي. هن طرح سان هڪڙو ئي بيت اسانکي اردو، سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ملي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ هڪڙي ئي بيت جون ٽيئي صورتون سامهون رکي معلوم ڪري سگهبو ته:

(1) انگريزي ۽ اردو ترجمن ۾ لفظن جي رڳو اُها معنيٰ آئي آهي، جا عام آهي ۽ ڪلچرل مواد ۾ شامل نہ آهي.

(2) سنڌي ٻوليءَ واري ڪلچرل مواد جو ترڪيبي جزو ٻي ٻوليءَ ۾ اٿلي نہ سگهيو آهي.

(3) اردوءَ ۾ چاڪاڻ تہ ڪلچرل مواد پنهنجو ڪونهي، ان ڪري اردوءَ واري ترجمي ۾ تہ خالص ڪلچرل مواد جي اڻاٽ آهي.

(4) انگريزيءَ جي حالت ۾ گهٽن هنڌن تي سنڌيءَ جو رڳو اُهو مواد اٿلي سگهيو آهي، جنهن ۾ سنڌي ڪلچرل معنيٰ موجود ڪانہ هئي.

(5) انگريزيءَ ۾ وري بہ پنهنجو ڪلچرل مواد آهي، ان ڪري ترجمي جي حالت ۾ سنڌيءَ جو ڪلچرل مواد، جنهن حد تائين اُهو عام انساني معيارن تي پورو آهي، انگريزيءَ ۾ تہ منتقل ٿي ويو آهي، پر اردوءَ ۾ منتقل ٿي نہ سگهيو آهي.

(5) **ڪلچرل اتحاد:**

ڪلچر جي خيال کان ڪي بہ ٻہ سماج بلڪل هڪجهڙا ٿي نٿا سگهن، ڇوتہ ڪوبہ هڪ ڪلچر فقط ڪنهن بہ هڪ سماج ۾ ئي پيدا ٿي ٿو سگهي ۽ فقط هڪ سماج ڪي ئي پنهنجو ڪري ٿو سگهي. رهيو سوال تہ آخر اُها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن کي ڪلچرل اتحاد (Cultural Amalgamation) ٿو چئجي. منهنجو ويساهہ آهي تہ ڪلچرل اتحاد يا ميلاپ جو مطلب اهو نہ آهي تہ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ڪلچر ملي هڪ ٿي سگهن ٿا. ڪلچرل ميلاپ جو مطلب آهي ڪلچرل ٽَڪر ۽ تصادم (Cultural Conflict) جنهن جو نتيجو ميلاپ نہ پر موت يا زندگي هوندو آهي. ٻہ ڪلچر پاڻ ۾ ملڻ کان پوءِ هڪٻئي کي ڪاٽڻ ۽ پائڻ شروع ڪندا آهن، تان جو ڪنهن وقت کان پوءِ ٻن سماجن مان هڪڙو سماج ۽ ٻن ڪلچرن مان رڳو هڪڙو ڪلچر وڃي بچندو آهي. ”ڪلچر ان ڪري ڪنهن سماج جي مخصوص زندگيءَ جو مخصوص نالو آهي“. ”ڪلچر معنيٰ سماجي زندگيءَ جو نمونو“ (Way of social life of a people)

ٻولي پاڙهڻ جي مامرن ۾ ڪلچر انهيءَ ڪري اهم آهي جو ٻولي ۽ ڪلچر هڪ ڪلاس ۾ جدا ڪري ئي نٿا سگهجن. ان ڪري ٻوليءَ جو قابل استاد اُهو آهي جيڪو اهو ڄاڻندو هجي تہ جا ٻولي هو پاڙهي ٿو ان ۾ ڪلچر ڪهڙو، ڪيترو ۽ ڪٿي





آهي. ٻار پاڻ سان ٻولي بہ وٺيو ٿا اچن تہ ڪلچر بہ جيڪڏهن پاڙهڻ وارو ٻوليءَ جي سماج کان واقف نہ هوندو تہ پوءِ هو ٻارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نہ سگهندو. ڪلچر کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ (Cultural Anthropology) جي ڄاڻ تمام ضرور آهي.

(6) **ڪلچر ۽ ڌاري ٻوليءَ جي تعليم:**

**ڌاري ٻولي سکڻ جا مقصد:**

(1) ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ جي لياقت حاصل ڪرڻ.

(2) ڌاري ٻوليءَ جي معنيٰ ۽ مطلب کي ان جي ڪلچر جي لحاظ کان سمجهڻ.

(3) ڌاري ٻوليءَ ۾ آيل ادب ۽ خيالن کي سمجهڻ.

هنن ٽن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي رستي ۾ جي رنڊڪون اچن ٿيون، سي هي آهن:

(1) ڌاري ٻوليءَ جو ڪلچرل مواد.

(2) ڌاري ٻولي ڳالهائڻ وارن ماڻهن جي سماجي زندگيءَ ۾ ڪلچر جو حصو.

(3) ڌاري ٻوليءَ جي ڪلچرل مواد ۾ خام ۽ اجايا ڪلچرل اهڃاڻ ۽ سطحي ۽ عارضي ڳالهيون، جن جو ڪلچر جي اصل سان ڪو واسطو ڪونہ آهي.

هن باري ۾ ڌاري ٻولي پاڙهڻ واري استاد کي ٻن ڳالهين جو خيال خاص طور تي ڪرڻو پوندو، اُهي هي آهن:

(1) هن جو وڏو فرض اِهو آهي تہ هو ٻوليءَ ۾ ڪلچر جي بنياد ۽ حقيقت سان واسطو رکندڙ لفظن، اڌ جملن، لفظي سرشتن (Word series) کي انهن لفظن ۽ جملن کان جدا ڪري، جيڪي ڪلچرل مواد سان حقيقي واسطو نٿا رکن.

(2) هن جو ٻيو فرض هي آهي تہ هن ٻن ڪلچرن ۽ ٻن ٻولين جي حالت ۾ يا ٻوليءَ جي ٻٽي سرشتي جي حالت ۾ اهڙا لفظ جدا ڪري رکي، جن جو ڪلچرل مطلب ۽ ان جي سٽا گهڻو ڪري هڪجهڙي آهي يا لڳ ڀڳ هڪجهڙي آهي.

(7) **ڪلچر، ادب ۽ ٻولي:**

ڪو زمانو هو جو پهرين ٻوليءَ جي سکيا سان گڏوگڏ ٻي ٻوليءَ جو اڀياس رڳو انهيءَ ڪري ڪيو ويندو هو ته دنيا جي ڪنهن نه ڪنهن ٻئي عظيم ادب جو اڀياس به ڪري وٺجي. اُهو مقصد به پنهنجيءَ جاءِ تي وڏو مقصد هو، پر اڃا به وڏو مقصد ٻيو آهي. اڄڪلهه ڌاري ٻوليءَ جي سکيا جو مقصد ڌارئي ڪلچر، آرٽ، ٽيڪنيڪ ۽ ٻوليءَ کي سمجهڻ آهي. اهوئي مامرو آهي، جنهن کي اڄڪلهه ٻوليائي ڪلچر جو زاويو (Linguistic cultural view) سڏيو ٿو وڃي.

هن خيال کان ڪلچر، ادب ۽ ٻولي هڪ ئي شيءِ جا ٽي نالا آهن. اهي ٽيئي هڪٻئي جي واڌاري ۽ بقا جي لاءِ ڪوشان آهن ۽ هڪٻئي جا مددگار آهن. مثال طور جيئن ماڻهوءَ کي پير ٿيندا آهن، تيئن هر جانور کي به پير ٿيندا آهن. ”پير“ لفظ جي هيءَ معنيٰ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي ۽ عام معنيٰ آهي پر ساڳيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ ۾ ”پيرُ“ رڳو ماڻهوءَ جي پير کي چئي سگهبو آهي. گهوڙي جي پير کي سنب، ٻڪريءَ جي پير کي کُر ۽ اٺ جي پير کي داڦوڙو چئي سگهبو آهي. جيڪڏهن ڪو سنڌي ٻارڙو چوندو ته ”اُٺ جي پير ۾ ڪنڊو لڳو آهي“ ته اهو اديبانه نه چئي سگهبو، ڇوته هن جملي ۾ ڪم آيل ٻول ”ٻوليءَ جو ادب“ ڪونه ٿو سيکاري. بنيادي معنيٰ جي خيال کان ته ٻار جيڪي چيو سو غلط نه هو، پر ڪلچرل يا ادبي معنيٰ جي خيال کان ٻار غلطي اها ڪئي جو ”داڦوڙي“ لفظ جي بجاءِ لفظ ”پير“ استعمال ڪيائين. هن مان پڌرو ٿيو ته ٻوليءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن قسمن جا مواد مليا آهن، ۽ ادبي مواد فقط اُهو آهي جيڪو ڪلچرل مواد آهي ۽ جنهن ۾ معنيٰ جي يونٽن کي ”معنيٰ“ جا ڪلچرل حصا (Cultural Meaning Units) چئبو. جڏهن ته عام يا بنيادي مواد جي يونٽن کي (Elementary Meaning Units) چئبو آهي. (انگريزيءَ ۾ هنن کي E.M.Us ۽ C.M.Us چيو ويو آهي.)

ادب، ٻولي ۽ ڪلچر جو ڪمال ۽ بلندي رڳو ٻوليءَ جي ڪلچرل مواد جي يونٽن کي سمجهڻ سان حاصل ڪري ٿا سگهجن.

(8) **ڪلچرل امتياز يا مت ڀيد:** (Cultural Distinction)

ڪلچر ماڻهن جي وچ ۾ محبت، نفرت، فخر، وڏائي، عزت، لڄ، نيچائي ۽ ذلت جو معاملو به آهي. سنڌ ۾ جيڪڏهن ساهتي حصي جا ماڻهو ڪولهين ۽ مينگهواڙن سان برابريءَ جو ورتاءُ نٿا ڪن ته ان جو مطلب اهو آهي ته هنن ۾ ڪلچرل





برتريءَ جو بيجا احساس آهي ۽ گهٽ ذاتين ۾ ان جي نتيجي ۾ ڪلچرل ڪمتريءَ جو. هن احساس جا سبب ٻوليءَ کان سواءِ ٻيا به آهن ۽ انهن مان وڏي ۾ وڏو آهي جمالياتي ۽ اخلاقي نقطءِ نظر.

ڪلچر هڪڙي طرف کان جماليات جو مامرو آهي ته ٻئي طرف کان اخلاقيات جو. سنڌ ۾ ڀيل ۽ باگڙي گوهون ۽ نانگ ماري کائيندا آهن. سماجي علمن جي خيال کان هن قسم جو عمل هنن ماڻهن ۾ رائج جمالياتي ۽ اخلاقي طريقن ۽ نظامن ڏانهن اشارو ٿو ڪري. ڏنو ويندو ته هنن ماڻهن جي گهرن ۾ ڪرڀيون، رنبا، ٻگليون ۽ رسيون اهڙيءَ طرح رکيون آهن، جهڙيءَ طرح ساهتي پرڳڻي جي ماڻهن جي گهرن ۾ اجرڪ، لويون، سوسيون، لونگيون ۽ رلهيون. هن طرح هڪڙي ئي هنڌ تي جمالياتي ۽ اخلاقي قدرن جو اختلاف ظاهر ٿي ٿو سگهي، پر ڇاڪاڻ ته هڪڙي ڌر انهيءَ حيثيت ۾ نه آهي جو اها تصادم کي قبول ڪري، ان ڪري اهڙن حصن ۾ ۽ اهڙن هنڌن تي ڪلچرل تصادم جي ڪري نقصان ڪونه ٿو ٿئي.

پر جيڪڏهن ڪنهن هنڌ تي ڪلچرل تصادم وارن ماڻهن مان ڪابه ڌُر اهڙي نه آهي جو اها تصادم کي قبول ڪري ته پوءِ تصادم اوس ٿيندو آهي، ۽ نقصان به ضرور ٿيندو آهي.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته هن ڪلچرل امتياز کي برداشت ڪرڻ لاءِ ڪهڙو نظريو اختيار ڪجي. ڇا هن امتياز کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻن گروهن کي هڪٻئي سان وڙهڻ ۽ هڪٻئي کي قتل ڪرڻ گهرجي؟

وڙهڻ ۽ قتل ڪرڻ جي اجازت نه اخلاقيات ٿي ڏئي ۽ نه جماليات. ماڻهوءَ جي رت مان خوشبو ڪانه ٿي اچي. ڪنهن به اخلاقي معيار تي اهو جائز ناهي ته ماڻهوءَ کي قتل ڪيو وڃي. ان ڪري اهڙي ڪلچرل تصادم کي ختم ڪرڻ جو فقط هڪ ئي رستو آهي ۽ اهو آهي ”سهڻ“ جو، پر برداشت ڪرڻ لاءِ به ڪو معيار ضرور هئڻ گهرجي.

آدمخورن جي تهذيب ۽ ڪلچر ۾ ائين آهي ته هو دشمن کي دعوت ڏيئي، کين کارائي پياري، پوءِ هنن جي چوڌاري ناچ ڪري، پوءِ هنن کي ڪُهي پچائي کائڻ ويهندا آهن ۽ کائيندي کائيندي پنهنجي تهذيب جي برتريءَ ۾ ۽ پنهنجي قوم جي ۽ نسل جي شان ۾ قصيدا ڳائيندا آهن. هاڻي سوال ٿو اٿي ته انهيءَ ڪلچر کي برداشت ڪجي يا نه ڪجي؟

ظاهر آهي تہ ڪلچر ڪي برداشت ڪري نٿو سگهجي، تہ پوءِ ڇا انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ هن گروهہ کي ماري ناس ڪجي؟ نہ، هن جو مطلب اهو بہ ناهي، ڇوتہ ماري ناس ڪرڻ تہ خود ڪلچر جي نظرين جي خلاف آهي، تہ پوءِ آخر ڇا ڪجي؟

هن باري ۾ رستو تہ فقط هڪڙو آهي، ۽ اهو آهي وڏي انساني سماج جي تهذيب ۽ ڪلچر جي معيارن جو ۽ اصولن جو. ان سلسلي ۾ غيرتهذيبي ۽ غيرفطري طريقن کي اختيار ڪرڻ گروهن ۽ ٽولن جو ڪلچر تہ ٿي ٿو سگهي، پر ڪل انساني ۽ ڪل قومي معيارن لاءِ مناسب نہ آهي.

ڪل انساني معيار اهي آهن تہ انسان فطري طور تي ۽ سياويڪ طور تي نيڪ آهي ۽ نيڪيءَ ڏانهن مائل آهي. هو سياويڪ طور تي سڌارڪ آهي ۽ ترقي پسند آهي. هو سياويڪ طور تي خير ۽ امن ڏي مائل آهي، ان ڪري ڪل انساني جوڙجڪ ۽ ڪل قومي سٿاءَ جي خيال کان هڪڙو ڪلچر اهڙو بہ آهي، جيڪو پوري انساني برادريءَ ۾ نيڪي، امن، خوشحالي، سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي.

ان ڪري جيڪڏهن ڪٿي ڪلچرل امتياز جو مامرو سامهون اچي تہ چڱو ائين آهي تہ ڏسجي تہ ڪهڙي ڪلچر ۾ ڪل انساني معيارن سان ٺهي اچڻ جون ڳالهيون وڌيڪ آهن. اهڙيءَ حالت ۾ انساني برادريءَ جو پهريون فرض اهو آهي تہ هوءَ انهيءَ ڪلچر جي حفاظت ڪري، جيڪو ڪل انساني معيارن سان ٺهڪي ٿو اچي.

ڪل انساني معيارن ۾ ٻوليءَ جو مامرو بہ شامل آهي، ڇوتہ ٻولي انسان جي اخلاقي ۽ جمالياتي نظامن جي تمام ويجهو آهي. اُهي ٻوليون جيڪي تمام گهڻو عرصو انساني برادريءَ ۽ ڀائپيءَ واري لاڳاپي کي قائم رکندي ڌرتيءَ تي ڇرپر ۾ رهيون آهن ۽ اُهي ٻوليون جن جو ادب گروهي ۽ تفريقي ادب نہ پر انساني ۽ اجتماعي ادب آهي ۽ اُهي ٻوليون جن جو ڪلچرل مواد گروهن ۽ ٽولن تي ٻڌل نہ پر مجموعي انساني ڪلچر جي بنيادن تي ٻڌل آهي ۽ اُهي ٻوليون جيڪي پنهنجي سماجن کي انسان جي گڏيل ورثي يعني خير، امن ۽ خوشحاليءَ جي طرف وڌڻ ۾ مدد ڪن ٿيون، سي سڀ انهيءَ لائق آهن تہ انهن کي زندهہ رکيو وڃي ۽ انهن کي وڌايو وڃي. لازم آهي تہ انساني وسيلن سان انهن کي سماجن ۾ وڏي ۾ وڏو رتبو ۽ مرتبو وٺي ڏنو وڃي.

هن خيال کان اسان جي اڳيان وڏي ۾ وڏو ڪم هي آهي تہ اسان پنهنجي





ٻوليءَ جي عظمت کي ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪلچر ۽ سماجي وٿن کي ماڻهن جي عظيم ورثي يعني انساني ڀائپيءَ ۽ امن جي مامرن ۾ سچو، سياويڪ، اهم ۽ ضروري ثابت ڪريون. هي ڪم اسان سنڌي ٻوليءَ جي سماجي تاريخ لکڻ سان ڪري سگهنداسون، جنهن ۾ اُهو ڏيکاريو ويندو تہ سنڌي ٻوليءَ سماج ۾ ڪهڙو ڪم ڪيو آهي ۽ خود سنڌي سماج پنهنجي ٻوليءَ جي معرفت ڪل انساني سماج ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. پر هيءُ ڪم ڪري ڪير؟(7)

## اشارا


(1) Alfred Khun_Study of Society Page 205

(2) Alfred Khun_Study of Society Pages 208,211,212

(3) Alfred Khun_Study of society Page 212

(4) Evolution of Culture Page 6

(5) The World of Man Page 12

(6) In Language, in Culture Pages 94, 161_162

(7) ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪردار“ الهداد ٻوهيو_ نئين زندگي

# ٻوليءَ جو ٻٽو سرشتو
# (Bilingualism)

## (1) ٻٽي سرشتي جو مطلب ڇا هي؟

بنيادي طور تي انسان جو ذهن پنهنجي اوسر واري دؤر ۾ فقط هڪڙي ٻولي سکڻ جي قابل ۽ لائق آهي. اهوئي سبب آهي جو ٻار پنهنجي ٻالپڻي واريءَ وهيءَ ۾ جيڪي بنيادي آواز ۽ اُچار ڪري ٿو، سي سڀ هڪڙيءَ ئي ٻوليءَ جا بنيادي آواز ۽ اُچار هوندا آهن. مثال طور سنڌ ۾ پيدا ٿيل ٻار منڍ ۾ آ، با، بَان، مان ۽ اُن جا اُچار ڪري ٿو. غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته ٻار جا اهي آواز يا اُچار جيڪي هو بيخبريءَ ۾ يا ڪنهن مقصد کان سواءِ ڪري ٿو سي سنڌي ٻوليءَ جي ڍانچي جا بنيادي آواز آهن؛ توڙي جو هنن آوازن ڪرڻ وقت ٻار ڪابه ٻولي ڪانه ٿو ڳالهائي. اها ڳالهه يقين جهڙي آهي ته ٻار ڪنهن نه ڪنهن ٻوليءَ جي ڳالهائڻ لاءِ اُدم ڪري رهيو آهي ۽ هن حالت ۾ اهڙن اُچارن ڪرڻ وارو ٻار اڳتي هلي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارو ٻار ٿيندو.

هن قسم جو اَڀياس ڏيکاري ٿو ته:

الف_ ٻار پنهنجي بنيادي صلاحيت جي لحاظ کان منڍ ۾ فقط هڪڙي ٻولي سکڻ جي لائق آهي.

ب_ اُها هڪڙي ٻولي جا ٻار منڍ ۾ سکي ٿو. سندس آسپاس، ماحول ۽ سندس ماءُ واري ٻولي آهي، سا هن جي ٻالپڻي واري شخصيت (Child personality) ۾ هڪ سياويڪ ڳالهه (Natural Factor) آهي. جيڪا ٻار جي سڄي ۽ پوري شخصيت کي ٺاهڻ ۾ مدد ڪري رهي آهي.

ٻار جا بنيادي اُچار ۽ آواز لفظن جا ”ضروري پد“ هوندا آهن. هي پد ٻين پدن کان وڌيڪ طاقتور هوندا آهن. مثال طور ”ابا“ لفظ ۾ ضروري ۽ طاقتور پد آهي ”با“ ۽ اهوئي آواز آهي جيڪو ٻار بنيادي طور تي ڪري ٿو.

ٻي ڳالهه ته ٻار جا بنيادي آواز ڏگها هوندا آهن.





مثال طور: ٻار بَ ۽ اَ وارن اُچارن کان اڳ ۾ ”با ۽ آ“ وارا اُچار ڪري ٿو. هن مان پڌرو ٿو ٿئي ته ٻار جا پهريان اُچار رڙ ۽ ڪوڪ کي ويجها هوندا آهن! جن جو آواز ڏگهو ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته هنن آوازن ڪرڻ ۾ ساهه ڏگهو ٿو کڄي ان ڪري ٻار کي ڏگها آواز ڪرڻ ۾ آساني ٿي ٿئي ٿي.

ٽين ڳالهه ته ٻار جڏهن لفظ ٿو اُچاري تڏهن ڏسجي ٿو ته پهريان لفظ جيڪي هو اُچاري ٿو سگهي، سي اُهي لفظ آهن جن ۾ هن جا اُچاريل بنيادي آواز يا پد چٽا ۽ ظاهر آهن. مثال طور سنڌي ٻار پهريان لفظ جي اُچاريندو سي هوندا اَبا، اَما، ماما، وغيره. هنن لفظن ۾ ڏسبو ته با ۽ ما وارا ڏگها آواز جيڪي ٻار منڍ ۾ ڪندو هو سي چٽا ۽ نمايان آهن.

هن قسم جو اڀياس ڏيکاري ٿو ته:

(1) ٻوليءَ جو مامرو ٻار جي سڀاءَ جو مامرو آهي.

(2) ٻوليءَ جو مامرو ٻار جي ماحول جو يا سماج جو مامرو آهي.

(3) سياويڪ طور تي ٻار جي ٻوليائي قابليت (Linguistic ability) وڌيڪ مضبوط ۽ اتم فقط انهيءَ ٻوليءَ ۾ ٿئي ٿي جا هو ٻالپڻي ۾ اُچاري ۽ اوري ٿو.

هن طرح سان ٻار جيڪا ٻولي ٻالپڻي ۾ اوري ۽ ٻاراڻي اوسٿا ۾ ڳالهائي ٿو سا هن جي پهرين ٻولي ٿي سڏجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو فقط پنهنجي پهرين ٻولي، جنهن کي مادري ٻولي سڏيو ويو آهي، پنهنجي سڄي ڄمار ۾ سکندو ۽ ڳالهائيندو هلي ۽ هي ڪم ”سياويڪ طريقن سان“ ٿيندو هلي ته اهو ماڻهو فقط هڪڙي ٻولي ڳالهائڻ وارو (Mono lingual) سڏيو ويندو.

پر جيڪڏهن ٻار کي ٻولي سيکارڻ ۾ هٿراڌو طريقا اختيار ڪيا ويندا ته انهيءَ ڳالهه جي گنجائش نڪري پوندي ۽ جاءِ پيدا ٿي پوندي ته ٻار پنهنجي ٻوليائي اوسر ۾ ڪنهن نه ڪنهن ٻوليءَ سان لهه وچڙ ۾ اچي وڃي.

هٿراڌو طريقن مان پهريون طريقو اهو آهي ته ماڻهو پنهنجي خيال، سوچ فڪر ۽ ويچار کي ڪنهن اهڙي ٻئي ماڻهوءَ تائين پهچائي جيڪو سندس ٻولي يا مادري ٻولي نه سمجهندو هجي. وڏي ۽ ويڪري دنيا جڏهن ويڙهجي سيڙهجي ننڍڙي اصل ڪينهوءَ جهڙي ۽ ننڍڙي ٿي وئي، تڏهن هڪڙي ٻوليءَ ڄاڻڻ وارا ماڻهو هڪ کان وڌيڪ ٻوليون سکڻ لڳا ۽ هرڪو پنهنجي سيپتا ساهت، ويچار ۽ پراڻ کي ڪٺي ٻئي

جي گهر لنگهي ويو ۽ هن تائين پنهنجو خيال هن جي ٿي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پهچائڻ جي خيال کان ٻي ٻولي سکڻ لڳو.

هيءَ نوبت انهيءَ حد تائين پهتي جو آخر هڪڙي ٿي ملڪ ۽ هڪڙيءَ ٿي قوم ۾ انيڪ ۽ اڪيچار اهڙا ماڻهو پيدا ٿيا جي هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهائڻ لڳا. پر هي مامرو اجا بہ اڳتي هليو، تان جو حڪومتن پنهنجي تعليمي نظامن ۽ پنهنجن سرڪاري ۽ منصبي ڪمن ڪارين ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻولين جو استعمال ڪيو، اهڙيءَ ريت هڪ "سرشتو" پيدا ٿيو جنهن ۾ هڪڙي ٿي ملڪ ۽ هڪڙيءَ ٿي قوم ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻولين جو استعمال ٿيڻ لڳو، اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جو ٻتو سرشتو وجود ۾ آيو.

(2) **پهرين ٻولي ۽ ٻي ٻولي:**

جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم، ٻار جي پهرين ٻولي هن جي ماءُ جي، هن جي آسپاس جي، هن جي گروهہ يا هن جي ويڙهہ جي ٻولي آهي. پر ٻار جي ٻي ٻولي اها آهي جيڪا هو ڪن ضرورتن جي ڪري هتراڏو طريقن مان سکي ٿو، جن مان رسمي تعليم (Formal education) بہ هڪ طريقو آهي.

رسمي تعليم کان سواءِ ڪٿي ائين بہ ٿيو آهي جو ڪي ماڻهو هڪ ئي هنڌ تي هڪ کان وڌيڪ ٻوليون سکي ويا آهن، چوتہ جدا جدا ٻولين ڳالهائڻ وارا ان هنڌ تي هڪبئي سان تمام ويجهي ۽ گهاٽي لاڳاپي ۾ رهيا آهن. هن طرح جي لاڳاپي جا مثال سئزرليند ۽ ڪئنادا وارا ملڪ آهن. سنڌ ۾ بہ اردوءَ جي رواج جو سبب ويجهو ۽ گهاٽو لاڳاپو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن لاڳاپي جو اثر اصولي ۽ سياويڪ نہ نڪتو آهي. ڪن بہ ٻن ٻولين ڳالهائڻ وارن جي ويجهڙي لاڳاپي جو اثر اهو نڪرڻ گهرجي تہ ٻولين جي وچ ۾ رڳو "ڏيڻ" نہ، پر "ڏيڻ ۽ وٺڻ" وارو سرشتو قائم ٿي وڃي. هن سرشتي ۾ جدا جدا ٻولين جي ڳالهائڻ وارن جو تعداد هڪڙيءَ ئي رفتار سان وڌندو رهندو آهي. انگريزيءَ جو بہ سنڌيءَ سان پاند اٽڪيو هو. انگريز سنڌ ۾ تمام ٿورا آيا ۽ تمام ٿورڙا هٿ گهر ڪري ويهي رهيا هئا، پر تہ بہ جيترا بہ آيا انهن سنڌي ٻولي سکي، انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن انگريزي ۽ سنڌي ڳالهائڻ وارن جو تعداد هڪ رفتار سان نہ وڌيو تہ ان جو واجبي سبب موجود آهي. وري انگريزن ۽ سنڌين يا مقامي ماڻهن جا سماجي مامرا ۽ قومي اقتصادي ۽ پنگتي مامرا بہ جدا جدا هئا؛ ان ڪري اهو ممڪن ئي نہ هو تہ هو ٻيئي طبقا هڪبئي جي ٻوليءَ سکڻ جي وسيلي هڪبئي جي





تمام ويجهڙو اچڻ قبول ڪن يا پسند ڪن.

وري هڪڙي هيءَ ڳالهہ بہ آهي تہ انگريزيءَ وارو انگريز پنهنجي گهر ۾ ويهي پاڻ کي ڏاريو سمجهندو هو. هن جو بنيادي ويچار اهو هو تہ هو انگريز تهذيب يا يورپي تهذيب ۽ انگريزي سياسي نظرين ۽ انگريزي قومي ضرورتن ۽ تقاضائن جي پوري ڪرڻ لاءِ تمام پري ايشيا جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ اڻسڌريل گرم ۽ خشڪ ملڪ ۾ فقط پنهنجي فرض کي پوري ڪرڻ ۽ حڪمرانيءَ واريءَ جوابداريءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ وينو آهي، وري هڪڙي هيءَ ڳالهہ بہ هئي تہ گوري ۽ ڪاموري کي پتو هو تہ هو روءِ زمين جو بادشاهہ هو ۽ هن جا مٽيان حاڪم هن کي زمين جي هن ٽڪري کان ڪنهن ٻئي ٽڪري تائين بہ موڪلي ٿي سگهيا، اهڙي حالت ۾ هو ڪنهن مقامي ٻوليءَ کي سکي پلاچا ٿي ڪري سگهيو.

"راجا ۽ پرجا" واري تصور کان سواءِ هڪڙي هيءَ ڳالهہ بہ هئي تہ اوڻيهين صديءَ ۾ جمهوريت جي اوسر ۽ ويهينءَ صديءَ جي مقبوليت گوريءَ سرڪار کي اها مت ڏني هئي تہ هڪڙي ڏينهن جمهوريت سندن خلاف جهنڊو کڻندي ۽ 'راجا راڄ' جي بجاءِ 'سوراڄ' جي حڪومت نهي پوندي. تنهن ڪري ڪين ملڪ کي ڇڏڻو ۽ پڇڻو پوندو ان ڪري جيڪڏهن انگريز سنڌي نہ سکيو تہ بہ ان جا سبب ڪافي مضبوط آهن.

باقي هونئن اصول اِهو آهي تہ لاڳاپي جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن هنڌ تي ٻہ ٻوليون استعمال ڪيون وينديون، تہ پوءِ ترقي ٻنهي جي ٿيندي، پر شرط اهو آهي تہ حالتون اهڙيون نہ هجن جهڙيون انگريزن واري زماني ۾ سنڌ ۾ هيون.

فقط هڪڙي ٻولي ڳالهائڻ وارو ملڪ تہ دنيا ۾ شايد ئي ڪو هجي، پر اهڙا ملڪ ضرور آهن، جتي تمام گهڻا ماڻهو رڳو هڪڙي ٻولي ٿا ڳالهائين ۽ تمام ٿورا ماڻهو آهن، جيڪي هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهائين ٿا. چين تمام گهڻن ماڻهن وارو ملڪ آهي، پر هن ملڪ جا تمام گهڻا ماڻهو رڳو هڪڙي ٻولي ٿا ڳالهائين.

دنيا ۾ اهڙا ملڪ تہ ڪيترائي آهن، جيڪي فقط هڪڙي ٻوليءَ کي وڏي ۾ وڏي اهميت ڏين ٿا. توڙي جو انهن ملڪن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون بہ ڳالهايون ٿيون وڃن. جپان، جرمني، فرانس، انگلينڊ اهڙن ملڪن جا مثال آهن. آمريڪا بہ اهڙن ملڪن ۾ شامل آهي.

دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو ملڪ هجي جتي مقامي ۽ ٻاهرين ٻوليءَ کي

هڪجهڙي حيثيت حاصل هجي، چوته پهرين ٻولي ۽ ٻي ٻوليءَ جا ڪارج جدا جدا آهن.

### (1) پهرين ٻوليءَ جا ڪارج:

پهرين ٻوليءَ جون پهريون ڪم آهي ٻار ۾ ٻولي سکڻ جي بنيادي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ. ٻوليءَ جي اڀياس مان اڪابرن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته ٻار پهرين ٻوليءَ ۾ پڙ ٿيڻ کان سواءِ ٻي ڪابه ٻولي آسانيءَ سان سکي نٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي جدا جدا تعليمي نظامن ۾ پهرين ٻوليءَ کي وڏيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي.

(2) پهرين ٻوليءَ جو ٻيو ڪم آهي ڪلچري روايتن (Cultural traditions) کي سانڍڻ ۽ قائم رکڻ جو.

هي روايتون خود ٻوليءَ ٺاهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون ۽ پاڻ ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهن ٿيون (هن باري ۾ وڏيڪ پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ”ٻولي ۽ ڪلچر“ ۾ لکيو اٿم.)

(3) ڪلچري روايتون ڪنهن گروهه، ملڪ ۽ سماج جي سيني ماڻهن جي گڏيل ماحول، سماجي ڀائيچاري، ڍنگ ۽ اتم ڪارڪردگيءَ جون اُهي روايتون آهن جن جي بنياد تي ڪا قومي، ملڪي ۽ سماجي زندگي پيدا ٿئي ٿي. هن جو مطلب اهو آهي ته پهرين ٻولي قومي ملڪي ۽ سماجي زندگيءَ جو سڀ کان پهريون شرط آهي.

(3) پهرين ٻوليءَ جو ٽيون ڪم آهي بنيادي اظهار (Innate expression) ۽ سوچ (Thinking) جي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ جمالياتي، روحاني توڙي سماجي ۽ پنگتي وسيلا موجود ڪري ڏيڻ. هن وسيلن مان تمام مضبوط، اهم ۽ طاقتور وسيلو آهي شعر. تمام وڏي ۽ شاعراڻي خصوصيتن وارو شعر جمالياتي ضرورتون پوريون ٿو ڪري ۽ سماج جي تنقيد ۽ هارايل جي طرفداريءَ وارو شعر سماجي ضرورتون پوريون ٿو ڪري.

ان ڪري پهرين ٻوليءَ جي صحيح ۽ ضروري طور تي استعمال جي لاءِ ان ۾ شعر جو وڏو ذخيرو هئڻ تمام ضروري آهي. شعر کان خالي يا ان لحاظ کان ڪٽل ۽ اڻ پوري اڌوري ۽ سڄي ٻولي سماج ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري نٿي سگهي.





(4) منهنجي خيال ۾ پهرينءَ ٻولي جو چوٿون ڪم آهي قومي ادب کي پيدا ڪرڻ جو. قومي ادب فقط پهرين يا مادري ٻوليءَ ۾ پيدا ڪري ٿو سگهجي. اها منهنجي راءِ آهي، پر ان لاءِ مون وٽ ڪي دليل به آهن:

(1) سڀ کان پهريون دليل ته اهو آهي ته پهرين ٻولي ڪنهن سماج ۾ ”قوميت“ واري شعور، تصور ۽ احساس لاءِ بنيادي شرط آهي. (جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم).

(2) قومي ادب قوم جي بنيادي تقاضائن تي ٻڌل هوندو آهي، جن مان پهرين تقاضا آهي ڪلچر جي سنڀال ۽ ان جو ڦهلاءُ. هاڻي چاڪاڻ ته ڪلچر فقط پهرين ٻوليءَ ۾ جاءِ وٺي ٿو سگهي، ان ڪري قومي ادب به فقط پهرين ٻوليءَ ۾ پيدا ڪري سگهجي.

(3) قومي ادب جو مطلب آهي عام ادب Popular literature پيدا ڪرڻ. ظاهراً عام ادب يا مقبول علم ادب يا اهو ادب جيڪو هڪ گروهه، قوم يا سماج ۾ وڌ ۾ وڌ مقبول هجي، اُهو فقط ان ٻوليءَ ۾ پيدا ڪري سگهيو جيڪا وڌ ۾ وڌ طاقتور وسيلي جي صورت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهندي. اُها ٻولي پهرين ٻولي ئي هوندي.

(4) قومي ادب جو هڪڙو ڪم آهي قوم جي اُسرندڙ وڌندڙ ۽ متحرڪ جمالياتي، قومي ۽ سماجي وٿن کي محفوظ رکڻ ۽ انهن جي ڪم ڪرڻ واري حيثيت ۾ صلاحيت کي وڌائڻ. ظاهر آهي ڪم به پهرين ٻوليءَ کان وڌيڪ ۽ بهتر ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪري ڪونه ٿو سگهجي.

پهرين ٻوليءَ جا اهي چار وڏا ڪم ته اهڙا آهن جن ۾ هوءَ ڀائيچارو قبول ڪري ئي نٿي سگهي. انهيءَ ڪري اهو تمام ضروري آهي ته ٻوليءَ جي حيثيت تي فيصلي صادر ڪرڻ کان اڳ ۾ انهن ڳالهين تي ويچار ڪيو وڃي.

هن باري ۾ ٻي ٻوليءَ جو جيڪو دائرو ٿي ٿو سگهي، ان لاءِ هيٺيون ڳالهيون خيال ۾ رکڻ جهڙيون آهن:

1_ ٻئي سرشتي کي اختيار ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي اهو ڏسڻ جڳائي ته پهرين ٻوليءَ ۾ اهي کهڙيون اوڻايون يا گهٽتايون آهن، جن جي ڪري اهو

ضروري ٿي پيو آهي تہ ڪاروبار کي بهتر طريقي سان هلائڻ لاءِ پهرين ٻوليءَ سان گڏ ڪنهن ٻي ٻوليءَ کي بہ رائج ڪيو وڃي. مثال طور انگريزيءَ کي جڏهن مقامي ٻولين جي مقابلي ۾ رائج ڪيو ويو هو تہ ان جا ڪي سبب بہ ڏنا ويا هئا، اهي سبب هيٺيان آهن:

(1) مقامي ٻوليون اڃا ترقيءَ جي ابتدائي دؤر مان لنگهي رهيون هيون. ان ڪري منجهن ادبي يا ٻوليائي مواد ۽ صلاحيت ايتري نہ هئي، جيتري ان وقت انگريزيءَ کي هئي.

(2) انگريزي ٻولي رائج ڪرڻ جي ڪري تمام گهڻن انگريزن کي سرڪاري عهدن ماڻڻ ۽ هلائڻ ۾ مدد ملي رهي هئي، جيڪڏهن رڳو مقامي ٻوليءَ تي ڀاڙي ويهي رهجي ها تہ عهدن ۾ وڏو حصو مقامي ماڻهن جو ٿي وڃي ها، جا ڳالهہ گوري سرڪار کي نٿي وڻي.

(3) انگريزي ڏيساور ۽ ولائتن ۾ بہ ڳالهائي ٿي ويئي ۽ سمجهي ٿي ويئي، پر مقامي ٻولين جو دائرو انگريزيءَ جي مقابلي ۾ تمام ٿورو هو.

(4) ملڪ ۾ تعليم جي سهولتن جي ڏاڍي کوٽ هئي ۽ اعليٰ درجي جي تعليم تہ بلڪل اڻلڀ هئي، ان ڪري ملڪي ماڻهن کي تعليم لاءِ ٻاهر وڃڻو هو ۽ ٻاهر وڃڻ ۽ پڙهڻ لاءِ انگريزيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو ذريعو موجود نہ هو.

(5) حڪومت جي نئين نظام ۾ نون عهدن لاءِ تمام گهڻن پڙهيل ماڻهن جي ضرورت هئي، پر ملڪي ماڻهو تمام ٿورا اهڙا هئا، جيڪي پڙهيل هئا، ان ڪري تڪڙي پرتيءَ لاءِ انگريزيءَ پاڙهڻ جو ڪم تمام ضروري هو.

(6) انگريزي ڇاڪاڻ تہ نہ مقامي ٻولي هئي ۽ نہ مادري ٻولي، ۽ خود گوريءَ سرڪار کي پتو هو تہ مادري ۽ مقامي ٻوليءَ کان سواءِ ملڪ جو آئيندو روشن ٿي نٿي سگهيو، ان ڪري ملڪ ۾ ٻوليءَ جو ٻٽو سرشتو رائج ڪيو ويو، جنهن ۾ مقامي ۽ انگريزي ٻولين کي هڪجهڙا حق حاصل رهيا.

اهڙيءَ طرح هر انهيءَ ملڪ ۾ جتي ٻٽو سرشتو رائج ڪيو ويندو آهي، اهو ڏٺو ويندو آهي تہ مقامي ۽ پهرين ٻوليءَ جون گهٽتايون کهڙيون آهن ۽ ٻوليءَ جي





رائج ڪرڻ جا سبب کهڙا آهن ۽ ضرورتون کهڙيون آهن.

2_ جيڪڏهن ڪنهن هنڌ سياسي سببن جي ڪري اهو ضروري ٿي پوي تہ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون رائج ڪيون وڃن تہ پوءِ ڏسڻ گهرجي تہ خود سياسي اعتبار کان ملڪ کي ڪهڙو فائدو پهچندو. هيءَ صورتحال گهڻو ڪري انهن ملڪن ۾ ٿي پيدا ٿئي، جتي هڪ کان وڌيڪ ٻوليون مڃيل حيثيت وٺي ظاهر ٿيون ٿين. هن حالت ۾ جيڪڏهن ٻن گروهن ۾ سٺي لاڳاپي لاءِ ٻن ٻولين جو رواج ضروري هجي تہ پوءِ هن باري ۾ سياسي اعتبار کان سوچڻ غلط نہ آهي، پر جيڪڏهن سٺو لاڳاپو ٻئي سرشتي کان اڳ ۾ ئي موجود هجي يا اهڙو لاڳاپو ٻئي سرشتي جو محتاج نہ هجي تہ پوءِ ٻارن جي صلاحيتن جي قيمت تي ٻٽي سرشتي جو رواج جائز ڄاڻائي نٿو سگهجي.

3_ وري اهو بہ ڏسڻ گهرجي تہ ٻٽو سرشتو ڪٿي ڪلچري تصادم (Cultural conflict) جو سبب تہ نہ ٿي پوندو! انگريزيءَ جي رواج جي حالت ۾ بہ ڪلچري تصادم ٿيو هو، پر انگريز جي رواداري ۽ حڪمت عمليءَ جي ڪري هن تصادم باهہ ڪانہ لڳائي ۽ سون سالن کان پوءِ مس وڃي مقامي ماڻهن انگريزي طريقن کي اختيار ڪيو، پر هن حالت ۾ بہ انگريزي ٻوليءَ جي ناڪامي اهڙي ڳالهہ آهي، جنهن مان سبق حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي.

ٻوليءَ جو ٻٽو سرشتو ڪلچر جي ٻٽي سرشتي اختيار ڪرڻ کان سواءِ رائج ڪري نٿو سگهجي. انگريزيءَ جي ناڪاميءَ جو سبب فقط اهو آهي تہ اسان ڪلچر جي ٻٽي سرشتي کي قومي حيثيت سان قبول نہ ڪيو هو.

ان ڪري اهو ظاهر آهي تہ ٻوليءَ جي ٻٽي سرشتي مان ڪلچري تصادم ڪڏهن بہ ٽاري نٿو سگهجي، ۽ اهو بہ ظاهر آهي تہ ٻٽي سرشتي مان ڪلچري تصادم ضرور پيدا ٿيندو.

جيڪڏهن ڪنهن هنڌ تي اهو ڏٺو وڃي تہ تمام ضروري ۽ اڻٽر سببن جي ڪري (هي سبب مون مٿي ڏيکاريا آهن) ٻوليءَ جو ٻٽو سرشتو رائج ڪرڻو آهي تہ پوءِ ڪلچري تصادم کي ٽارڻ جا اپاءَ بہ اڳ ۾ وٺڻ گهرجن.

هن تصادم کي ٽارڻ جا ممڪن طريقا فقط ٻہ آهن:

(1) ٻئي سرشتي وارين ٻنهي ٻولين مان هرهڪ جو دائرو ۽ ان جون ضرورتون مقرر ڪري ڇڏڻ.

(2) ڪنهن ٻہ هڪ گروهہ جي ڪلچري برتري ۽ وڏائيءَ کي قبول ڪرڻ.

ظاهر آهي هن حالت ۾ فقط پهريون طريقو ئي ممڪن آهي، ڇوتہ ٻيو طريقو ايترو مشڪل آهي جو خود حڪومتون بہ انهيءَ مامري ۾ ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيون آهن.

انگريزيءَ جي حالت ۾ انگريزي سرڪار جي هڪ چوٽيءَ مطابق "سيزرس کي ايترو ڏنو جيترو، سيزرس جو حق هو، ۽ خدا کي ايترو ڏنو جيترو خدا جو حق هو". ان ڪري ان دؤر جو ٻٽو سرشتو هاجيڪار نہ ٿيو.

## 4_ وڏو خطرو.

ٻوليءَ جي ٻٽي سرشتي هلائڻ جي نقصانن ۽ فائدن تي پوري دنيا ۾ ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي رهي آهي. ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ وارن عالمن بہ هن مامري تي سوچيو آهي ۽ دنيا کي هن خطري کان آگاهہ ڪيو آهي. هن هيٺ آءٌ پڙهندڙن جي پنهنجي ويچارن لاءِ هڪ اڪابر جا لفظ بہ ڏيئي رهيو آهيان:

"ٻولي ماڻهوءَ جي ذات ۽ قوميت سان تمام ويجهو لاڳاپو رکي ٿي، ان ڪري اِهو ڏنو ويو آهي تہ بادشاهہ ۽ شهنشاهہ (ڏاڍا مڙس) پنهنجي حڪومتن جي حدن اندر پنهنجي رعيت تي پنهنجون ٻوليون ڏاڍ مڙسيءَ سان مڙهيندا آهن. ڪم عقلي ۽ اڻڄاڻائيءَ جي ڪري اُهي ماڻهوءَ انهيءَ ڳالهہ تي ويچار ڪري نہ سگهندا آهن تہ ٻوليون ڇو ٿيون سيکاريون وڃن ۽ ڪيئن ٿيون سيکاريون وڃن. تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي، جنهن ۾ ارهہ زور طبقو هيٺئين طبقي تي پنهنجي ٻولي مڙهي رهيو آهي ۽ هيٺو طبقو پنهنجي ٻوليءَ جو بچاءُ ڪري رهيو آهي ۽ ڏاڍ مڙسيءَ جو مقابلو ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ ڇڪتاڻ جي ڪري هڪ ڏڪار جنم وٺي ٿي، پڪڙجي ٿي وڃي ۽ پوءِ صدين تائين پنهنجو اثر قائم رکندي ٿي اچي. ڏاڍن مڙسن جا اهڙا ڪارناما ناڪام ٿي ويا آهن. ياد رکڻ گهرجي تہ ٻولين جي عمر بادشاهتن ۽ حڪومتن جي عمر کان وڏي ٿيندي آهي."

هي آهي عالم ۽ اڪابر رابرٽ لاڊو، جيڪو جارج ٽائون يونيورسٽيءَ جي ٻولين واري شعبي ۾ ڊين آهي.

(ڏسجي سندس ڪتاب "ٻوليءَ جي سکيا" Language Teaching page 17_18.)



سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون_ جلد III

ظاهر آهي مقامي ٻولي ڪنهن بہ غلبي ۽ برتريءَ جي اثر هيٺ تہ رهي سگهي ٿي، پر ختم ٿي نٿي سگهي. پر جيڪڏهن انهيءَ ڳالهہ کي سمجهيو وڃي، جيئن رابرٽ لاڊو چيو آهي تہ ٻولين جي سيکارڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي تہ شايد هي خطرو ٽري وڃي.

## 5_ ٻوليءَ ۽ ضرورت:

مناسب ۽ موزون ٿيندو جيڪڏهن بہ لفظ ٻوليءَ جي ضرورت ۽ اهميت تي بہ لکي ڇڏجن تہ جيئن ٻٽي سرشتي جو سڄو معاملو سمجهہ ۾ اچي وڃي.

شين جي واپري، استعمال ۽ جوڙَ جا سبب انسان جي تاريخ پڙهڻ سان فقط ٻہ ٿا ملن. (1) ضرورت (2) سهولت. سڀيئي ايجادون هنن ٻن محرڪن جي ڪري ٿيون آهن ۽ جيئن جيئن انساني معاملا وڌندا ويندا، تيئن تيئن نيون شيون ايجاد ٿينديون وينديون. زمين کيڙڻ جون مشينون ۽ اوزار، سفر ڪرڻ جون مشينون، اٽي، لٽي ۽ اجهي جي ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ مشينون ۽ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي سهولت لاءِ مشينون. سڀ ضرورت ۽ سهولت جي دٻاءَ هيٺ ايجاد ٿيون آهن.

ٻولي بہ انساني ضرورت ۽ سهولت جي ڪري پيدا ٿي آهي، هن خيال کان ٻولي بہ هڪ وسيلو آهي، هڪ اوزار آهي، هڪ عمل آهي، ۽ هڪ طريقو آهي، جنهن سان انسان پنهنجون ڪي ضرورتون پوريون ٿو ڪري ۽ سهولتون حاصل ٿو ڪري.

هاڻي وڏيڪ ڏسڻو آهي تہ انسان جون اُهي ڪهڙيون ضرورتون آهن، جن جي پورائي هو ٻوليءَ جي وسيلي ڪري رهيو آهي ۽ اُهي ڪهڙيون سهولتون آهن، جيڪي هو ٻوليءَ جي وسيلي حاصل ڪري رهيو آهي.

(1) بنيادي تهہ تہ آهي سوچ، سوچ کي انسان جي طبع جي روشني چئي ٿو سگهجي. سوچ جي پنهنجي طبع اها آهي جو ويٺي ويٺي من ۾ هڪڙو ڏيئو ٻري ٿو پوي، ۽ ماڻهوءَ جي آسپاس جي ڪائنات جون سڀ شيون حقيقتون ۽ مسئلا ٻڌجي ماڻهوءَ جي اڳيان اچي ٿيون ورن. اُهي شيون جيڪي اڳ ۾ اکرن جي ليکن جيان ڏنگيون ڦڏيون ۽ بي معنيٰ هيون، سي سوچ جي ڪري حقيقتون ۽ سَچ ٻڌجي ٿيون پون. اکر اڳيان اچي واڳون ٿي وريام. مامرا ۽ مسئلا جيڪي ماڻهوءَ جي پنهنجي جند سان واسطو رکن ٿا، سي انسان تي دٻاءُ ٿا وجهن ۽ جڻ ڪيس کائڻ ٿا اچن. اُهي مسئلا ماڻهوءَ جي هنيائن ۾ هرن ٿا ۽

ڪندا تا چين. سيئي سيله (ڪندا) تيام پڙهيام جي پاڻان.

انسان، سوچ جي انهيءَ چيڪي، هرڪر ۽ دٻاءُ ڪي گهٽائڻ لاءِ وسيلو تلاش ڪيو هو ۽ آخرڪار اظهار جي وسيلي يعني ٻوليءَ جي مدد سان هن پنهنجي انهيءَ بار ڪي جهڪو ڪيو هو. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي پهرين ضرورت يا بنيادي ضرورت آهي اظهار جي.

سوچڻ ۽ ڳالهائڻ نفسياتي اعتبار کان جدا جدا نہ آهن. پر ڳالهائڻ جي ضرورت گهٽين ضرورتن کان نرالي آهي. انسان گهٽين ضرورتن جي پوري ڪرڻ ۾ خودمختيار آهي. ڪيس اختيار آهي تہ اُهي ضرورتون پوريون ڪري يا نہ ڪري. ليڪن ڳالهائڻ جي معاملي ۾ انسان مجبور آهي. اُهوئي سبب آهي جو ٻوليون انسان جي معاشري ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿيون.

هن ضرورت جي خيال کان ڪارگر وسيلو فقط انسان جي پهرين ٻولي آهي چوتہ اُها هُنَ جي پنهنجي من جي پنهنجي روشنيءَ مان اپري نڪتي آهي ۽ اظهار جي احتياج جي مقابلي ۾ اُها ٻولي هن جي ويجهي ۾ ويجهي واهر آهي.

(2) پاڻ ظاهر ڪرڻ جي هن بنيادي ضرورت کان مٿي ٻوليءَ جون ٻيون ضرورتون بہ آهن، جن مان هڪڙي آهي سکڻ يا پرائڻ. هن حيثيت ۾ ٻولي علم جو دروازو آهي، جنهن جي وسيلي علم انسان جي من ۾ داخل ٿئي ٿو. ٻڌڻ ۽ پڙهڻ هن دروازي جا بہ طاق آهن.

(3) ٻوليءَ جو ٽيون ڪم آهي پاڙهڻ ۽ سيکارڻ. هي ڪم لکڻ ۽ ڳالهائڻ وسيلي ٿئي ٿو.

(4) ٻوليءَ جو چوٿون ڪم آهي پروپيگنڊا، اشتهاربازي، ۽ ڦهلاءُ ڪرڻ جو. هن مامري اڄڪلهہ هڪ فن جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي ۽ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فون سڀ هن ڪم ۾ استعمال ٿي رهيا آهن. سئنيما ۽ رڪارڊ بہ هن ڏس ۾ وڏي مدد ڏين ٿا.

(5) ٻوليءَ جو پنجون ڪم آهي علم ۽ دانش کي سانڍي رکڻ جيئن ڪتابن لکڻ سان ڪيو ٿو وڃي. حمورابي ۽ ٿاهاٽيپ جي لکڻين کي اڄ بہ ماڻهو قدر جي نظر سان ڏسن ٿا. هن طرح سان اسان جي حڪمت ۽ ڄاڻ کي محفوظ ڪري ٿو سگهجي.

(6) ٻوليءَ جو ڇهون ڪم آهي جمالياتي تسڪين ڏيڻ جو. هي ڪم





عمدي شعر ۽ راڳ جي وسيلي ٿئي ٿو يا آرٽ ۽ آواز جي وسيلي. هن مامري ۾ ڏِن، لئي، تال ۽ رنگ بہ وسيلا آهن يا طريقا آهن ۽ وڏو ڪم بہ هنن جو آهي_ ٻولي هن باري ۾ بنيادي ڪم ڪري سگهي ٿي پر وڏو ڪم آرٽ جو آهي.

(7) ٻوليءَ جو ستون ڪم آهي قومن ۽ ملڪن جي اندرين ۽ ٻاهرين معاملن ۾ مدد ڪرڻ ۽ تقرير ۽ تحرير جي صورت ۾ پنهنجي ساک ۽ اثر کي قائم رکڻ ۽ ماڻهوءَ جي انفرادي طاقت ۽ عقل جي ساک پرڻ.

(8) ٻوليءَ جو اٺون ڪم آهي تعليمي نظام کي هلائڻ ۽ سکيا جي طريقن جي مدد سان ٻارن ۽ ماڻهن جي افرادي قوت ۽ انفرادي صلاحيت کي وڌائڻ.

(9) ٻوليءَ جو نائون ڪم آهي ذهين ۽ عاقل اديبن ۽ شاعرن جي پنهنجي بنيادي صلاحيتن کي ادب ۽ سائنس جي تحريرن ۾ سانڍي رکڻ.

چاڪاڻ تہ ٻوليءَ جو سڄو واسطو انسان جي سوچ سان آهي، ان ڪري ٻوليءَ جو مامرو انفرادي نہ پر اجتماعي مامرو آهي، ان ڪري دنيا جون سيئي ٻوليون انسانذات جي دولت ۽ گڏيل ملڪيت آهن. ٻولين جي ترقيءَ جو مطلب انسانذات جي ترقيءَ جهڙو آهي.

ٻولين جي سچائي انسانذات جي سچائي ۽ ٻولين جي شاهوڪاري انسانذات جي شاهوڪاري آهي. اهڙيءَ ريت ٻولين سان دشمني انسانذا ت سان دشمني جهڙي آهي ۽ ٻولين سان دوستي ماڻهن سان دوستيءَ جهڙي آهي.

پر ياد رکڻ گهرجي تہ ٻولين جي ضرورت ۽ ڪم کي معلوم ڪرڻ ۽ نظر ۾ رکڻ ۾ جذبات کي دخل ڪڏهن بہ حاصل نٿو ٿي سگهي.

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي، ٻولي ڪنهن بہ نظريي يا دين جي پيداوار نہ آهي. ٻولي اهڙي ڪا بہ ضرورت پوي ڪانہ ٿي ڪري، جيڪا دين يا نظريو پوري ڪندو هجي. اهو بہ سبب آهي جو ڪنهن بہ نظريي ۽ مذهب جي بنياد تي ڪنهن خاص ٻوليءَ جي حمايت ڪري ئي نٿي سگهجي. هائو، ٻوليءَ جي حمايت تهذيبن، ڪلچرن ۽ قوميتن جي بنيادن تي ٿي ٿي سگهي، ٻولي نہ اخلاقي معاملو آهي ۽ نہ نظرياتي. ٻولي تہ قومي ۽ تهذيبي معاملو آهي، ان ڪري مذهبي ۽ نظرياتي وارا لفظ ٻوليءَ سان لڳن ئي ڪونہ ٿا.

جيڪي ماڻهو ٻوليءَ جي حمايت يا مخالفت مذهبي ۽ اخلاقي بنيادن تي ڪن ٿا، تن جي دليلن کي علم ۽ دانش تحقيق ۽ سائنس جي حمايت حاصل ٿي نٿي سگهي.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکڻ سان ڏٺو ويندو ته ٻوليءَ جي ٻٽي سرشتي ۾ انهيءَ ڳالهه تي وقت وڃائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي ته مذهب ۽ ڌرم کهڙي ٻولي ڳالهائڻ يا لکڻ مان خوش ٿيندا ۽ کهڙي ٻولي ڳالهائڻ يا لکڻ مان ناراض. يا مسلمانن جي ٻولي کهڙي آهي ۽ ڪافرن جي کهڙي، يا هندو کهڙي ٻولي ڳالهائيندا ۽ مسلمان کهڙي.

ٻوليءَ جي ٻٽي سرشتي ۾ خيال فقط ٻوليءَ جي اهميت، ضرورت ۽ ان جي ڪارڪردگيءَ جو ڪرڻ گهرجي.

**6_ هڪڙو ٻيو مسئلو.**

ڪن حالتن ۾ ٻٽي سرشتي کي هلائڻ واري رستي ۾ ڪي خاص مسئلا به پيدا ٿين ٿا. مثال طور سنڌ ۾ هاڻوڪين حالتن ۾ اردو ۽ سنڌيءَ جي وجودن کان سواءِ انگريزيءَ جو وجود به اهڙو آهي جو ان کان ڪنڌ موڙي ۽ نتائي نٿو سگهجي. انگريزيءَ جي پوزيشن سنڌ ۾ هن وقت هيٺينءَ ريت آهي:

(1) پڙهيل ماڻهن جي سڄي تعداد جون ٽي پتيون اهڙيون آهن جن جي تعداد جيترا ماڻهو انگريزي پڙهيل آهن.

(2) سنڌ سرڪار جا سڀئي ملازم هن وقت تائين انگريزيءَ کي سرڪاري ڪاروبار ۾ واپرائڻ جي تربيت حاصل ڪري چڪا آهن.

(3) سنڌ صوبي جي سيني پڙهيل ماڻهن جي گهرن ۾ روزمره جي مامرن ۾ انگريزيءَ کي دخل حاصل آهي.

(4) پيشيورانه تعليم جي سيني شعبن ۾ انگريزي ڪنهن به زبان جي پائيچاري کان سواءِ بالادستيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي.

(5) فني ۽ ٽيڪنيڪي اصطلاحن ۽ لفظن ۾ انگريزي زبان جا لفظ ايتريقدر ته پکڙجي ويا آهن جو اڻپڙهيل ماڻهو به انهن جو استعمال آزاديءَ ۽ سولائيءَ سان ڪري رهيا آهن.

(6) ڪل قومي اعتبار کان اردو ۽ سنڌيءَ کي ايتري ۽ اهڙي حيثيت حاصل نه آهي جو اُهي انگريزيءَ جي برابر ڪري سگهن.





(7) اسان جو پڙهيل طبقو ذهني اعتبار کان انگريزيءَ کي اردو ۽ سنڌيءَ کان پوئين جڳهه ڏيڻ لاءِ اجا تيار ناهي.

(8) حقيقت به اها آهي ته اسان جي معاشي ۽ حقيقي زندگيءَ ۾ انگريزيءَ هڪ اهم جڳهه حاصل ڪري ورتي آهي. ۽ هينئر انگريزي اسان جون تمام گهٽيون ضرورتون پوريون ڪري رهي آهي.

(9) سيني اپرندڙ ۽ وڌندڙ ملڪن ۾ انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪيو ويو آهي ته انگريزي، فرانسي، جرمن، روسي ۽ چيني ٻولين مان ڪنهن به هڪ کي مقامي ٻولين يا ٻوليءَ سان گڏ رائج ڪرڻ تمام ضروري آهي.

(10) انگريزي ادب ۽ ٻوليءَ جو هاڻوڪو معيار ايترو اعليٰ آهي جو اسان لاءِ تمام ضروري آهي ته اسان هن ٻوليءَ کي سکڻ ۾ پنهنجو چڱو خاصو وقت صرف ڪريون.

(11) سائنس ۽ فن ۾ اسان ٿوري گهڻي جيڪا به ترقي ڪئي آهي، تنهن ۾ انگريزي ٻوليءَ اسان جي مدد ڪئي آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو اسان هاڻي هن مقام تي انگريزيءَ کي الوداع چئي نٿا سگهون.

(12) تعليمي نظام ۾ انگريزيءَ هن وقت تائين ٻٽي سرشتي ۾ هڪڙي ٻوليءَ جو ڪم ڪيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سان انگريزيءَ کي پنهنجي تعليمي نظام ۾ نهايت ئي اهم جڳهه ڏيندا آيا آهيون.

(13) انصاف جي ڳالهه اها آهي ته زندگيءَ جي سيني ڳالهين ۾ انگريزيءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جي جڳهه تي سنڌي يا اردوءَ جا لفظ ۽ اصطلاح هڪدم بيهاري نٿا سگهجن. ان ڪري انگريزيءَ کي ڇڏي ڏيڻ سان اسان جي معاشي ۽ معاشرتي حياتيءَ تي نهايت ئي برا اثر پوڻ جو انديشو آهي.

1_ هنن ڳالهين کي خيال ۾ رکڻ سان معلوم ٿيندو ته:

(الف) سنڌ جهڙي صوبي ۾ ٻٽي سرشتي واري حالت ۾ جيڪڏهن اردو ۽ سنڌيءَ کي جڳهه ڏني وڃي ته انگريزيءَ جي باري ۾ به ڪونه ڪو فيصلو ڪرڻو ئي پوندو.

(ب) جيڪڏهن انگريزيءَ کي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي ته پوءِ ان جو اسان

جي ترقيءَ تي ڪو برو اثر نہ پوندو؟ اهو بہ ڏنو ويندو.

اهڙيءَ ريت سنڌ جهڙي صوبي ۾ اردو ۽ سنڌيءَ جي رواج واريءَ حالت ۾ انگريزي هڪ مسئلي جي حيثيت وٺي سگهي ٿي ۽ انصاف جو اڪر اهو آهي تہ هن مسئلي ڪي حل ڪرڻ ڪان سواءِ اسان جو مامرو ٺيڪ طريقي سان مشڪل هلندو.

7_ **حرف حساب جو.**

جن ڳالهين ڪان سواءِ ڪوبہ ٻٽو سرشتو ڪامياب ٿي نہ سگهندو، سي هي آهن:

(1) ٻٽي سرشتي ۾ پهرين ٻوليءَ ۽ ٻي ٻوليءَ جي وچ ۾ ضرور فرق ۽ امتياز رکڻ گهرجي.
(2) ٻنهي ٻولين مان هرهڪ جي دائري ۽ عمل جو فيصلو ڪرڻ گهرجي.
(3) ٻنهي ٻولين مان هرهڪ کي ترقيءَ جون سهولتون رڳو ضرورت ۽ اهميت جي خيال ڪان ڏنيون وڃن ۽ نہ عقيدت يا محبت جي خيال ڪان.
(4) ٻوليءَ جي مامري کي نظرين ۽ عقيدن ڪان پري رکڻ لاءِ قانوني وسيلا استعمال ڪيا وڃن.
(5) تعليم فقط مادري ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ۽ ٻي ٻوليءَ کي فقط ثانوي اهميت سان جاري رکيو وڃي.
(6) ٻنهي ٻولين کي ترقيءَ جي موقعن ڏيڻ وقت اهو ڏنو وڃي تہ عام ماڻهن جي تهذيبي ۽ ڪلچري ورثي تي ڪو برو اثر تہ ڪونہ ٿو پوي. تهذيب ۽ ڪلچر جي حفاظت لاءِ قانوني وسيلا مهيا ڪيا وڃن.

(ٽماهي مهراڻ: 1_ 1974ع)





# سماجياتي لسانيات

## (مختصر تعارف)

جڏهن ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ شايع ٿيو تڏهن اِها ڳالهہ پڌري ٿي تہ سماجياتي لسانيات جي مضمون جو تعارف بہ تمام ضروري هو، جو ان ڪان سواءِ رڳو عام پڙهندڙن جي لاءِ نہ پر اديبن، عالمن ۽ ڪن لسانيات جي ڄاڻن لاءِ بہ هي ڪتاب نئون هو ۽ ان ڪري انهن مان تمام گهڻا هن ڪتاب ۾ هڪدم دلچسپي وٺي نہ ٿي سگهيا. اِها ڳالهہ هن ڪري بہ معلوم ٿي جو جن ٽن صاحبن ڪتاب تي تبصرو لکيو (جن مان هڪ هن ڪتاب کي ڪلڻ جهڙو سڏيو) انهن مان صرف هڪڙي صاحب اهو ڄاڻايو تہ هن کي ڪتاب پڙهي اهو معلوم ٿيو هو تہ هي سماجياتي لسانيات تي پهريون ڪتاب هو ۽ ان ڪري ڪتاب جو پڙهڻ گهڻو مشڪل ۽ نئين قسم جو هو، جنهن جي لاءِ بنيادي مطالعي ڪان مٿي مضمون جي واقفيت ان جي ٽيڪنيڪي حدن تائين هئڻ ضروري هئي. اسان انهيءَ مشوري کي ڪارائتو سمجهيو.

اُن وقت اصل ۾ هن ڪتاب جي واقفيت نہ پر هن مضمون جي واقفيت ٽن پروفيسرن جي حد تائين محدود هئي، جن ۾ هڪڙو تہ منهنجو رهبر استاد (Guide) ڊاڪٽر الانا هو، جنهن منهنجي ڪتاب کي مون ڪان بہ وڌيڪ سمجهيو هوندو. البت هن باري ۾ مهتمن حضرات مان هڪڙي صاحب کي تمام وڏي ڄاڻ هئي، جيڪو پروفيسر تہ نہ هيو پر هُن هن مضمون جو چڱو مطالعو ڪيو هو.

بهرحال انهيءَ ڪري بہ پر هوئنئن بہ اسان اِهو ضروري سمجهيو آهي تہ پاڻ سماجياتي لسانيات جي مضمون جو هڪ مختصر تعارف بہ لکي وٺون جو هن طرح سماجياتي ۽ سماجياتي لسانيات جي باري ۾ ۽ انهن جي ڄاڻ ۾ لاڳاپي جي باري ۾ ٿوري گهڻي معلومات ملي ويندي، پر هن طرح پنهنجي مقالي جي باري ۾ بہ وضاحت ڪري سگهنداسون.

اهڙيءَ معلومات سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي سوال تي تحقيق ڏيڻ جي وقت ان سبب جي ڪري ڏني نہ وئي هئي جو اُهو ڪتاب ابتدائي طور تي نفس

مضمون کي سمجهائڻ جي لاءِ لکيو نہ ويو هو، پر ان ۾ اِهو لحاظ رکيو ويو هو تہ هي ڪتاب عالمن ۾ فني طور تي مضبوط پڙهندڙن جي ڪم ايندو ۽ ان جي تحقيقي حيثيت کي بہ هر طرح بهتر رکڻو هو.* جنهن ۾ يونيورسٽيءَ جون تقاضائون بہ خيال ۾ رکٽيون هيون. بهرحال ڪجهہ تہ تجربي جي ڪري ۽ ڪجهہ ضرورت جي ڪري هي تعارف هن هيٺ ڏئي رهيا آهيون. هن مضمون جا ٻيا مقصد هي آهن:

(1) نئين پڙهندڙ جي لاءِ معلومات ۽ چاهہ پيدا ڪرڻ.
(2) نظرياتي ڪم جيڪو هن مضمون تي ڪيو ويو آهي، ان جو تعارف ڏيڻ.
(3) سماجيات، سماجي نفسيات ۽ علم الانسان جي واقفيت جي لاءِ لسانيات جو لاڳاپو، هن مضمون سان واضح ڪرڻ.
(4) جوڙجڪي لسانيات Structural Linguistics، صوتيات (Phonetics) ۽ ٻين اهڙن مضمونن جي واقفيت جي لاءِ اهو ڄاڻائڻ تہ هي مضمون انهن سان گهڻو تعلق رکي ٿو.

بيشڪ ڪتاب ۾ تہ مون اِهو لکيو آهي تہ لسانيات جو اهم ترين سوال آهي ئي اِهو تہ ان جو باقي علمن سان ۽ زبان جي عملي ڪم ڪار سان تعلق ڪهڙو آهي ۽ ان کي سنڌي زبان جي حالت ۾ ڪيئن سمجهي ٿو سگهجي، پر جيئن مون نہ لکيو آهي. سماجيات ۽ لسانيات جي مضمونن ۽ ان وقت تائين ڪيل ڪم، سنڌي زبان جي حالت ۾ گهڻو گهٽ بہ هو ۽ عملي طور تي هڪدم ضروري بہ نہ هو. اسان هن طرح هن مضمون کي انهيءَ خيال کان بہ معلومات ڏيڻ جي لاءِ لکي رهيا آهيون. پر اڳيون روايتي تحقيقون بہ هروڀرو اجايون نہ هيون. البت انهن سان گهٽي حصي جو تعلق مستقبل جي سنڌي زبان ۽ زبان جي بين الاقوامي مقبوليت سان گهڻو هو. انهن تحقيقن جي باري ۾ بہ اسان ڪتاب ۾ مهاڳ ۾ ئي ڄاڻايو آهي.

پهرين ڳالهہ تہ جڏهن حالت اِها هئي تڏهن آخر مون کي انهيءَ مضمون سان دلچسپي ڪيئن پيدا ٿي ۽ هن باري ۾ فني ۽ ٽيڪنيڪي حد تائين منهنجي معلومات جو وسيلو

*بيشڪ مضمون جي باري ۾ هڪ مضمون نئين زندگيءَ جي معرفت اسان شايع ڪرايو هو، پر ان وقت اسان وري بہ مضمون جي نوعيت ۽ وصف جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ لکيو هو.





ڪهڙو هو. هن باري ۾ سچي ۽ سڌي ڳالهہ اها آهي تہ لسانيات جي ڪيترن ئي رخن سان منهنجو تعارف ان وقت ٿيو هو جڏهن آءٌ ماريو پي ۽ اوٽو جيپسرمن جو معالعو ڪري رهيو هوس، جيڪو مون لاءِ هڪ مجبوري هو. جو مون کي انگريزيءَ جي مضمون ۾ ايم اي جو امتحان پاس ڪرڻو هو. پوءِ مون امتحان تہ پاس ڪيو، پر هن مضمون سان منهنجي هڪ دلچسپي اهڙي قائم ٿي وئي، جو مون سنہ 1971ع ڌاري لسانيات تي لکڻ بہ شروع ڪيو. ان وقت بہ مون کي لسانيات جو تہ ڪجهہ پتو هو، پر مون کي سماجياتي لسانيات جي باري ۾ گهڻو معلوم ڪونہ هو. هونئن بہ مان اعتراف ٿو ڪريان تہ مان گهٽ پڙهيل ماڻهو آهيان، مان هڪڙي مسڪين هاريءَ جو ٻار آهيان. مون ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪانہ ڪئي آهي، مان ڄڻ تہ ”اسڪول کان ٻاهر پڙهيو آهيان.“ سنڌي زبان ۾ جو چيو ويندو آهي تہ ڪو جڏو پڙهيل آهي تہ ڄڻ تہ اهو ”اُن ڏئي پڙهيو آهي“ سو مون سان اِها ڳالهہ لفظي طور تي بہ لاڳو ٿئي ٿي، جو اسڪول جي تعليم مون پنهنجي پيءُ جي ”اَنُ“ مان هٿ آيل ڏوڪڙن تي بہ حاصل ڪئي هئي.

بهرحال اهڙيءَ حالت ۾ مون دنيا جي ۽ دنيا جي لسانيات جي هڪ اهم سوال تي سنڌي زبان ۾ ڪتاب لکي ڊاڪٽريٽ حاصل ڪئي تہ سچ پچ تہ اهو ڪم بہ مون ڄڻ اسڪول کان ٻاهر پڙهي ڪيو جو آءٌ نوڪري ۾ هوس ۽ سائين الانا کي مون سان رابطي رکڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي.

اهڙين حالتن ۾ هن مضمون سان منهنجي دلچسپيءَ جو پهريون ڪارڻ ساپير ۽ هورف جو مشهور نظريو هو، جيڪو Whorfian Hypothesis جي نالي سان مشهور آهي. اُهوئي نظريو مون کان اڳ ۾ سائين الانا کي بہ متاثر ڪري چڪو هو. جڏهن ڊاڪٽر صاحب جن سان لسانيات تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي، تڏهن هنن اِهو سمجهي ورتو تہ مان انهيءَ نظريي جو ”هنيل“ آهيان. ان ڪري پاڻ ڏاڍو همٿايائون. هوڏانهن

تنوير کٽي چئي ڏنو، چي ”تاحق ٿو وتين رلندو ميان ڪجھ ڪر“♥.

پنهنجن حالتن کان اسان سڀ واقف آهيون. اهڙن قسمن جا ڪم ادارا يا اڃا ٻه يونيورسٽيون ڪنديون آهن. هڪڙو لکندو، ٻيو پڙهندو، ٽيون صلاحون ڏيندو، چوٿون سڌاريندو، پنجون نقل ڪندو، ڇهون ايڊٽ ڪندو، ستون مسودي کي آخري شڪل ڏيندو، اٺون ٽائيپ ڪندو، نائون پروف پڙهندو ۽ ڏهون مهاڳ لکندو ۽ تعارف لکندو ۽ يارهون انڊيڪس ۽ ببليوگرافيءَ جو ڪم ڪندو. تڏهن وڃي ڪو ڪتاب جڙندو، وري اُهي سڀ هوندا ٻه پنهنجي پنهنجي ڪم جا ماهر ماڻهو. هاڻي مون کي ڏسو ٻنهن ڪورو نڪورو. آهي نه عجب جهڙي ڳالھ! هي سڀ ڪجھ ٿيندو ته ٻه ڪتاب مسودي لکڻ واري جو سڏبو ۽ ڪريڊٽ ٻه رڳو ان کي ئي ملندو. بيشڪ مهذب دنيا ۾ هڪ ليکڪ وڏي شيءِ آهي، پر مون لاءِ لکيو ويو آهي ته مون سنڌي ڊپارٽمينٽ جي هڪ پروفيسر سان تڪرار ڪري، هڪ ڪلڙ جهڙو ڪتاب لکيو ۽ ڊاڪٽر الانا ان جهيڙي ۾ منهنجي مدد ڪئي.

جي گاريون ئي ڏيڻيون هجن ته ٻه غالب جي زبان ۾ ڏجن، جنهن چيو ته ”ڪوئي آپ ڪو دو لاتين ماري تو ڪيا آپ ڀي اس ڪو دونون مارينگي؟“

هيءُ گار هڪ ادبي گار آهي، جو غالب مخالف کي گڏھ ٻه سڏيو، جيڪو ٻئي اٿون هڻي ٿو، پر ان حالت ۾ ٻه غالب ادب کي هٿان نه ڇڏيو. افسوس جو اسان جي نقادن کي گار ڏيڻ جيترو ادب ٻه نه ٿو اچي. پر انهن سماجياتي لسانيات جي هڪ ڪتاب تي هڪ مضمون نه رڳو لکيو، پر شايع ٻه ڪرائي ورتو.

### 1_ سماجياتي لسانيات جي وصف:

”سماجياتي لسانيات ٻوليءَ جو اهو علم آهي، جنهن جو موضوع لسانيات سان گڏ سماجيات يا علم سماج ٻه آهي ۽ جنهن جو تعلق سماج (Society) سان آهي.“ حوالو نمبر(1). ايتريءَ ٿوريءَ ڳالھ هن مضمون کي نه رڳو سماجيات جي ٻين شاخن کان نرالو ۽ جدا ڪري ڇڏيو آهي، پر ان ڳالھ لسانيات کي سماجيات ۽ ٻين سيني عمراني علمن سان ٻه جوڙي ۽ ملائي ڇڏيو آهي. اِهوئي سبب آهي جو

♥ سا پرءُ هورف جي نظريي تي مون جدا مضمون لکي رکيو آهي، تنوير کي ته اِهو ٻه معلوم هو ته مان اهڙيءَ بيماريءَ ۾ ورتل هوس جتان بچڻ مشڪل هو جو مون وٽ وسيلا ڪونه هئا. هُن گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٻه دفعا فرض سمجهي اِها ڳالھ مون کي چئي هئي جو هو ڊاڪٽر ٻه هو.





سماجياتي لسانيات جي مطالعي ۽ ان باري ۾ تحقيق جي لاءِ علوم عمرانيءَ جو نه رڳو مطالعو، پر انهن جي مهارت جي ضرورت ٻه پوي ٿي، اِها ڳالھ هن مضمون کي نه رڳو مشڪل پر نهايت ئي اهم ۽ ڪشادو ٻه ڪري ٿي ڇڏي.“

انهيءَ ڳالھ جي ڪري جناب هڊسن (Hudson) لکي ٿو ته، ”اڄڪلھ سماجياتي لسانيات کي يونيورسٽيءَ جي ڪيترن ئي مضمونن جو حصو تسليم ڪيو ويو آهي، جن جو تعلق نه رڳو لسانيات سان آهي، پر انهن جو تعلق ٻوليءَ جي وڌندڙ رُخن سان ۽ تعليم توڙي تحقيق سان ٻه آهي.“ هيءَ راءِ 1978ع ۾ ڏني وئي هئي. هيءَ راءِ ان وقت ڏني وئي هئي. جڏهن ٻه تمام اهم ۽ وڏا جرنل:

(1) Language in Society

(2) International Journal of Sociology of Language

شايع ٿي رهيا هئا.

ان وقت 1978ع ۾ جيڪي ٽيڪسٽ بڪ هن مضمون تي پاڙهيا ٿي ويا، سي ٻه هيٺ ڏيون ٿا:

(1) برلنگ (Burling) جو ڪتاب جيڪو 1970ع ۾ شايع ٿيو هو.
(2) پرائيڊ (Pride) جو ڪتاب جيڪو 1971ع ۾ شايع ٿيو هو.
(3) فشمن (Fishman) جو ڪتاب جيڪو 1972ع ۾ شايع ٿيو هو.
(4) رانبسن جو ڪتاب جيڪو ٻه 1972ع ۾ شايع ٿيو هو.
(5) ٽرجل (Trudgil) جو ڪتاب جيڪو 1974ع ۾ شايع ٿيو هو.
(6) پلاٽ ۽ پلاٽ Platt and Platt جو ڪتاب جيڪو 1975ع ۾ شايع ٿيو هو.
(7) ڊٽمار (Dittmar) جو ڪتاب جيڪو پڻ 1976ع ۾ شايع ٿيو هو.
(8) واردوف جو ڪتاب (Wardhaogh) جيڪو پڻ 1976ع ۾ شايع ٿيو هو. اهي ابتدائي ۽ درسي ڪتاب، هن مضمون جي نوعيت، وسعت، افاديت ۽ تعليمي ڪم ڪار جي باري ۾ لکيا ويا هئا. پر اسان 1978ع ۾ ڊاڪٽريٽ حاصل ڪري چڪا هئاسون.

هي ته هئا درسي ڪتاب ۽ سڀ يونيورسٽين ۾ پاڙهيا ٿي ويا پر هنن کان اڳ ۾ ابتدائي ڪتاب ٻه لکيا ويا هئا. مضمون پاڻ هن صدي جي ڇهين ڏهاڪي جي آخر ۾ علمن ۾ شمار ٿيڻ لڳو هو ۽ جڏهن اسان پنهنجو ڪم هٿ ۾ ڪنيو يعني

1975ع ۾ تڏهن هي مضمون اڃا پاڻ ٻارڙو هو. البت ان جو بنياد گهڻو اڳ پئجي چڪو هو. ان وقت اِهو مضمون "معنيٰ" Meaning ۽ ڪلچر جي نون مضمونن جي مدد سان پيدا ٿي رهيو هو. هاڻي يا اڄ ڪلهه اِهي ٻئي مفهوم سماجياتي لسانيات ۾ سمائجي ويا آهن.

البت جيڪا ڳالهه نئين آهي سا اِها آهي ته سماجياتي لسانيات جو مطالعو نه رڳو ٻوليءَ کي پر سماج کي سمجهڻ ۾ به مدد ڪري ٿو. هاڻي انهيءَ نئين ڳالهه کي خيال ۾ رکي ۽ اسان جي تحقيق کي خيال ۾ رکي اهو فيصلو ڪري ٿو سگهجي ته سن 1977ع ۾ اسان هن معاشري کي ۽ سنڌي زبان کي ڪيترو ڏنو. جو اسان "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" لکي ورتو.

هن وقت ته اِهو سمجهي ٿو سگهجي ته سماجياتي لسانيات اڳي ضمير جو، پوءِ نظريي جو، پوءِ حقيقت جو ۽ پوءِ عملي زندگيءَ جو هڪ علم آهي. پر 1975ع ۾ ائين ڪنهن ٿي چيو ۽ 1977ع ۾ اِها ڳالهه ڪنهن مڪمل ڪري ڇڏي هئي ته سنڌي زبان جو سوال سماجياتي لسانيات جو سوال آهي؟

ڇا ان وقت ذهن ۽ سماجي تجربي ڪان سواءِ به اِهو ڪم ڪو سنڌي زبان ۾ ڪري ٿي سگهيو؟ بهرحال اِهوئي ننڍڙو ڪم هو. جنهن کي ڪن دوستن محسوس ڪيو هو. پر ڪن دوستن ان کي "ڪلڻ جهڙو" به سڏيو هو.

اِهو برابر هڪ سچ آهي ته ٻوليءَ جي باري ۾ هرڪا تحقيق وري به ٻوليءَ جي ئي مدد سان ممڪن هئي، ان ڪري ان جو هڪ سائنس هئڻ هڪ مشڪل ڪم هو. پر ان حالت ۾ به جن موضوعات کي بحث هيٺ رکيو ويو آهي، انهن تي نظر وجهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي زبان جو شايد ئي ڪو اهڙو سوال آهي، جنهن جو تعلق سماج سان به هجي، پر ان کي ڪتاب ۾ نه آندو ويو هجي.

برابر اِها هڪ ڏاڙ ئي سمجهي ويندي، پر اهو هڪ سچ آهي ته اُن دور ۾ ڪنهن به هڪ مڪمل زبان تي سماجياتي لسانيات جي علم تحت هي ڪتاب جيڪو سنڌالاجيءَ ڏانهن منسوب ڪيو ويو هو. سو دنيا جو پهريون ڪتاب هو ۽ اهو ڪتاب هڪ بيمار ۽ تنگ حال انسان جي ڪوشش جو نتيجو هو، جيڪو يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ پڙهي نه سگهيو هو "پرائڻ ئي پڙهيو هو" يا "اسڪول ڪان ٻاهر پڙهيو هو."

هت انهيءَ ڳالهه جي وضاحت ضروري آهي ته ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو





سماجي ڪارج" صرف سنڌي زبان ۽ معاشري تي بحث ڪري ٿو. ان ڪي سنڌي معاشري ۾ سنڌي زبان ڪان ٻاهر ڪنهن به استديءَ جي سوال تي پورو لاڳو ڪري نه ٿو سگهجي. معاشرا مختلف ٿين ٿا ۽ زبانون به مختلف ٿين ٿيون. البت انهن معاشرن ۽ زبانن جو ڪارج گهڻي قدر هڪ جهڙو ٿئي ٿو.

بهرحال هن مضمون تي ابتدائي جيڪو ڪم ٿيو، سو عام ماڻهوءَ جي زبان تي ٿيو هو، جيڪو مالي طور تي ڪمزور Unprivilaged هو. هي ڪم انهن ماڻهن ڪيو، جيڪي انسان جي سماجي ۽ معاشرتي مسئلن ۾ دلچسپي رکندا هئا، جيئن ماهرين تعليم. هن طرح هي ڪم آمريڪا ۾ وڌيڪ ٿيو، جتي مسئلو اِهو هو ته وڌيڪ بهتر تعليم جو نصاب ڪيئن ٿو ڏئي سگهجي. هن طرح هن مضمون جا تمام وڏا پروجيڪٽ آمريڪا جي پئسي تي ڪيا ويا.

**2_ سماجياتي لسانيات ۽ لسانيات:**

برابر انهيءَ جي اهميت ڪا خاص نه آهي ته سماجياتي لسانيات جو ماهر ڪير آهي ۽ لسانيات جو ماهر ڪير آهي جو اِهو سوال ڪجهه مسئلو حل ڪونه ٿو ڪري. البت اهو سوال خاصو اهم آهي ته سماجياتي لسانيات ۽ لسانيات جي مضمونن ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ جيڪڏهن ڪو فرق آهي ته اهو ڪهڙو آهي.◆

فرق آهي ۽ وڏو فرق ته اِهو آهي ته لسانيات رڳو ٻوليءَ جي نوعياتي ۽ علمي (Scholastic) سوالن سان تعلق رکي ٿي، جڏهن ته سماجياتي لسانيات سماج، علم تعليم، سماجي نفسيات ۽ علم الانسان سان وڌيڪ واسطو رکي ٿي. ان ڪري سماجي لسانيات گهڻن علمن جو هڪ علم آهي، جڏهن ته لسانيات پنهنجي ليکي هڪ نرو علم آهي يا ان کي هڪ علم بڻايو ويو آهي.

ٻي ڳالهه ته لسانيات تعليمي سوال ۽ تعليم جي وسيلي سان تعلق ڪونه ٿي رکي، پر سماجياتي لسانيات جو وڏو فائدو ئي اِهو آهي ته ان جي مدد سان بهتر تدريسي ڪتاب لکي ٿا سگهجن. سماجياتي لسانيات جي وسيلي نه رڳو تعليم بهتر ڏئي ٿي سگهجي، پر سماج جو، انسان جو ۽ سماجي نفسيات جو اڀياس به بهتر

◆ انهيءَ ئي مضمون کي خيال ۾ رکي جڏهن مربوط نصابي تعليم تي هن ليکڪ هڪ درسي ڪتاب لکيو تڏهن ڪنهن لائق اداري جي لائق چيئرمين ان ڪتاب کي ضبط ڪيو. ان جي معاوضي ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو، ڪنهن به سبب ڄاڻائڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ مسودي کي واپس ڪرڻ ڪان به انڪار ڪيائين.

طور سان ڪري ٿو سگھجي.

وڏي ڳالهہ تہ زبان جي اندر جيڪو انساني، نفسياتي، تهذيبي، سماجي ۽ ادبي ”روح“ آهي، ان کي سمجھڻ ۽ سمجھائڻ جي لاءِ سماجياتي لسانيات کان سواءِ اسان وٽ ٻيو ڪوبہ وسيلو نہ آهي.

هنن ڳالهين کي اسان زيرنظر ڪتاب جي هر صفحي تي واضح ڪيو آهي ۽ سڄي ڪتاب ۾ هن طرح جا گھڻو ڪري سڀ مسئلا بحث هيٺ رکيا اٿئون. لسانيات ۽ زبان جا قانون ٻڌايا ويا آهن، پر سماجياتي لسانيات ۾ ابتدا ئي اتان ٿي ٿئي تہ هي قاعدا سماج ۾ ڪهڙو ڪم ڪن ٿا يا هنن جو تعلق سماج سان ڪهڙو آهي. سو سماجياتي لسانيات جو سوال سڌوسنئون سماجي ڪارڪردگيءَ سان آهي. اسان چئون ٿا تہ ٻوليءَ جو مطالعو سماجياتي لسانيات کان ٻاهر ڪبو تہ ان جو مطلب ٿيندو زال جو مطالعو مرد کان سواءِ ۽ مرد جو مطالعو زال کان سواءِ. جڏهن تہ شادي تہ ٿي آهي، پر نہ زال جو ڪو مرد آهي ۽ نہ مرد جي ڪا زال.

وليم لاجوف پنهنجي ڪتاب ۾ چوي ٿو تہ ”هن حالت ۾ زبان الڳ ٻي شيءِ آهي ۽ گروهي زبان الڳ ٻي.“ پهرينءَ کي هو ”لئنگوئيج ٿو سڏي. ۽ ٻيءَ کي ڊائليڪٽ“، اسان پنهنجي مقالي ۾ سماجي زبان کي بحث هيٺ رکيو آهي ۽ نہ گروهي زبان کي.

لسانيات جا ٻئي حصا جدا جدا ٿا سمجھيا وڃن ۽ هاڻي سماجياتي لسانيات جي ماهر کي ماهر لسانيات نہ پر ماهر سماجياتي لسانيات ٿو سڏيو وڃي.

آر_ اي هڊسن بہ ايئن چيو آهي. (Page 4)

**3_ سماجياتي لسانيات ۽ ٻوليءَ جي سماجيات:**

مٿي اسان جيڪا وصف سماجياتي لسانيات جي ڏني آهي، ان مان ئي پڌرو آهي تہ اسان لسانيات جو اهو اڀياس ڪري رهيا آهيون، جنهن جو تعلق سماج جي سماجيات سان آهي، پر ان جو مطلب اِهو بہ نہ آهي تہ هاڻي صرفي توڙي نحوي مسئلا ۽ مطالعا سماجياتي لسانيات ۾ شامل ڪونہ ٿا ٿين. اصل ۾ هاڻي تہ صرفي ۽ نحوي سوال سڀ سماجيات جي اثر هيٺ هڪ نرالو وجود رکن ٿا ۽ هاڻي انهن سوالن جو جواب بہ سماجياتي لسانيات کان وٺڻو پوي ٿو.

پر سوال آهي تہ پوءِ پلا سماجياتي لسانيات کي ٻوليءَ جي سماجيات چونہ ٿو چيو وڃي! نيڪ انهيءَ جو جواب اهو آهي تہ سماجياتي لسانيات شروع ئي ان جاءِ





تان ٿي، جتي لسانيات اڃي ڇيهہ ڪيو هو. ان ڪري جڏهن عمارت جو ذڪر ڪبو، تڏهن رڳو پيڙهہ جي پٿر جو ذڪر ڪونہ ڪبو. هن طرح سوال آهي اصل ڪوشش جي عمل ۽ تاڪيد جو نہ تہ هونئن برابر سماجياتي لسانيات ٻوليءَ جي سماجيات سان ئي گھڻو واسطو رکي ٿي.

سماجياتي لسانيات ۾ مضمون گھڻا آهن، جڏهن تہ لسانيات ۾ مضمون هڪ آهي، ان ڪري گھڻن کي هڪ جي برابر چوڻ واري ڳالهہ جي منطق جو سوال بہ اڳيان آهي. وري جو چئون ٿا تہ ”ٻہ تہ ٻارهن“ تہ اُها ڳالهہ بہ سماجياتي لسانيات سان تعلق رکي ٿي، جو جنهن مضمون ۾ بہ مضمون ٻہ شامل ڪيا ويا آهن تہ ان ۾ هڪ ڏينهن ٻارهن بہ شامل ٿي سگھندا. هن وقت تائين تہ تعليم، علم انسان، علم بيان، علم معنيٰ، علم ڪلچر، علم علامت، تاريخي لسانيات، علم لغت، علم سماج ۽ سماجي نفسيات عام طور تي سماجياتي لسانيات ۾ شامل ٿي چڪا آهن. پر منهنجي ڪتاب ۾ علم ادب ۽ علم الارض بہ توهان کي ملي ويندا. اسان وٽ سنڌ ۾ هاڻي جيڪي بہ هئا سي واقعي ٻارهن آهن. آءُ وري بہ عرض ڪندس اِهو ڪم 1975ع ۾ شروع ٿيو هو ۽ 1977ع ۾ پورو ٿيو.

**4_ آخر سوسائٽي يا سماج کي اسان ڪيئن ٿا سمجھون:**

ڳالهہ هيئن آهي تہ سماجياتي لسانيات جي دائري ۾ اسان ٻن قسمن جا سماج خيال ۾ رکون ٿا. (1) خيالي ۽ تصوراتي (2) حقيقي ۽ واقعي. پوءِ اسان پنهنجي طريقي ۾ هنن ٻنهين کي پاڻ ۾ ملائي انهن جي سماجيات ڏيکاريون ٿا ۽ پوءِ ان سماجيات جو تعلق لسانيات سان ڏيکارڻو پوي ٿو. هن طرح اسان جو ڪم مختلف بہ آهي ۽ مان تہ عرض ڪندس تہ ڏکيو بہ آهي. هن طرح اسان جي مضمون مطابق سماج جي وصف اها نہ آهي، جيڪا سماجيات جي عام ڪتابن ۾ ۽ درسي ڪتاب ۾ گھڻو ڪري عام طور تي ملي ٿي، جو اسان جو مضمون سماجيات نہ پر سماجياتي لسانيات آهي.

هاڻي اچو تہ ڏسون خيالي معاشرو ڪهڙو آهي.

خيالي معاشرو اسان ان سماج کي ٿا چئون، جنهن کي زبان پنهنجي آهي نہ تہ آخر اهو معاشرو ڪيئن سمجھيو ويندو. ڳالهہ رڳو اِها آهي تہ ان خيالي معاشري جي زبان کي اسان گروهي زبان ٿا سڏيون. جنهن ۾ اِهو تسليم ٿا ڪريون تہ هن گروهہ جهڙا گھڻائي گروهہ هن سماج ۾ رهن ٿا ۽ هر گروهہ جي زبان ۾ ٿورو گھڻو اختلاف ٻين

گروهن جي زبان کان آهي ئي آهي. هاڻي سماج جو اِهو تصور خيالي آهي، جو ان تصور تي سماجياتي لسانيات ڪم ڪري نہ ٿي سگهي، پر ان سماج کي اُها تسليم ڪري ٿي. ان ڪري هڪ سماج جي اندر جيڪي ٿورا گهڻا يا اڻ لکا گروهي لسانياتي فرق آهي، انهن تي ممڪن آهي تہ سماجياتي لسانيات وارا اصول لاڳو نہ ٿيندا هجن، پر اسان ايئن ٿا سمجهون تہ انهن گروهن جي ٻولين تي بہ اسان جا قانون لاڳو ٿين ٿا. هن طرح سماجياتي لسانيات ۾ اهڙو سماج اسان وٽ خيالي سماج آهي، جو اسان جو حقيقي سماج اُهو آهي، جنهن تي اسان جا لسانياتي سڀ نظريا لاڳو ٿين ٿا. اِها ڳالهہ تحقيق ۾ سهولت جي ڳالهہ آهي جو اسان کي رڳو سماج تي تہ تحقيق ڪرڻي آهي ئي ڪانہ. اسان کي سماجي لسانيات تي سوچڻو آهي، ان ڪري هڪ سماجياتي لسانيات جي شاگرد ۽ هڪ سوشالاجيءَ ۾ پروفيسر جي خيالن ۾ ڪجهہ فرق هئڻ گهرجي، جيڪو پڻ علمي ۽ لساني توڙي سماجي نظرين تي ٻڌل هوندو آهي. هن طرح اسان هن خيالي سماج کي جڻ تہ خاص اهميت ئي ڪا نہ ٿا ڏيون. مثال بہ ڏيون ٿا. فرض ڪريو تہ سنڌ هڪ سماج آهي ۽ ان جون سياسي ۽ ملڪي حدون آهن. هاڻي جڏهن اسان سماجياتي لسانيات جو اڀياس ڪريون ٿا، تڏهن فرض اِهو ٿا ڪريون تہ انهن حدن ۾ سماجُ بہ هڪ آهي ۽ زبان بہ هڪجهڙي ۽ عام آهي. جيتوڻيڪ سماجيات ۾ ان هڪ سماج ۾ بہ گروهہ آهن ۽ اسان وٽ بہ گروهن کي جدا جدا مت، داستان، ڪهاڻي، تاريخ، لهجو، پرولي، پهاڪو، محاورو، رسم، ٽوٽم، ٽابو، نسل ۽ قوميت آهن.

ظاهر آهي تہ ڪوبہ سماجيات جو پروفيسر هن سوال تي ڳالهہ پنهنجي ڪندو ۽ سماجياتي لسانيات جو شاگرد دائرو بہ پنهنجو ٺاهيندو. جيڪڏهن سماجيات جو ٺاهيل دائرو سماجياتي لسانيات وارو بہ قبول ڪندو تہ سماج جي وصف جدا لکندو ۽ جيڪڏهن سماجي لسانيات جو دائرو اختيار ڪبو تہ وصف اُها هوندي، جيڪا سوشالاجيءَ جي ڪتابن ۾ هوندي. ڳالهہ سماج جي نہ پر سماج جي دائري تي اچي ٿي نڪاءُ ڪري.

اسان جيڪڏهن ڪنهن بہ گروهہ جي ڳالهہ ٿا ڪريون تہ پوءِ تہ اسان جو ڪم نهايت ئي مختلف ٿي ٿو وڃي ۽ اُهو سماجي ٿي نہ ٿو سگهي. ان ڪري اسان جي مجبوري اِها آهي تہ اسان وڏيءَ ۽ ويڪريءَ دنيا جو هڪ سماج ۽ ان جي وڏي ۽ ويڪري ٻوليءَ کي خيال ۾ رکون. آخر ڇو؟ اِهو ان ڪري جو اسان سماج جا نہ پر





سماجياتي لسانيات جا شاگرد آهيون. مهارتن جي هن دنيا ۾ ننڍيون ننڍيون ڳالهيون جدا جدا اهميت جوا ختيار ڪري ويون آهن! هائو اسان ڪنهن بہ هڪ گروهہ جي زبان جو بہ سماجياتي اڀياس ڪري ٿا سگهون، پر اهو ان سماج کان مختلف هوندو، جيڪو ساپر ۽ هورف جي نظريي ۾ ويچار هيٺ رکيو ويو هو. ان ڪري هن ليکڪ جي حالت ۾ بہ سماج جو دائرو پوريءَ سنڌ جي لسانياتي سماج وارو هو ۽ نہ ٿر، لاڙ، وچولي، سري، ڪاڇي ۽ ڪوهستان وارو.

ٻيو خيال اسان اِهو ٿا رکون تہ رسمي ۽ غير رسمي زبان جو فرق اسان وٽ ڪونهي. اسان زبان کي صرف زبان ئي سمجهون ٿا نہ تہ ڪتابي، ڪهاوتي ۽ عام ڳالهہ ٻولهہ واري زبان کي جدا جدا زبانون مڃڻو پوندو. جيڪا ڳالهہ عملي طور تي ممڪن بہ نہ آهي.

ٽين ڳالهہ جيڪا تصوراتي طور تي اسان جي اڳيان آهي، سا اِها تہ اسان اِهو ڪونہ ٿا مڃون تہ ڪنهن ماڻهوءَ جو گروهي ڪلچر هُن لاءِ اِهو ضروري بڻائي ٿو ڇڏي تہ هو صرف پنهنجي گروهہ جي زبان ئي ڄاڻي ۽ ڳالهائي. ٿرجا تمام گهڻا گروهہ ساهتيءَ جهڙي سنڌي ڳالهائين ٿا. ان ڪري اسان اِهو ئي تصور ڪريون ٿا تہ هڪ معاشري جي ٻولي هڪ آهي. پر اسان مڃون ٿا تہ اِهو ضروري نہ آهي. اِهو رڳو تصوراتي عمل آهي. هڊسن لکي ٿو ”ڪجهہ بہ هجي، پر عام طور تي سماج جو اسان وارو تصور حيرانيءَ جهڙو آهي، جو هن حالت ۾ اسان هڪ تصوراتي سماج کي جنم ڏنو آهي، جيڪو اندر پاڻ ۾ ننڍا گروهہ ۽ ٻوليءَ جا اختلاف بہ رکي ٿو. اهو سڀ ڪجهہ اسان انهيءَ ڪري ڪيو آهي، جو جڏهن اسان سماج جو اڀياس ڪريون ٿا، تڏهن گروهہ جي ڳالهہ ڪري نہ ٿا سگهون تہ متان گروهہ جي زبان جو اڀياس جدا جدا ڪرڻو پوي. جي ايئن ڪنداسون تہ پوءِ ڪوبہ سماج اسان کي دنيا ۾ هڪ ٻوليءَ وارو ڪونہ ملندو.“ اسان جو اعتراف ڏسو! ڪيڏو نہ صاف! ڪيڏو نہ واضح!

گروهي زبان جي ڳالهہ تہ صرف لسانيات وارا ڪري سگهن ٿا. مثال طور مسٽر هوويل يا (هئائل) پارڪري ٻوليءَ کي سنڌيءَ کان جدا سمجهو هو.♣

سندس اهو اڀياس لسانياتي هو، سماجياتي لسانياتي نہ هو. اهڙيون ڳالهيون لسانيات وارا ڪندا آهن. اسان تہ ائين چونداسون تہ سردار گل محمد خان دل

♣ هيءَ ڳالهہ رڳو سماجياتي لسانيات جي حد تائين درست آهي.

سنڌي زبان جو ڄاڻو آهي، اسان ايئن ڪونہ چونداسون تہ هو اصل ۾ پارڪر جو آهي. (مثال طور)

هن طرح اسان رائچند راٺوڙ مرحوم کي ۽ استاد اجيم داس کي بہ سنڌي ڳالهائيندڙ مڃينداسون. (افسوس جو دل صاحب هن مضمون جي لکڻ کانپوءِ ۽ اشاعت کان اڳ گذاري ويو)

پر اسان مڃون ٿا تہ هنن ماڻهن کي پنهنجو ڪلچر بہ آهي ۽ هنن کي هڪ گروهي ٻولي بہ آهي، پر پوءِ بہ اُها گروهي ٻولي سماجي ٻولي نہ آهي جو سماج گروهہ کان گهڻو وڏو ٿو ٿئي ۽ پاڻ ۾ ڪيترائي گروهہ رکي ٿو. سنڌ ۾ بہ گروهي زبانون تمام گهڻيون آهن. بروهي، بلوچي، سرائڪي تہ تمام وڏي تعداد لاءِ موجود آهن، پر سماجياتي لسانيات ۾ ٻولي صرف سنڌي آهي.

سماجياتي ٻوليءَ جو مطلب سرڪاري زبان بہ نہ آهي ۽ قومي زبان بہ نہ آهي، جو هي لفظ سماجياتي لسانيات جي بنياد وجهندڙ عالمن جي اڳيان ڪونہ هئا. ٻيءَ حالت ۾ بہ سماج جي زبان جو تعلق سرڪاري هئڻ سان يا قومي هئڻ سان ڪونہ آهي. ان ڪري اسان بہ پنهنجي مقالي ۾ اهڙو ڪوبہ سوال ڪونہ اٿاريو آهي. اِهي سوال بہ لسانيات وارن جا موضوع بہ ٻڌجي نہ ٿا سگهن. البت لسانيات جا ماهر براهوي، بلوچي، سرائيڪي، ملتاني، پنجابي، (جنهن جا گهڻا ئي گروهہ آهن) پوٺهاري، هندڪو ۽ ٻين اهڙين زبانن جي باري ۾ اسان کان وڌيڪ دلچسپي رکن ٿا.

هن طرح برابر اسان کي ڪن مخصوص حالتن ۾ وڏو ۽ وسيع نڪتو يعني صرف سماج ئي نظر ۾ رکڻو پيو آهي. وري هي سماج بہ اُهو نہ آهي، جيڪو گروهي سماج هجي، هت اِهو بہ واضح هئڻ گهرجي تہ سماجياتي لسانيات ۾ لفظ، آواز ۽ معنيٰ جو جيڪو معيار آهي، اُهو عام رواجي لغت، معنيٰ، لفظ ۽ تلفظ يا آواز کان مختلف بہ ٿي سگهي ٿو جو سماجياتي لسانيات جا نظريا لسانيات جي نظرين کان گهڻو مختلف آهن. جيئن اسان مٿي بيان ڪري بہ آيا آهيون.♠

هنن حالتن جو نتيجو ڪجهہ اهو بہ نڪتو آهي جو ڪن لسانيات جي ڄاڻن منهنجي مقالي کي پڙهيو ئي نہ آهي. اِهو نتيجو فطري ۽ سياويڪ آهي جو منهنجو

♠ مسٽر هٿائل بين الاقوامي سنڌي ڪانفرنس ۾ سنڌي زبان ۽ پارڪريءَ جو تعلق ڏيکاريو هو.





مقالو هنن جي مضمون کان ڪجهہ پري آهي.•

اهڙيءَ طرح علامت نگاريءَ جي سوال تي بہ ڪن دوستن کي مون سان اختلاف انهيءَ بنياد تي آهن جو آءٌ هنن جي لسانياتي مفهومن کي خيال ۾ رکڻ جي بجاءِ سماجياتي لسانيات جو مفهوم خيال ۾ رکان ٿو. اسان ۾ وڏو فرق آهي، مثال طور ڪوبہ لسانيات جو عالم هروڀرو پنهنجي مضمون جي اندر رهي انهيءَ سوال جو جواب ضروري نہ سمجهندو تہ "لفظياتي دائرو" Lexical Field ڇاکي ٿو چئجي. پر اسان هرهڪ لفظ جي باري ۾ اِهو ضروري سمجهنداسون تہ ان جو دائرو جيڪو هو سماج ۾ والاري ٿو، اهو مقرر ڪريون. هي سوال منهنجي طرفان ڪيترن ئي سوالن سان گڏ بنيادي ۽ منهنجي پنهنجيءَ تحقيق جو نتيجو آهي، پر آهي سماجياتي.

ڪنهن بہ لسانيات جي ماهر جي لاءِ اِهو ضروري نہ آهي تہ هو "ڏڳو پير پيران" جو مفهوم واضح ڪري، پر اسان لاءِ هيءَ ڳالهہ وڏيءَ اهميت واري آهي. اهڙيءَ ريت "پيڻ منهنجو ڇلڙو پاٽيءَ ۾" وارو لوڪ گيت بہ صرف اسان جو ئي موضوع آهي. اسان تہ "وڻ وڻ هيٺ آڏو ويٺي واجهايان" يا "مل معشوقان مصلحت ڪيتي" کي بہ بيان ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهون. اسان ڏانهن ڪوبہ دوست ڪو لوڪ گيت لکي موڪلي ۽ ان جو مطلب معلوم ڪرڻ گهرجي تہ اسان انڪار ڪري ئي نہ ٿا سگهون جو اِهو ميدان ئي اسان جو آهي، جيئن ڪو لسانيات وارو ماهر "سُور انهيءَ ساڙي هو جي ويا هليا" کي هڪ سنڌي ڪافيءَ جي سٽي مصرع سڏيندو، تيئن اسان هن هڪ سٽ کي سماجيات جي اندر وجي اڪيلائيءَ جي عذاب، ڊپ، ڏاريائپ ۽ ٻين اهڙن تصورن ۾ ڳوليندا سين.

ٿورو غور ڪري توهان معلوم ڪري سگهندا تہ هڪڙي ڪافيءَ جي سٽ مثال طور "منهنجي منڙن مارن ڏي الا ڪڪر ڇانو ڪجا" جي باري ۾ اسان ڇو فڪرمند آهيون! اهڙيءَ طرح "سڏين سيڻ نہ هون، نينهن نياپي نہ ٿئي، جي باري ۾ اسان کي نفسيات جو اپياس ڇو ٿو ڪرڻو پوي. ظاهر آهي تہ سڏ، نينهن، نياپو، ۽ "نياپي ٿيڻ" لسانيات جا نہ پر سماجي لسانيات جا سوال آهن ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي ذميواري بہ اسان جي ئي آهي. اهڙيءَ طرح "سائيان دي گهڙولي پردي" جو سوال بہ

• هت پڙهندڙن کي ياد ڏيارڻو آهي تہ ڪنهن دوست منهنجي مقالي تي تبصرو ڪندي بار بار ڄاڻايو هو تہ مون کي لفظن جي معنيٰ نٿي اچي يا مان لفظن مان مدد وٺي نٿو لکان.

اسان جو آهي تہ ”هڪ الله ڪنون مين ڏردي“ جو سوال بہ اسان جو ئي آهي. هنن سوالن جو تعلق تہ نہ ڌاتوءَ سان، نہ ڇيد سان، نہ پريوڳ سان نہ فاعل سان ۽ نہ ئي صفت سان آهي.

ان ڪري لسانيات وارا ڄُڻا وڻا آهن ۽ اسان مُنا وڻا آهيون، جو مستقبل جو بار اسان تي آهي. برابر اِها ذميواري تمام وڏي آهي، پر ان جو مطلب اِهو بہ نہ آهي تہ اسان ڇئون تہ اسان جو انهيءَ ڳالهہ سان ڪو واسطو ڪونهي. ڀلا ”والي واري اَڻ الا او ٻاروچا پنيور ۾“ واريءَ سٽ ۾ صرف هڪ لفظ ”او“ اسان جي لاءِ مهينن جي پورهئي جو سبب بڻجي ٿو تہ ان جو مطلب آخر ڇا آهي. ڇا ان جو مطلب اِهو نہ آهي تہ اسان سماجياتي لسانيات سان تعلق رکون ٿا؟ اسان ٿا ڇئون تہ سڀ ڪا پريان ڪون پوڄي.، نينهن نيٽن، ڳڻ ڳالهہ: ۽ ”وو“.

هاڻي توهان ڪنهن بہ لسانيات واري عالم کان پڇو تہ هي ”وو“ ڪهڙي بلا آهي تہ هو، جيڪو جواب ڏيندو اسان اهو ئي ڏئي نہ سگهنداسون. اسان وٽ هن جو جواب هڪ گهرو لسانياتي سوال آهي ۽ اسان ان ڪي سماجيات جي مدد کان سواءِ حل ڪرڻ نہ گهرنداسون.

سو اسان سمجهون ٿا تہ هن وقت تائين اسان اِها ڳالهہ واضح ڪري چڪا آهيون تہ لسانيات ۽ سماجياتي لسانيات جي نفس مضمون، دائري ۽ تحقيق جي طريقن ۾ فرق آهي. هاڻي اِها ڳالهہ بہ آسان ٿيندي تہ لسانيات وارن جي اسان تي تنقيد ۽ اسان جي لسانيات وارن تي تنقيد ائين آهي جڻ ڪو لوڙهو ٽپي ٻئي جي گهر ۾ ڪاهي پوي ۽ غيرقانوني طور تي قبضو ڄمائڻ گهرندو هجي. اسان جي مقالي تي تہ (افسوس جي ڳالهہ آهي جو) ڪنهن لسانيات جي ماهر بہ تنقيد نہ ڪئي آهي. ڀلو ٿئي ها جي اهڙي تنقيد پاڻ ڊاڪٽر الانا ڪري يا ڊاڪٽر سائين بلوچ صاحب ڪري ها يا سراج الحق صاحب رڳو اِهو ڪتاب ئي پڙهي ها يا اهڙو وقت ڪڍي سگهي ها.

اِها ڳالهہ بہ درست نہ آهي تہ ڊاڪٽر الانا صاحب هن مقالي ۾ مون کي منهنجيءَ مرضيءَ تي ڇڏي ڏنو هو. مثال بہ ڏيان ٿو. هڪ دفعي ڊاڪٽر صاحب مون کي هوم ورڪ ڏنو، چوڻ لڳو ”ڪنهن ماڻهوءَ جي چوري ٿي وئي، ٻڌ ٻوهيا، جڏهن مون پڇيو مانس تہ خير تہ آهي تہ چيائين تہ ”گهر مسيت ڪري ويا“_ ايئن چئي پاڻ اٿي هليا ويا. مون کي ان وقت اِها ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ هن محاوري يا پهاڪي جو مطلب ڇا آهي، پر مون سمجهي ورتو تہ ڊاڪٽرصاحب جن چوڻ ٿا گهرن تہ ”تو پهاڪي





جي باري ۾ اڄ سوڌو ڪونہ لکيو آهي“ پوءِ مون پهاڪن وارو ڀاڱو لکيو تہ ڏاڍو خوش ٿيا، چوڻ لڳا تون اشاري سان بہ سمجهي وڃين ٿو. منهنجي مقالي جي هٿ سان لکيل اصلي ڪاپيءَ تي ڊاڪٽر صاحب جن جا نوٽ موجود آهن، جن مان معلوم ٿي سگهي ٿو تہ هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر صاحب هر سوال تي منهنجي گرفت ڪئي آهي. البت هڪ نئين ۽ سنيءَ ڳالهہ تي داد ڏيڻ بہ ڊاڪٽر صاحب ضروري سمجهيو آهي.

جيئن اسان عرض ڪيو آهي تہ ان وقت جڏهن هي مقالو لکجي رهيو هو، پاڻ سماجياتي لسانيات جو مضمون ئي اڃا ننڍي ڄمار جو ٻار هو. ان وقت هي مقالو اصل ۾ هڪ عجيب شيءَ هو. ان ڪري ڊاڪٽر صاحب هن مقالي کي هڪدم شايع ڪرڻ جو فيصلو بہ ڪيو هو. ڊاڪٽر صاحب جو خيال هو تہ سماجياتي لسانيات تي هي ڪتاب بنيادي ڪتابن مان هڪ هو ۽ سنڌي زبان ۾ هي نثر بہ پهريون دفعو لکيو ويو هو. مضمون جو سوال ئي ٻيو هو. هزارين نوان اصطلاح ۽ لفظ ٺاهيا آهن. ڪو دوست رڳو انهيءَ ڳالهہ جو اندازو لڳائي تہ بہ هوند آءٌ سندس ٿورائتو ٿيان. جنهن مضمون جي پهرين سٽ ئي اسان کي لڪٽي هئي، ان جي باري ۾ سندس نثر ڪٿي ۽ لفظن جو ذخيرو ڪٿي موجود هو.

عرض ڪندو هلان تہ ڊاڪٽر صاحب جو نالو جو آءٌ بار بار ٿو وٺان ۽ سندس ذڪر جو آءٌ بار بار ٿو ڪريان تہ ان جو مطلب اِهو آهي تہ ڊاڪٽرصاحب جن مونکان هي ڪتاب لکايو. هنن هن ڪتاب جو هڪ هڪ لفظ پڙهيو ۽ ٻين کان اڳ پڙهيو ۽ هنن هن ڪتاب جي هڪ لفظ سان اصولي اتفاق بہ ڪيو ۽ پاڻ مونکي هڪ سرٽيفڪيٽ جدا لکي ڏنائون، جنهن ۾ اهو ذڪر وضاحت سان ڪيائون تہ هن ڪتاب جو تعلق سماجياتي لسانيات جي مضمون سان آهي ۽ نہ لسانيت جي مضمون سان. هائو اِهو ڪتاب سنڌي زبان سان تعلق رکي ٿو، سنڌيءَ جي شعبي ۾ لکيو ويو هو ۽ هڪ لسانيات جي ماهران جي تياريءَ ۾ ڪم ڪيو هو.

بهرحال هن کان مٿي اسان جيڪو لسانيات ۽ سماجياتي لسانيات جي وچ ۾ فرق واضح ڪيو آهي، ان جي لاءِ اسان جي اڳيان ماهرن جا رايا موجود آهن. ماهرن مان پهريون نالو تہ جيڪو آءٌ نوم ڪومسڪيءَ Nam Chomsky جو وٺان، جنهن گروهن جي ٻوليءَ تي مطالعو ڪري، هڪ نئين باب جو اضافو ڪيو. جنهن ۾ هُن مختلف نمونا ڏنا. اُهو ڪم 1957ع کان شروع ٿيو ۽ ان کي غيرملڪي زبان پاڙهڻ

جي باري ۾ ڪم آندو ويو. هن سوال تي پرنير رابرٽ لارڊ جو مشهور ڪتاب Linguistic Across Coltvres هڪ بهترين تصنيف ۽ تحقيق آهي. هنن صاحبن جي تحقيق کي ٽرنسفارشينل جنريٽو Trans for scetional Generative لسانيات چيو ويو آهي.

ان وقت هنن عالمن جي خيالن مان جيڪو اختلاف پيدا ٿيو، ان سماجياتي لسانيات کي جنم ڏنو. مان ته ان دور ۾ رڳو گرئجوئيٽ هوس. اختلاف رکڻ وارن چيو ته ”ٻولي هڪ سماجي ڪارڪردگي آهي“. هنن ته مسٽر مدسن مطابق اِهو به چيو ته ”ٻوليءَ تي لکجي، پر ان ڳالهه کي سماجيات سان نه ملائجي ته پوءِ اِهو ڪم ايئن ٿيندو جڻ ته زال مڙس ملي بستري واري عمل کي ته لکجي، پر ذڪر رڳو هڪڙي جو ڪجي ۽ ٻن جو نه ڪجي.“ (صفحو3)

هنن اختلافي خيالن جو بنياد وجهندڙ محقق مسٽر لابوف آهي، جنهن جي ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن 1970ع ۾ شايع ٿيو هو. ان ڪتاب جو انون پاڱو هنن خيالن جو اظهار ڪري ٿو.

وري اِهو خيال ته ٻوليءَ جو سچو ڪارج سماجي ٿئي ٿو ۽ اُها هڪدم به ڪارناما سرانجام ڏئي ٿي يعني:

(1) ٻولي اظهار جو وسيلو آهي، هر ڪو اظهار سماجي آهي.

(2) ٻولي پاڻ پنهنجي سماج جو تشخص بڻجي ٿي.

جناب J.R. Firth جو خيال آهي، جنهن جو ڪتاب ٻيو پيرو 1964ع ۾ شايع ٿيو هو. فرٿ صاحب جو تعارف اِهو آهي، هو صاحب ”لنڊن اسڪول آف لنگئسٽڪس“ London School of Linguistics جو پايو وجهندڙ آهي. هن جي پوئلڳن مان برائون ۽ ليوسن (Levison) ان وقت يعني 1978ع ۾ لکي رهيا هئا، جڏهن آءٌ پنهنجو مقالو لکي ۽ ڊاڪٽريٽ به وٺي چڪو هوس.

مسٽر هڊشن جيڪو پاڻ به هڪ ڏر ۽ اسان واري ڏر آهي. اُهو لکي ٿو ”لسانيات جا ماهر سماج کي درگذر ڪري لسانيات جي تباهيءَ جو بندوبست ڪري رهيا آهن. مان هيءَ ڳالهه هن ڪري ٿو لکان جو مان پڙهندڙن کي خبردار ڪرڻ ٿو گهران ته ممڪن حد تائين جيڪو اختلاف آهي، اُهو تعصب به ٿي سگهي ٿو، پر ان کي زور وٺڻ نه ڏجي (بيشڪ لسانيات وارا به لکن ٿا) پر انهيءَ ڳالهه کي هر حال ۾ ڏسي ٿو سگهجي ۽ قبول به ڪري ٿو سگهجي ته اسان جي ۽ لسانيات وارن جي وچ





۾ وڏو اختلاف آهي ۽ اهو انهيءَ ڳالهه تي آهي ته اسان چئون ٿا ته ٻوليءَ جو مطالعو سماج جي حدن اندر ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ لاءِ طريقا به مختلف اختيار ڪرڻ گهرجن.“ (صفحو4)

مسٽر هڊسن ته اڳتي هلي تاڪيد ٿو ڪري ته روايتي لسانيات جا عالم پاڻ کي لسانيات جا ماهر پلي سڏائين، پر هو پاڻ کي سماجياتي لسانيات جا ماهر نه سڏائين. روايتي لسانيات مان مسٽر هڊسن جو مطلب آهي ته اُها لسانيات، جنهن کي صرفي، نحوي يا وياڪرڻي يا جوڙجڪي Structural لسانيات چيو ٿو وڃي. لسانيات وارا سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندا، لکي لکي پوءِ رڳو اِهو لکندا ته سنڌي ٻولي سنڌي ماڻهو ڳالهائيندا آهن.“ اها دريافت به وڏي آهي، پر رڳو تڏهن جڏهن ماهر به معلوم هجي.“ سنڌي ماڻهو ڪهڙا ماڻهو آهن ۽ اهو ڪم اسان ڪريون ٿا. هڊسن چوي ٿو ته اهڙا عالم فني طور تي نه پر رڳو لکندڙ ماڻهن جيان (Laymen) ايئن لکن ٿا. بهرحال هن حالت کي استاد ڪومسڪيءَ نظرياتي يا تصوراتي لسانيات سڏيو آهي.

### 5_ سماجياتي لسانيات تي پهريون باضابطي تحريرون:

ٻوليءَ کي سماج جي حوالي سان مطالعي هيٺ رکڻ وارن ۾ اي_ پي سورنسن A.P Sorenson به شامل آهي، جنهن اتر اولهه امازان جي علائقي جي زبان جو اهڙو مطالعو ڪيو. اهو مطالعو 1971ع ۾ ڪيو ويو. اهڙو مطالعو جناب جئڪسن Jackson 1974ع ۾ ڪيو. 1971ع واري سال ۾ ئي مون پنهنجو مضمون ”ٻولي ۽ آواز“ لکيو هو. جنهن ۾ منهنجو اختلافي رويو ظاهر آهي. سچ پچ ته ان وقت تائين مون سماجياتي لسانيات تي ڪو به مضمون يا ڪتاب ڪونه پڙهيو هو. پهريون علائقو جنهن جي زبان جو اهڙو اڀياس ڪيو ويو هو. سو هڪ اڌ برازيل جو ۽ اڌ ڪولمبيا جو آهي، پر ٻولي جيڪا بحث هيٺ آئي آهي، سا هن علائقي جي گڏيل زبان آهي. ان جو نالو آهي، توڪانو (Tukano). هن علائقي ۾ رهندڙ تمام گهڻا گروهه هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ اهي شاديون به رڳو پنهنجن ئي خاندانن مان نه ڪندا هئا. هن طرح هنن هڪ طرف گروهي ٻوليءَ کي قائم رکيو هو ته ٻئي طرف وري سماجي ٻوليءَ توڪانو کي. هن طرح اِهو ته ممڪن هو ته زال جي ٻولي هڪڙي ۽ مرد يا مڙس جي ٻولي ٻي هجي، پر ”توڪانو“ پوءِ به هو ٻئي ڄاڻندا هئا. اصل ۾ اهڙي ئي دنيا آهي، جيڪا حقيقي آهي ۽ جيڪا سماجياتي لسانيات وارا خيال ۾ رکن ٿا.

هت اِهو معلوم هئڻ گهرجي ته سنڌ جي حالت ۾ اسان به اهڙيون ڳالهيون خيال ۾ رکون ٿا، پر ان جون حالتون به آهن:

(1) زال کي اتي ئي رهڻو پوندو، جتي سندس مڙس رهندو هوندو.

(2) زال ٻارن کي پنهنجي نه پر مڙس جي زبان سيکاريندي ۽ پاڻ به اُها ئي سکندي.

ان ڪري سنڌي زبان اسان جي لاءِ رڳو مادري نه پر ”پدري“ به آهي. هن طرح ايئن چوڻ ڪجهه اڻ سونهائتو آهي ته سنڌيءَ جي حالت ۾ اُها سنڌي زبان ماڻهن جي رڳو مادري زبان آهي. ظاهر آهي ته سنڌ ۾ پنهنجي خاندان کان ٻاهر شاديون ڪرڻ جو رواج آهي ۽ اڄڪلهه ته پنهنجي خاندان مان شاديءَ کي سٺو به نه ٿو سمجهيو وڃي.

اسان اِها ڳالهه پنهنجي مقالي ۾ اصولي طور تي اختيار ڪئي آهي. بهرحال توڪانو جي اڀياس جا نتيجا هيٺ ڏجن ٿا. هي نتيجا تحقيق جي آڌار تي ڏنا ويا هئا:

(1) ٻوليءَ جي سکڻ جي عمل ۾ هن حالت ۾ ڏکيائي پيدا ڪانه ٿي ٿئي.

(2) اهڙو رويو ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ڪونه ٿو بڻجي.

(3) ٻوليءَ جو ڦهلاءُ بهتر ۽ پورو پورو ٿئي ٿو.

(4) اهو ڦهلاءُ پيءُ، پيءُ جي وڏن ٻارن ۽ پيءُ جي خاندان جي ماڻهن جي اثر هيٺ آهي ۽ اُهي ئي ان کي برقرار به رکن ٿا، جو ماءُ جا مائٽ يا زال جا پيڪا پري ٿا رهن.

هن طرح ترقي ڪرڻ واري ٻولي ”ساهري“ ٻولي آهي ۽ نه پيڪاڻي. (اسان هن باري ۾ اٺن جوڙن جا مثال خيال ۾ رکيا هئا) هن حالت ۾ زال ۽ ٻارن جي اڳيان نه رڳو ماءُ پر مڙس جو يا پيءُ جو سڄو خاندان موجود آهي، ان ڪري تعلق (Contact) جي سوڙهي هئڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. ذاتي طور تي جيڪر اسان ايئن چئون ته مادري ۽ ”پدري“ زبان جي اصطلاحن جي جاءِ تي اسان کي Native ”مقامي يا گهريلو“ ٻوليءَ جو لفظ ڪم آڻڻ گهرجي، پر اسان انهيءَ پوزيشن ۾ نه آهيون جو اسان جي مٿان سماج جي هڪ يڪي ڪلچر کان سواءِ مختلف گروهي اختلافن جو دٻاءُ به آهي. ان ڪري اسان ”ڪلچر“ جي سوال کي خاص اهميت ڏني آهي ۽ سماجياتي لسانيات جا ليکڪ به ايئن ئي ڪن ٿا.

پوءِ به هر حالت ۾ اسان کي مقامي ماڻهن جي وطن يا زمين جي باري ۾





تحقيق ڪرڻي هئي، ان ڪري اسان سنڌ جي سرزمين، ان جي ماڻهن جي اوائلي حالت، انهن جي پاڻ ۾ سٻنڌ ۽ تعلق جا فطري ۽ سماجياتي اسباب ۽ انهن جي مختصر تاريخ علم الانسان جي خيال کان ڏني آهي. (ياد رکڻ گهرجي ته هن طرح جو رويو ان دور جي دنيا جو ڪو به سماجياتي لسانياتي ماهر اختيار ڪونه ٿو ڪري).

هاڻي اسان پڙهندڙ حضرات جو ڌيان هڪ ٻيءَ مشڪل جي طرف به ڇڪايون ٿا. هن حالت ۾ فرض ڪيو ويو آهي ته هڪ لاڏو قبيلو هڪڙي گروهه مان نڪري وڃي ٿو، ٻئي گروهه جي حدن ۾ رهي. هاڻي ڏسڻو آهي ته ان قبيلي جا ماڻهو نئين گروهه ۾ اچي ڪهڙي ٻولي ڳالهائيندا. اسان هن سوال تي سوچيو آهي. اسان چيو آهي ته هن حالت ۾ جيڪڏهن ٻنهي گروهن جون ٻوليون بلڪل ئي جدا آهن ته پوءِ اظهار اشارن جي وسيلي ئي ممڪن آهي. ان ڪري اسان سنڌ جي حالت ۾ ڪم ايندڙ گڏيل اشارا به اڀياس هيٺ رکيا ۽ انهيءَ سوال تي اسان هڪ سڄو باب لکي ڏنو. هن طرح اسان ٻن اهڙن گروهن جي دشواريءَ جو حل به فراهم ڪيو، جيڪي نسلي طرح نه سهي، پر ٻوليءَ جي خيال کان هڪ ٻئي لاءِ اجنبي آهن. هن حالت ۾ اسان ڄاڻايو آهي ته سماجي زبان اشارن جي زبان کي ئي چيو وڃي ٿو.

پر هن حالت ۾ فرض ڪريو ته نئون آيل لاڏو قبيلو اڳ ۾ آباد قبيلي ۾ اهڙا مرد لهي ٿو، جيڪي سندن زبان سمجهن ٿا ۽ ڳالهائن ٿا ته پوءِ لاڏو قبيلو هڪدم وڃي، انهن سان تعلقات قائم ڪندو ۽ ڳالهه ٻولهه ڪندو. هن طرح وقت گذرڻ سان هڪ سماج به ٺهندو ۽ ٻولي به هڪ ئي بڻجي پوندي. پوءِ سماجي زبان جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿيندو. اسان لڏ پلاڻ جي سببن تي به لکيو آهي.

پر پوءِ به هڪ تحقيق ۾ ڪي ٿوريون ۽ معمولي ڳالهيون خارج از بحث سمجهڻيون پونديون آهن. مثال طور اهو ماڻهو ڪهڙي زبان ٿو ڳالهائي، جيڪو سنڌ ۾ ٻه يا ٻن کان به وڌيڪ زبانون ٿو ڳالهائي. اسان انهيءَ ڳالهه تي ڳڻيا ٻڌي ڪونه ويهي رهيا هئاسون. اسان ”سهولت“ جو به خيال رکيو هو ۽ اِهو فرض ڪري ورتو هو سون ته هر عمراني تحقيق ۾ اهڙا سوال هوندا آهن.

دنيا ۾ ته ڪي چار پنج هزار زبانون هونديون، پر ملڪن ۽ سماجن جو تعداد ايترو آهي ئي ڪونه. پوءِ ڇا ڪجي؟ اسان ته اِهو ٿا چئون ته اسان رڳو سماجن جون ٻوليون خيال ۾ رکون ٿا. اِها ڳالهه اسان جي لاءِ خاص مشڪل آهي ته جڏهن تمام ٿورا ماڻهو دنيا ۾ اهڙا آهن، جيڪي رڳو هڪ زبان ڄاڻن ٿا، تڏهن ڪنهن به هڪ زبان کي

سماجي زبان چوٿو مڃيو وڃي ته ان لاءِ اسان وضاحت ڪري آيا آهيون ته اسان انهن گهڻين زبانن مان جيڪي ڪو فرد ڄاڻي ٿو، سماجي زبان به ورتي آهي. ان ڪري اسان ان فرد کي پاڻ کان جدا ڪونه سمجهيو آهي. هن باري ۾ ڪا به مشڪل حالت پيدا ڪانه ٿي ٿئي. اسان پاڻ اِها ڳالهه گروهه ۽ سماج جي حالت ۾ ۽ سماجي درجي بنديءَ ۽ گروهيءَ ڪارڪردگيءَ جي حالت ۾ پنهنجي مقالي ۾ ڏني آهي. ان ڪري اسان جو ڪيس تمام وڏيءَ حد تائين مڪمل آهي (هُن ڳالهه تي حيراني پاڻ هن ليکڪ کي به آهي.)

هت پڙهندڙن جي خدمت ۾ هڪ خاص گذارش هيءَ آهي ته جيستائين اصل مقالي (سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج) جي متن کي حرف به حرف پڙهيو نه ويو آهي. هن تعارف کي به پوريءَ ريت سمجهندي دشواري ضرور ٿيندي. مثال طور ادب ۽ ادب جي گهڻين جنسن تي اسان جي تحقيق جو مثال ئي وٺجي. اسان هر صنف کي نه رڳو ادبي پر لسانياتي به سمجهيو آهي. جو ادب آخر ٻوليءَ کان ٻاهر ته ڪنهن شيءِ جو نالو نه آهي. ان حالت ۾ اسان ٻوليءَ جي سماجياتي ڪارج ۾ ادب جو سماجياتي ڪارج به بيان ڪيو آهي. هن ڳالهه جا فائدا به ٿيا آهن:

(1) سڄي ساري ٻولي جيئن آهي، تيئن بحث هيٺ آئي آهي.

(2) ان وقت ٿيندڙ تحقيق کان اسان گهڻو اڳتي هليا ويا آهيون ۽ پنهنجي ڪيس کي وڏيڪ مضبوط ڪرڻ جو ڪم ڪري سگهيا آهيون. وري سڄي زبان جو اڀياس اسان هن طرح به ڪيو آهي جو نه رڳو ٻوليءَ جون عام صورتون ڏنيون ويون آهن، پر ان جي باري ۾ نشاني، علامت ۽ اهڃاڻ سان گڏ علم علامت ۽ علم معنيٰ به اسان لکيو آهي. حيرت نه لڳي ته اسان عرض ڪريون ته ادب جو اهڙو اڀياس به اسان ئي شروع ڪيو هو. اهڙيءَ طرح اسان سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي معاشري جي حالت ۾ ان جا بنيادي آواز به ڏنا آهن ۽ هن طرح تاريخي لسانيات جيان اسان تاريخي سماجياتي لسانيات به بحث هيٺ آندي آهي. اِهو ڪم به ان وقت دنيا ۾ ڪونه ٿيو هو. هن طرح ڪيترائي نڪتا اهڙا آهن، جو انهن جي باري ۾ اسان بين الاقوامي طور تي پهريون دفعو لکيو هو.

وري هي سڀ ڪجهه سنڌي زبان ۾ جو لکيو ويو ته هن ڳالهه جي ڪري





اسان کي اِهو اعزاز به حاصل آهي ته سماجياتي لسانيات ۾ پهريون ڪتاب جيڪو سنڌي زبان ۾ لکيو ويو هو سو وڏيڪ ويڪرو ۽ وڏيڪ متن وارو تحقيقي ڪتاب هو.

هي سڀ ڪجهه ته ڪتاب ۾ موجود آهي، پر اسان کي رڳو اهو اقرار ڪرڻو آهي ته تحقيق جي خيال کان ڪتاب ۾ اوڻايون آهن. اسان اهو اقرار ان وقت به ڪيو هو. ان اوڻائيءَ واري ڳالهه جا سبب هن مضمون ۾ ئي موجود آهن.

هن ڪتاب جو مصنف تمام ٿورو پڙهيل ماڻهو هو. هُن جا وسيلا ايترا ته گهٽ هئا جو جيڪڏهن هن ڪتاب جو ڪو به انگريزي مسودو شايع ٿيو ته سماجياتي لسانيات وارا ان کي حيرانيءَ جهڙو ڪارنامو ضرور سمجهندا.

خير بهرحال هن مضمون ۾ اسان سماجياتي لسانيات جو تعارف ڏيندي، ان کي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ جي پس منظر ۾ بيان ڪيو آهي ته ان جو مطلب هي آهي ته نفس مضمون کي سمجهڻ لاءِ مثال به اڳيان رهي. بس.

مون کي پاڻ کي هن ڪتاب جي نتيجي ۾ جيڪو ڪجهه به مليو آهي، اُهو ٻيو داستان آهي، پر اهو به حيرانيءَ جهڙو آهي ۽ هڪ دنيا ان تي به حيران ٿيندي.

آخر ۾ مان انهن سڀني دوستن جو شڪرگذار آهيان، جن هن مضمون کي ۽ منهنجي محبت کي پڙهيو آهي. پر مان هت اِهو عرض به ڪندس ته هنن ڳالهين ۽ سوالن کان سواءِ مون لسانيات جي ڪن ٻين سوالن تي به هن ڪتاب کان به اڳ ۾ لکيو هو. اُهو به خيال ۾ رکجي. مثال طور:

(1) ٻولي ۽ آواز

(2) ٻوليءَ جو ٻٽو سرشتو

(3) ٻولي ۽ ٻار

(4) ٻوليءَ ۾ تبديل جا طريقا

(5) ٻولي ۽ ڪلچر ۽ ان کان سواءِ

(6) مادري زبان ۽ ان جي تعليم تي هڪ ضخيم ڪتاب جيڪو شايع ٿيو آهي، پر پوءِ به مان اهوئي چوندس ته:

جان دي، دي هوئي اس کي تهي،
حق تو يه هي ڪ حق ادا نه هوا.

(ماهوار ”ساجاهه“ حيدرآباد، 1992ع)

# لسانيات ۾ جديد نظريا

**سماجياتي لسانيات ۾ ساپر ۽ هورف جو مفروضو:**

1_ لسانيات جي باري ۾ عالمن جي تحقيق گهڻو ڪري، انهيءَ ڪان پوءِ زور ورتو ته ان سوال تي ساپر ۽ هورف هڪ نرالو مفروضو ڏنو. ايڊ ورڊ ساپر Edward Sapir ۽ بنجامن لي هورف Benjamin Lee Whorf چون ٿا: "ٻوليءَ جا نمونا اسان لاءِ اها ڳالهه مقرر ڪري ٿا ڇڏين ته اسان ڪوبه حسي تجربو ڪيئن ڪريون ۽ ان جي معنيٰ ڪيئن ڪريون ۽ ان جي معنيٰ ڪيئن سمجهون." ٻوليءَ جي باري ۾ هي خيال هڪ جدا لسانيات جو بنياد وجهي ٿو. جنهن کي اسان اڄ ڪلهه "سماجياتي لسانيات" Socio_ Linguistics ٿا چئون. هي مضمون اڄ ڪلهه انسان ذات جا تمام گهڻا مسئلا حل ڪري رهيو آهي. خاص ڪري تعليمي، تدريسي ۽ نصابي سوالن تي هي مضمون تمام گهڻو مقبول بڻجي ويو آهي.

پر هن خيال جي به هڪ تاريخ آهي. هي خيال 1835ع ۾ سٽر همبولٽ به ڏنو هو. پر ان وقت هي سوال صاف نه هو. همبولٽ Humbolt ڪان پوءِ وري رچرڊ ويور Richard Weaver هن باري ۾ ڪجهه چيو:

"ٻولي تورات جو هڪ جسم آهي. جنهن مان ماڻهو وڌندڙ صورتحال Phenomenon جو مقابلو ڪري سگهي ٿو."

سماجياتي لسانيات ۾ هي جملو به ڏاڍو اهم آهي. جو ان جو مفهوم اهو آهي ته هر مادي ۽ روحاني ترقيءَ جي لاءِ لساني ترقي تمام ضروري آهي.

2_ ساپر صاحب 1929ع ۾ لکيو ته انسان رڳو غيرجاندار ۽ خارجي دنيا ۾ ڪونه ٿا رهن. نه وري انسان رڳو سماجي چرپر يا عمل جي دنيا ۾ رهن ٿا. انسان ته حقيقت ۾ رڳو ڪنهن نه ٻوليءَ جي رحم ڪرم تي آهن. جيڪا سندن معاشري ۽ اظهار جو وسيلو اختيار ڪري چڪي آهي....





سچي حقيقت هن طرح آهي ته سچي پچي دنيا تمام گهڻيءَ حد تائين ڄاڻي واڻي اهڙي ٺاهي وائي آهي جو ان جو بنياد ٻوليءَ جي عادتن تي آهي. جيڪي وري هڪ ٽولي يا گروهه ۾ ٺي ڪم ڪن ٿيون.

3_ هورف جو چوڻ هي آهي: "ماڻهو رڳو انهيءَ مادي دنيا ۾ ڪونه ٿا رهن. جيڪا انسان جي آس پاس موجود آهي. يا ماڻهو رڳو سماجي دنيا ۾ ڪونه ٿا رهن. جنهن کي هنن پاڻ ٺاهيو آهي. ماڻهو اصل ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ جي دنيا ۾ به رهن ٿا. حقيقت ۾ مادري ۽ سماجي دنيا به ائين ٺهي آهي. جيئن ان کي مادري ٻوليءَ جي دنيا ٺاهيو آهي."

"ٻوليءَ ۾ تبديلي ايندي ٿي رهي ۽ انهيءَ تبديل ۾ اُهي تبديليون به شامل آهن. جيڪي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن کي ويڙهيو وينيون آهن."

"رڳو هڪڙي ٻولي به پنهنجيءَ ارتقا جي ڪري مختلف منزل تي دنيا کي مختلف نمونن سان ٺاهي ۽ ڍاهي ٿي."

هورف هن طرح چيو: "اسان ته لفظن جا غلام آهيون."

نندڙائپ ۾ ته اسان اڻ ڄاڻائيءَ ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ جا قانون ۽ اصول پنهنجي ئي طريقي سان سکي ٿا وڃون. پر مادري ٻوليءَ جو ڪمال اهو آهي جو انهيءَ جي مدد سان اسان اڻ ڄاڻائيءَ جو سوچڻ جو هڪ خاص انداز به پرائي ٿا وڃون. اهڙيءَ ريت اسان هڪ ڳجهي روحاني دنيا جيڪا فوق الطبعياتي آهي اها به معلوم ڪري ٿا وڃون."

ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته هورف ٻوليءَ جو ڪونڪو سائنسي بنياد ڳولي رهيو آهي. هو چوڻ اهو ٿو گهري ته مادي دنيا اڳي موجود هئي. يا پيدا ٿي چڪي هئي. پر ان جو شعور پوءِ پيدا ٿيو. شيون اڳي هيون. اسم پوءِ ٺهيا. هن طرح شين کي نالا مليا.

**هورف تي تنقيد:**

(1) ڇا ٻولي سوچ تي به اثر ڪري سگهي ٿي؟

هائو ٻولي سوچ تي به اثر ڪري ٿي سگهي. پر اهو اثر رڳو سوچ جي فني صورتن Techniques تي پوي ٿو ۽ نه سوچ جي نوعيت يا حقيقت تي.

(2) هُورف هڪ اهم پر نرالو سوال وساري ڇڏيو. اصل ڳالهه اها آهي ته سوچ تي اثر پوي ٿو. حقيقت جو جيڪا انسان جي تجرباتي بنيادن تي ٺهي ٿي. ۽ انهيءَ ئي سوچ تي مدار آهي. سچي زندگيءَ جو. سو هن طرح

اصل ڳالهه اها آهي ته اصل ۾ وڏي ڪردار ادا ڪرڻ واريون ڳالهيون آهن، زندگيءَ جون حقيقتون. ۽ نه ۽ نري ۽ رڳي ٻولي. (هورف آمريڪن هو).

(3) پر اهو به هڪ سچ آهي ته "هرڪا ٻولي پنهنجي ڳالهائيندڙن جي چوڌاري هڪ جادوءَ جو دائرو ناهي ٿي ۽ اهو دائرو اهڙو آهي جو ان مان ان وقت تائين نڪري نه ٿو سگهجي، جنهن وقت تائين ڪنهن ٻئي دائري جي پناهه نه ٿي ونجي."

ساپر ۽ هورف جي نظرين کي اڄڪلهه جي علم جي مدد سان لسانيات جي سوال تي ڪنهن ٻيءَ تحريڪ جي وسيلي وڌائي ٿو سگهجي ۽ انهن جون اوڻايون پيري سگهجن ٿيون. عالمن هن سوال تي هڪ رستو ناهي ٻڌايو آهي، جنهن کي اسان "لفظن جي دائري جو نظريو" ٿا سڏيون. (1 ڏسو ليکڪ جو مضمون مهراڻ_1، 1989ع)

## لفظن جو دائرو (Theory of Lexical Field) آخر آهي ڇا؟

لفظن جو دائرو اهو سماجي دائرو آهي، جنهن ۾ هرڪو لفظ (Lexicon) پنهنجو لساني ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ اهڙي ڪردار لاءِ ڳالهائيندڙن وٽ موجود رهي ٿو.

هن سوال کي اڳي هٽ ۾ ڪنيو نه ويو هو. اسان ان جي ابتدا ڪئي آهي.

هن باري ۾ ٻيو جيڪو نظريو ڏنو ويو آهي، اهو آهي. Morpho Smanitic Field جو نظريو، جنهن کي صوتي_ علامتي دائروئي چئي ٿو سگهجي. هن نظريي تي به ڪو ڪم اڄ سوڌو ڪونه ٿيو آهي. هن نظريي ۾ لفظن جي بجاءِ آواز ڪم اچن ٿا ۽ اهي آواز علامتي ڪردار ادا ڪن ٿا. اسان هن باري ۾ تاڙيءَ، سيٽي، سڏ، رڙ، ڪوڪ، ڪنجهه، ڪيهه، چوڪاري، ٽڏي ساهه ۽ ٿڪ جا مثال ڏنا آهن. هي سڀ آواز آهن، پر هنن کي مفهوم آهي، جيڪو علامت جو ڪم ڪري ٿو.

## پر آخر علامت آهي ڇا؟

اسان پنهنجيءَ تحقيق جو تمام وڏو علم علامت ۽ علامت جي نوعيت کي به ڏنو آهي (سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج). پر پوءِ به هت ٿورو گهڻو ضرورت مطابق لکي رهيا آهيون.

علم علامت اسان کي ٻڌائي ٿو ته ٻولي اظهار جي لفظي وسيلن جي هوندي ڪهڙو نرالو ڪم ڪري ٿي. يا وري انساني ٻولي جانورن يا شين جي ٻوليءَ کان





ڪيئن مختلف آهي. ٻولي ته اظهار جي وسيلي طور مڃيل آهي، پر اٿڻ ويهڻ جا آداب Etiquette انسان جي ڪارڪردگيءَ يا مجموعي عملي زندگيءَ جي خاص ٻولي آهن. اسان هن ٻوليءَ کي عام رواجي زبان جي وسيلي ادا ڪيو آهي، جيڪا تهذيبي آهي ۽ علامتي آهي.

آداب جي ٻولي انسان جي تهذيب جي ٻولي آهي، پر ان کي غلطيءَ کان يا اڻ ڄاڻائيءَ کان گهٽ درجي جي ٻولي مڃيو ويو آهي. ان ڪري ان کي "لوڪ زبان" ۽ ڪتابي زبان کي "معياري زبان" سڏيو ويو آهي. هن طرح انهيءَ ڳالهه جو خيال نه رکيو ويو آهي ته لوڪ زبان کي معياري زبان چو نه ٿو سڏي سگهجي. اصل ۾ هي سوال لسانياتي بنياد تي پرکيو ئي نه ويو آهي. ان کي طبقاتي بنيادن تي پرکيو ويو آهي، جو اسان جو معاشروئي طبقاتي آهي ۽ هت پڙهيل ماڻهوءَ جي مرتبت اڻ پڙهيل ماڻهوءَ جي مرتبت جي برابر سمجهڻ هڪ تصور آهي.

هن غلطيءَ ٻولين ۾ حڪومتون، رياستون ۽ قومون ٺهايون آهن، جن کي عام ماڻهوءَ تي حڪومت ڪرڻ جو حق ڏنو ويو آهي. آداب جي ٻولي انسان جي تهذيب جي ٻولي آهي. هر سماج ۾ ماڻهن جا مڃيل ڪي آداب ٿين ٿا. اهي آداب ان سماج جي رڳو انهن ماڻهن کي معلوم آهن، جيڪي تهذيبي دنيا ۾ رهن ٿا. هن طرح بدقسمتيءَ سان ڪن معاشرن ۾ پڙهيل ماڻهو غيرمهذب بڻجي ويا آهن.

مهذب دنيا جو هڪ اخلاقي نصاب ٿئي ٿو. ان کي اسان آداب چئون ٿا. اهائي آداب جي ٻولي سماجياتي لسانيات جو اصل آهي.

انسان جي عام رواجي ٻولي آداب ۽ علامتن جو هڪ سرشتو آهي، جيڪو سماج ۾ موجود رهي ٿو ۽ سماج ۾ ئي ڪم اچي ٿو. ڪن ملڪن ۾ بدنصيبي چئجي جو انهيءَ طاقتور زبان کي تدريسي طريقن ۽ وسيلن ۾ ڪم آندو نه ٿو وڃي. سبب هن حالتن ۾ ساڳيو آهي. هڪ خاص طبقي جي جڙتو تهذيب کي بچائڻ جون ڪوششون ڪيون ٿيون وڃن.

اها به حقيقت آهي ته جنهن ٻوليءَ کي اسان "عام رواجي" زبان ٿا سڏيون، سا گهڻو مشڪل آهي. جو اها نه رڳو لسانياتي پر علامتي به آهي. البت مادري زبان جي حالت ۾ اها آسان ٿي لڳي ته اهو انهيءَ ڪري آهي جو ان جو استعمال تعليم شروع ڪرڻ کان به اڳ شروع ٿي ويندو آهي. پوءِ اها زبان عادت بڻجي ويندي آهي ۽ هن طرح تدريسي طريقن ۾ اها آسان ۽ وڌيڪ ڪارائتي ثابت ٿئي ٿي. اهو هن ڪري

ٻه جو اها ٻولي انسان جو ثقافتي ۽ تهذيبي ورثو آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته صرف لفظ ئي آهن جن کي علامتون چئي ٿو سگهجي. آواز يا ته علامتون نه آهن، پر جيڪڏهن آواز علامتون آهن ته پوءِ اهي به ثقافتي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيندا.

البت ڪي آواز جن ۾ مفهوم ڪونهي، ڇا اهي مادي دنيا ۾ ڪنهن به شيءِ سان لاڳاپو ڪونه ٿا رکن ته اهي علامت به بڻجي نه ٿا سگهن.

**ڪوڊن جي ٻولي:**

هڪ عام رواجي ٻوليءَ ۾ اظهار جي طريقن جا سڀ وسيلا اچي ٿا وڃن. مثال طور جهنڊن وسيلي اظهار، نشانن وسيلي اظهار، اشارن وسيلي اظهار عام طور تي هر ملڪ ۾ آمد و رفت جي سهولت ڪان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي نمونن ۾ اظهار جا ڪوڊ ڪم آندا ٿا وڃن. هنن نمونن ڪان سواءِ موسيقيءَ جي تحريري شڪل، ڪامپيوٽر جي ڪارڪردگي، فوجي طريقن جو استعمال ۽ ڪيترن ئي قسمن جا آواز ڪوڊن جو ڪم ڪن ٿا. مورس ڪوڊ ڪان وٺي اڄوڪي بنا تند تار جي ڪوڊن جي نمونن ۾ انسان جو اظهار هاڻي عام ۽ رواجي آهي.

چون ٿا ته آئن اسٽائن Einstein چيو هو ته ”ڪو به سائنسدان فامولو ڪونه ٿو سوچي. اسان ته ٻوليءَ جي مدد سان سوچيون ٿا، ٻيا علامتي طريقا سڀ مددي يا ثانوي حيثيت رکن ٿا ۽ ان ڪري ناڪافي آهن. اهي اٽل (رجڊ) Rigid به آهن. ۽ روايتي ۽ غير متحرڪ به آهن. انهن جي ڀيٽ ۾ عام رواجي ٻوليءَ ۾ اهي عيب ڪونه آهن.“

هن طرح نسلي لسانيات ۽ شمارياتي لسانيات Statistical Linguistics ۽ Ethno _ Linguistics جي باري ۾ معلومات موجود آهي.

هن طرح ساپر ۽ هورف جو مفروضو هن دور جي دنيا جي هڪ اهم حقيقت بڻجي پيو آهي ۽ اڄ دنيا سماجياتي لسانيات کي لسانيات جي ميدان تي اولين جاءِ ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي وئي آهي.

**ٻولي ۽ ذهني دنيا:**

1_ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ ۾ اسان ڪن خاص سوالن ۽ نڪتن جي باري ۾ لکيو آهي، جن مان ڪي هيٺ ڏئي اڳتي هلنداسيون:





1_ انسان ۽ زمين جو سڀنڌ.

2_ انسان جي ارتقا جو بڻيادي تصور

3_ زندگيءَ جو بڻيادي تصور.

4_ سماج انسانيءَ جو بڻيادي تصور.

5_ جدا جدا نسل ۽ گروهه.

6_ سنڌ ۽ هند جي آباديءَ جو دور ۽ ان جون خصوصيتون.

2_ هن جاءِ تي اسان ،سماجياتي لسانيات“ جي مضمون (Discipline) جي اصولن جي تحت هڪ جدا لسانياتي حوالي (Linguistic reference) جي باري ۾ لکي رهيا آهيون. جيئن اسان ڪٿي ڪنهن ٻئي هنڌ (مهراڻ جي لاءِ لکيل مضمون ۾) ڄاڻايو آهي ته لسانياتي حوالو معاشرتي زندگيءَ ۾ موجود انيڪ مفهومن جي دائرن مان ڪونه ڪو هڪ والاري ٿو. هن طرح هن مضمون ۾ ”زمين“ لفظ کي جڻ ته اسان هڪ لسانياتي دائري جي حيثيت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. جنهن ۾ اسان ”ٻوليءَ جو زميني نظام“ حوالي طور ڪم آڻينداسون.

3_ زمين ۽ انسان پاڻ ۾ گهاٽا دوست رهيا آهن. شايد هيءَ هڪ خاص دوستي آهي، جنهن ۾ دشمنيءَ جو ڪو گمان ئي پيدا ٿي نه سگهيو آهي. سبب هي آهي ته تعصب Prejudice جيڪو دشمنيءَ جو سبب بڻجي ٿو، اهو رڳو هڪڙيءَ ڌر تي پيدا ٿئي ٿو، جيڪا ڌر ماڻهوءَ جي آهي. ٻي ڌر تعصب جي جذبي کان ئي پاڪ آهي. ان ڪري هن انسان جي هر ڏاڍائيءَ کي برداشت پئي ڪيو آهي. انهيءَ ڌر پنهنجي سيني تي انسان جي پيدا ڪيل ساريءَ گندگيءَ ۽ غلاظت کي جبر سان برداشت به پئي ڪيو آهي. هن طرح زمين جي هن عمل جي باري ۾ به انسان پنهنجو ردِعمل ظاهر ڪيو آهي. هن طرح انسان جي ٻوليءَ ۽ زمين جي دنيا جو هڪ لاڳاپو قائم ٿي ويو آهي. جيڪو لسانيات جي علمن جو هڪ اهم موضوع به آهي.

(1) زمين مان انسان پنهنجي غذا حاصل ڪئي آهي.

(2) زمين تي انسان پنهنجو پهريون اجهو بڻايو آهي.

(3) زمين تي انسان پنهنجو خاندان قائم ڪيو آهي.

(4) زمين تي انسان پنهنجي ماضيءَ جا يادگار ڇڏيا آهن.

(5) زمين تي ئي انسان جا پاڙيسري (جانور) آباد آهن.

(6) زمين مان انسان دولت هٿ ڪئي آهي، جنهن ۾ هيرا، لال، جواهر ۽ توانائيءَ جون صورتون شامل آهن.

(7) انسان جي پيدائش جو تصور، زمين سان شامل آهي ۽ ان جي موت جو بہ.

(8) زمين انسان جو وڏي ۾ وڏو فائديمند ماحول آهي.

4_ زمين جي تصور کان سواءِ انسان قوميت، راڄ، خاندان، ترقي ۽ گروهہ جو تصور بہ رکي نہ ٿو سگهي. انسان جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي يعني ”آئيني رياست“ بہ زمين جي تصور کان سواءِ ڪوبہ وجود ڪونہ ٿي رکي. جو هت زمين ۾ Territory چيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ايراضي.

5_ رڳو هنن ڏهن ڳالهين تي ويچار ڪجي تہ بہ ”زمين“ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ حوالو آهي، جيڪو زميني سماج ۾ مفهوم ۽ اظهار جو تمام وڏو حصو والاري ٿو. هي حصو زميني سماج ۾ موجود ٻولين، گهڻي پاڳي محاورن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

6_ اها ڳالهہ دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي تہ زمين انسان کي ايترو تہ گهڻو ڏنو آهي، پر انسان زمين جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو آهي. بيشڪ اهو سوال ڏاڍو اهم آهي تہ زمين ۽ انسان جي تعلق ۾ آخر انسان جو ڪردار ڪهڙو ٿي سگهيو آهي. هن سوال تي وثوق سان چئي ٿو سگهجي تہ انسان بہ زمين تي گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي، زمين کي گهڻو ئي ڏنو آهي. پر انسان زمين کي پيدا نہ ڪيو آهي.

7_ هن طرح اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ آخر زمين پيدا ڪيئن ٿي آهي. هن جاءِ تي مرڪزي طاقت ۽ قوت جي سوال کي بحث هيٺ رکڻ کان سواءِ ڪن ڳالهين جي باري ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ چئي سگهجي ٿو.

مثال طور:

(1) تحرڪ.

(2) ڪشش ۽ تصادم.





(3) ڌهڻ ۽ ٺهڻ جا بنيادي اصول.

(4) جسم ۽ وجود جا جسماني تصور.

(5) زمين جهڙا ٻيا وجود. (The other plenatory forms)

زمين جي باري ۾ علم، جنهن کي جيالوجي چيو ٿو وڃي، تنهن جو سڄو مواد بہ انهن ڳالهين تي ئي ٻڌل آهي.

زمين جي باري ۾ پهريون تصور اهو ڏنو ويو تہ زمين اصل ۾ هڪ تمام وڏو زميني وجود هو. هن وجود کي بيل صاحب Giant Star ”تمام وڏو سيارو“ سڏيو آهي.

انهيءَ وڏي جسم کان وٺي زمين جي ننڍي ٽڪري تائين پهچڻ جي بہ هڪ واٽ ثابت ٿي آهي. مثال طور تمام وڏو سيارو ڀڃيو تہ ان ۾ ”تصادم“ Conflict ٿيو. هن تصادم جي لاءِ ذميوار حقيقتون اندروني هيون. نتيجي طور ننڍيون ڪائناتون ٺهيون ۽ سج رڳو انهن مان هڪ اندروني وجود آهي. وري وڌيڪ تصادم جي ڪري سج مان بہ ڪي وجود پيدا ٿيا ۽ هن طرح ڪائناتي يا خلائي وجود پيدا ٿيا. زمين بہ انهن وجودن مان رڳو هڪڙو وجود آهي. هت ياد رکڻ گهرجي تہ تصادم سان گڏ هڪ ٻي قوت بہ زمين جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪم ڪندي آهي، جنهن کي ڪشش چيو ويو آهي.

زمين جهڙا ٻيا بہ ڪيئن وجود ٿهيا، جن ۾ تصادم ۽ ڪشش ڪم ڪيو. انهن وجودن کي Planetesimals چيو ٿو وڃي. اهي سڀ هڪ قسم جا گرهہ آهن. اهي بہ بي حساب آهن. ڪشش ۽ تصادم کان سواءِ ٽين حقيقت آهي ”حرارت“ حرارت جي نتيجي ۾ پاڻيءَ، ٻاڦ، سمنڊ، برف، مينهن ۽ جبلن جو وجود ممڪن ٿيو، هن طرح زمين جي نوعيت ۾ ”ڳوراڻ“ شامل ٿي. پوءِ زمين ڳوري ٿيندي وئي.

هنن سوالن جي سمجهڻ جي لاءِ زمين جي سائنس يا جيولاجيءَ جو اڀياس ڪرڻو پوندو.

هن مضمون ۾ اسان جو مقصد رڳو ايترو آهي تہ اهو ڏيکارجي تہ انسان پنهنجين زبانن ۾ تمام ويجهڙي ماحول جي لاءِ مفهوم جو ڪيترو وڏو ذخيرو ڏنو آهي ۽ انهيءَ مفهوم پوري زبان جو ڪيترو حصو مخصوص طور تي زمين جي باري ۾ هنن سيني سوالن لاءِ پيدا ڪيو آهي. هن جو مطلب هي آهي تہ زمين جنهن کي لسانيات ۾ Referent چيو ويندو، تنهن لاءِ Reference جو ڪيترو ۽ ڪهڙو حصو ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح اسان انهيءَ مفهوم کي ”لسانياتي حوالو“ يا لسانياتي دائرو

چئون ٿا.

برابر زمين جي پيدائش يا وجود جي باري ۾ انسان جي ڪوشش ڪي بيان ڪرڻ تہ اسان لاءِ ممڪن نہ آهي، پر اها ڳالهہ آسانيءَ سان چئي وئي آهي تہ زمين جي موجوده شڪل ٺاهڻ ۾ انسان جو هٿ آهي ۽ تمام نمايان آهي. انسان پنهنجيءَ هن ڪوشش ڪي پنهنجي پنهنجي معاشرتي زبان ۾ بيان ڪيو آهي. سنڌي زبان بہ هن باري ۾ پنهنجو حصو ادا ڪيو آهي.

هن طرح هڪ طرف زميني دنيا ٻوليءَ ڪي شاهوڪار بنايو آهي تہ ٻئي طرف انسان زمين جي باري ۾ اظهار جي مدد سان پنهنجي ٻوليءَ ڪي تمام گهڻو شاهوڪار بڻايو آهي. مثال طور:

(1) انسان زمين جي هر حصي جي لاءِ هڪ لغت ٺاهي ورتي آهي.
(2) انسان زمين جي سونهن، سڪ ۽ ان جي افاديت ڪي بيان ڪيو آهي.
(3) انسان زمين تي رياست پيدا ڪري آئين ۽ آئيني ٻوليءَ ڪي بڻايو آهي.
(4) انسان ٻوليءَ جي وسيلي زمين سان محبت جو اظهار ڪيو آهي.
(5) انسان زمين جي مالڪيءَ جي بنياد تي اقتصادي نظام ٺاهيا آهن.
(6) انسان هن سوال تي قوميت ۽ قومي رياست جا تصور ٺاهيا آهن.
(7) انسان زمين مان پيٽ قوت ۽ پيداوار جي انيڪ شڪلين لاءِ لغت ٺاهي ورتي آهي.

هن طرح انسان هڪ نرالي لسانياتي حوالي جو بنياد وڌو ۽ ان ڪي وڏايو آهي. جنهن ڪي لسانيات جو زميني مضمون Geological Discipline of Linguistics چيو ٿو وڃي. بس هن مضمون ۾ اسان جو بحث بہ انهيءَ مضمون جي باري ۾ آهي.

هن حالت ۾ ٻوليءَ جي لفظن جو دائرو رڳو هڪ ئي مضمون يعني ”زمين“ سان تعلق رکي ٿو، ان ڪري ٻوليءَ جي هن حصي ڪي بہ هڪ جدا حيثيت حاصل ٿي وئي آهي.

اهڙيءَ طرح لسانيات جي هن سوال ڪي اسان حوالياتي دائرو ٿا سڏيون، جنهن ۾ هن حالت جو لفظ زمين جو سڄو اظهار سنڌي زبان جي مدد سان ڪيو ٿو وڃي.

سنڌي ٻوليءَ جو هن قسم جو لساني ڪردار حوالن، محاورن، اصطلاحن،





عام گفتگوءَ ۽ اشارن جي وسيلن کان سواءِ انسان ۽ زمين جي لهہ وچڙ جي بنياد تي ايترو تہ وڏو ۽ ويڪرو آهي جو ان جو رڳو ڪو ٿورو وجود بہ اسان پاڻ وٽ آڻي نہ سگهنداسون.

پيداواري وسيلا، بودوباش جا طريقا، معدنيت ۽ شهريت، قانون ۽ آئين، قوميت ۽ رياست، اجهو ۽ پاڻي، گرمي ۽ سردي، هوا ۽ خشڪي، برساتون ۽ طوفان، برف ۽ پهاڙ گرمي ۽ سردي، حيات ۽ موت ۽ هن طرح ٻيا انيڪ سوال انهيءَ زبان جي مدد سان ئي سمجهہ ۾ اچن ٿا، جن ڪي زميني نظام جي ٻولي چئي ٿو سگهجي.

هن طرح لسانيات جي علم جو گهرو ۽ گهاٽو تعلق ’علم الارض‘ سان قائم ٿئي ٿو.

وڌيڪ تحقيق جي لاءِ هنن سڀني سوالن سان هرهڪ تي هڪ پختي ۽ اصولي تحقيق ڪري سماجياتي لسانيات ڪي وڌيڪ ويڪرو بڻائي سگهجي ٿو.

اميد آهي تہ هن قسم جو اڀياس هڪ ڏينهن سماجياتي لسانيات ڪي سڄي لساني علم تي محيط ڪري سگهندو.

**ٻوليءَ جو حياتياتي قانون:** (The Law of Linguistic Biology)

ميل ميلاپ يعني سماجي عمل جي بڻياد تي سماجي هڪجهڙائي پيدا ٿئي ٿي، پر پري رهڻ يا ڪٽجي رهڻ مان اختلافي صورتحال پيدا ٿئي ٿي. هن هڪڙو سماجياتي قانون آهي.

هاڻي اچو تہ هن قانون ڪي لسانيات تي لاڳو ڪريون. هن قانون مطابق ڪي بہ ٻہ ٻوليون جيڪڏهن هڪجهڙيون نظر اچن ٿيون يا پاڻ ۾ ڪونہ ڪو تعلق رکن ٿيون ۽ سندن سماج بہ ٿورو ڪي گهڻو ويجهو ۽ هڪجهڙو آهي تہ پوءِ چئبو تہ هي ٻہ ٻوليون هڪ ئي ڪٽنب سان تہ تعلق رکن ٿيون، پر هڪ ئي سماج ۽ تهذيب سان بہ سندن تعلق موجود آهي.

ٻولي يا لسانيات تي سنڌ ۾ ڪيل تحقيق انهيءَ سوال تي هڪ رکي آهي جو اها سنڌي ٻوليءَ جو ڪٽنب تہ هجي ٿي، پر ان جي تهذيبي ۽ سماجي صورتحال تي اسان وٽ رڳو هڪڙو ڪتاب آهي.

وري ٻيو قانون هي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن سماج ۾ مختلف طبقا يا گروهہ تمام وڏو عرصو گڏ رهندا تہ انهن جي ٻوليءَ ۾ ٿورو گهڻو فرق معلوم ڪري سگهبو. هن فرق جي باري ۾ بہ اسان وٽ ڪي غلط فهميون آهن، مثال طور اسان

سمجهون ٿا تہ اهي ننڍيون گروهي زبانون جدا ٻوليون آهن، پر حقيقت اها آهي تہ اهي ٻوليون نہ پر هڪ ٻوليءَ جون رڳو ڪي صورتون آهن. هنن صورتن کي Dialects چيو ويو آهي. هن طرح جڏهن ڪوبہ عالم سنڌي زبان ۽ مثال طور پارڪريءَ جو ڪو تعلق ٿو ثابت ڪري تہ ان جو نتيجو اهو نہ نڪرڻ گهرجي تہ پارڪري ڪا جدا ٻولي آهي. اهڙي ڪوشش رڳو هڪ مطالعاتي ڪارنامو آهي.

هن سوال تي دنيا جي عظيم دانشورن جا خيال هي آهن:

"لغت هڪ ڪائنات آهي، جنهن کي الف_ بي وار تحرير ڪيو ويو آهي."

هي قول انٽول فرانس جو آهي. هو وڌيڪ چوي ٿو "اها حقيقت آهي تہ اها ڪائنات حيرت ناڪ حقيقتن سان ڀري پئي آهي ۽ ان جا تفصيل وڏيءَ خوشيءَ ۽ دلچسپيءَ جهڙا آهن. (As quoted by Logan Pearoal Smith. In "Words and idioms" Page_4)

عالمن جا هي خيال اسان کي سڌوسنئون حياتيات جي علم يا بائيولاجيءَ جي طرف وٺي وڃن ٿا.

(1) حياتياتي دنيا تہ گوناگون آهي، پر ان ۾ لاڳو قانون هڪجهڙا آهن. اهڙيءَ ريت انسان جي زبان هزارن صورتن ۾ موجود آهن، پر ان جا سماجياتي ڪارج ۽ قانون هڪجهڙا آهن.

(2) انسان جيڪو ٻوليءَ جي هر عمل ۾ مکيہ ڪردار آهي سو حياتيات ۾ بہ مکيہ ڪردار آهي، جو اهو وڏي ۾ وڏو سڌريل جيو يا حيوان آهي، جنهن کي فقط انسان ئي سڏي ٿو سگهجي.

(3) حياتياتي تحقيقون انهيءَ قانون ۽ اصول تي متفق آهن تہ هرڪو "حياتياتي جيو" يا "جيئندڙ" (Living Thing) بچاءَ، دفاع ۽ قوت يا غذا ۾ موافق حالتن جي تلاش ۾ رهي ٿو. ڏسي ٿو سگهجي تہ انسان جيڪو حياتيات جو نمايان ڪردار آهي، تنهن جو هر عمل بہ حياتياتي قانونن تحت زنده رهي ٿو ۽ ٻولي بہ انسان جي عملن مان وڏي ۾ وڏي ۽ بهتر عمل آهي.

(4) حياتيات جا قانون نہ رڳو "جيوت" سان تعلق رکن ٿا، پر اهي ڦٽندڙ يا پيدا ٿيندڙ، وڌندڙ، جيئندڙ ۽ مرندڙ هر شيءِ تي لاڳو ٿين ٿا. ٻوليون بہ پيدا ٿين ٿيون، وڌن ٿيون، جين ٿيون ۽ مرن بہ ٿيون. سو ٻولين جو





سوال بہ هڪ حياتياتي سوال ٿي آهي.

(5) حياتياتي اصولن تحت ڪنهن بہ ٻج جو هڪ داڻو صدين کان پوءِ هڪ جنس ٿي ويو آهي، بلڪ اهڙيءَ ئي طرح ٻوليءَ جو هڪ بنيادي آواز هزارن سالن جي عرصي ۾ هڪ ڪائنات بڻجي ويو آهي، جيڪا اڄ حيرتناڪ آهي.

(6) حياتيات جي ڪائنات ۾ جاگرافيءَ جون حالتون، موسمون، طبعي حالتون، زمين، نسليت، (انواع يا قسم) سڀ اثر انداز ٿين ٿا ۽ ساڳيا ئي عنصر زبانن تي بہ اثرانداز ٿين ٿا.

(اسان هنن ڳالهين جو اڀياس اڳ ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي).

(7) ٻولين جو موت ٻولين جي بيمارين جي ڪري ئي ٿئي ٿو ۽ اهي بيماريون انسان وٽان ٻولين ۾ داخل ٿين ٿيون. جڏهن معاشرا ٻولين جي صحت جي باري ۾ بي پرواهي ۽ اڻ ڄاڻائپ جو شڪار ٿين ٿا، تڏهن زبانون هيٺيون ٿينديون ٿيون وڃن. اهائي ڳالهہ حياتياتي نوعن ۾ بہ ساڳيءَ ريت عمل ڪري ٿي.

(8) ٻوليءَ جي سگهہ، طاقت ۽ ان جو ڪارج حياتيات جي اهم موضوع ۽ ڪردار يعني انسان کي بهتر ۽ قابل عمل رکي ٿو. هن طرح ٻولي حياتيات جي خدمت ۾ رڌل رهي ٿي ۽ ان جو حياتياتي اڀياس تمام ضروري بڻجي ٿو.

**انسان جي ارتقا جو تصور ۽ ٻولي:**

چين ۽ يونان وارن کي اڳ ۾ ايترو معلوم هو تہ انسان ارتقائي دورن Evolutionary Times مان لنگهندو رهيو هو، پر انهن کي ارتقا جي ميڪانيت جي باري ۾ ڪابہ خبر ڪانہ هئي. ارتقا جي سوال تي پهرين سائنسي تحقيق اٺويهينءَ صديءَ ۾ ٿي هئي. ان وقت ارتقا جا اصول پهريون دفعو طبعي ۽ سماجي اصولن جي بنياد تي سمجهايا ويا.

لئنائيس Linaeus 1778_ 1707 بہ هڪ اهڙو سائنسدان هو، جنهن سڀ کان اڳ حياتياتي دنيا جي زنده نمونن کي گروهن ۾ ورهايو هو ۽ هن انهن نمونن کي وري هڪ جهڙاين ۾ تقسيم ڪيو هو. پر ڊارون هن جي تحقيق جو فائدو تمام ٿورو ورتو. ڊارون مطابق لاٽنائيس اهو نہ ڏسي سگهيو تہ ارتقا گهڻن دورن مان لنگهي آئي

آهي ۽ وقت جي وڏي سلسلي مان سفر ڪندي رهي آهي. لئنائيس شين کي هڪ ئي وقت جي مقرر ڪيل دور ۾ ڏٺو ۽ سمجهيو هو. ان ڪري هن طريقي کي Cynchronic چيو ويو.

ڊارون پهريون عالم هو، جنهن پنهنجيءَ حياتيءَ (1882_ 1809ع) ۾ شين جي ارتقائي سچي سلسلي کي وقت جي سچي سلسلي سان ملايو. هن نظريي تي وڏو ڪم واليس (Wallace) به ڪيو هو، ان جو دور 1913_ 1822ع جو هو.

ڊارون بهرحال اهوئي ثابت ڪيو ته ارتقا جو عمل هر دور ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي. ڊارون جي طريقي کي Diachronic چيو ويو آهي. ڊارون جي تحقيق ۾ ٻن ڳالهين کي خاص اهميت حاصل آهي.

(1) لائق ترين زندگيءَ جو لاڳيتو ترقياتي عمل.

(2) سڀاويڪ سگهه پٽاندر اختيار ۽ قوت. (The Survival of the fittest and Natural Selection)

ڊارون جي تحقيق ارتقا جي سائنس کي علوم عمرانيءَ ۽ سماجيات جي ميدان ۾ داخل ڪيو ۽ هن طرح ان جو تعلق سماجي لسانيات سان به قائم ٿيو.

سماجيات ۽ ڊارون جو نظريو انقلابي نظريو آهي. ان سماجي تاريخ جي حقيقتن کي وهم ۽ گمان جي دنيا مان ڪڍي حقيقتن جي دنيا ۾ داخل ڪيو آهي. ڊارون جي زماني تائين انسان جي نسب جي اصليت (Genetics) کي پوريءَ ريت سمجهو نه ويو هو. ان ڪري ان جي دور تائين سماجيات جي علم کي به پختي صورت ملي نه سگهي هئي.

**ٻولي ۽ علم ارتقا:**

سماجي حقيقتن جي بدلجڻ سان گڏ ٻوليءَ جون بنيادي حقيقتون به متاثر ٿين ٿيون.

چوته ٻوليءَ جي وجود جي ذميواري ئي سماج تي آهي. هن حقيقت سان هڪ اهم ڳالهه اها به ٿي سمجهه ۾ اچي ته پراڻي انسان يعني پٿر جي دور واري انسان جي صورت ۽ حالت ترقي يافته هئي، جو اها به ارتقا جي اصولن تي زنده هئي، جدوجهد کان پوءِ زنده هئي. هن جو مطلب هي آهي ته ايترو پراڻو انسان به ترقي يافته هو ۽ اهو ٻين نسلن جي نسبت "بچڻ جي سگهه" وڌيڪ رکندو هو. هن جو مطلب هي به آهي ته انسان ڪيترين حالتن ۾ ختم به ٿي ويو هو، جو اهو بچڻ جي سگهه ۾ پوئتي هو.





شايد اهوئي انسان وبائن ۽ ڪيترين ئي مصيبتن جي مقابلي نه ڪرڻ ڪري ختم ٿي ويو هو.

هن طرح لسانيات جي دائري ۾ رهي اسان چئي سگهون ٿا ته پيدا ٿيڻ يا جمڻ جي سائنس Genetics کي، لسانيات جي مضمون ۾ اڀياس هيٺ رکڻ تمام ضروري آهي. ظاهر آهي ته ٻولي به اهائي قائم رهي سگهي ٿي، جنهن جو ڳالهائيندڙ نسل قائم رهي ٿو. بيشڪ اهڙيءَ طرح انسان جي مذهبي ۽ سماجي زندگيءَ جو هڪ نئون طريقو وجود ۾ ايندو ته ٻولي به ان طريقي پٽاندر پاڻ کي زنده رکڻ جي جدوجهد ڪندي.

ارتقا هاڻي رڳو هڪ خيال جهڙي شيءِ نه آهي. هوويل Howell جي خيال ۾ اها "ايڏي وڏي حقيقت آهي جيڏي وڏي حقيقت هاضمي جي آهي".

**زندگيءَ جو بنيادي تصور:**

انسان جي زندگيءَ جون بنيادي ڳالهيون يعني:

(1) سمجهه

(2) اظهار

(3) پيار

(4) محنت

(5) ۽ تجربو

اهڙيون حقيقتون آهن جو انهن کي ارتقا کان سواءِ سمجهي نه ٿو سگهجي، پر ساڳئي وقت اهي ڳالهيون سماجياتي به آهن. ان ڪري صاف ظاهر آهي ته انهن جو تعلق سماجياتي لسانيات سان به آهي. هي سڀ ڳالهيون به هڪ ارتقائي دنيا جو بنياد بڻائينديون. پر ٻيون ڪي ڳالهيون سڀاويڪ (Innate) به آهن. اهي جبلتي به آهن. مثال طور "ڏپ" ڏپ هڪ طرف انسان جي اوسر ۾ رڪاوٽ وڌي آهي ته ٻئي طرف ان انسان جي ترقيءَ ۾ مدد به ڏني آهي. ڏپ انسان کي سلامت رکيو آهي. ان ڪري اهو به باصلاحيت زندگيءَ جو هڪ جزو آهي.

(1) انسان گهر به ڏپ کان ٺاهيو.

(2) انسان اوزار به ڏپ کان ٺاهيا.

اهڙيءَ طرح بنياي انساني ڳالهين کي ته انسان جي ارتقا کان جدا ڪري ئي نه ٿو سگهجي.

اهڙيءَ طرح ارتقا جي اصولن کي ٽن ودياڻي اصولن کان به چٽي ڌار ڪري نه ٿو سگهجي. هن طرح شعور، لاشعور، جنسياتي چڪ، ڏاهپ ۽ ٺاهڻ جو جذبو، سوچ جو نظام _ اهي ڳالهيون به انسان جي ارتقا سان ڳنڍ هليون آهن. ان ڪري ارتقا کي سمجهڻ جي لاءِ سماجيات ۽ سماجيات کي سمجهائڻ لاءِ سماجياتي لسانيات ضروري ٿيو ٿي پوي.

"وري هڪڙي ٿي سماج ۾ هڪڙيءَ ٻوليءَ جو هجڻ اهو ڏيکاري ٿو ته ان سماج ۾ هڪ طاقتور عنصر روحاني زندگيءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. ان عنصر مان پائيچارو پيدا ٿئي ٿو. اهو پائيچارو ٿي ٻوليءَ جي سماجيات جو بنياد بڻجي ٿو ۽ اهو پائيچارو ٿي ارتقائي تبديلين جو سبب به بڻجي ٿو.

ٻولي انسان کي شخص بڻائڻ جي يا انسان بڻائڻ جي وڏي ۾ وڏي طاقت آهي ۽ ارتقا جو اصول به انسان کي مڪمل شخص بڻائڻ جي طرف روان دوان آهي.

اهڙيءَ ريت انسان جي مدني ۽ سماجي زندگيءَ جو هڪ نئون طريقو وجود ۾ آيو آهي، جنهن مان انسان جي ارتقا جو بنيادي اصول سمجهي ٿو سگهجي. اها به هڪ حقيقت آهي ته انسان جي زندگيءَ جي نظام ۾ انهن شين کي قدر انسان جي بقا ۾ مدد به ڏني آهي، جيڪي شيون علم ارتقا جي متن ۾ شامل نه رهيون آهن. انسان جي زندگيءَ جو نظام سڄو سارو طبعي Physical به نه آهي ۽ سڄو سارو حياتياتي Biological به نه آهي. اهو سماجي_ طبعي سوشيوفزيڪل ۽ سوشو بايولاجيڪل ٿي آهي. هن طرح هي نظام ٻوليءَ جي دائري کان ٻاهر ٿي نه ٿو سگهي.

زندگيءَ جي بنيادي حقيقت ۾ هڪ وڏي حقيقت روح جي حقيقت به آهي. روح کي ڪٿي "سول" Soul ته ڪٿي اسپرٽ Spirit به سڏيو ويو آهي. هن ڳالهه جي بنياد تي قومن، گروهن، سماجن ۽ ٽولن ۾ به روح جو تصور مڃيو ۽ قبول ڪيو ويو آهي. هاڻي ته اها ڳالهه به پڪي آهي ته هر دور جو به هڪ روح ٿئي ٿو. اصل ۾ اهو روح دور جو نه پر دور جي معاشرن جو ٿي ٿئي ٿو. ان ڪري ارتقا جي خيال کان انسان هڪ اهڙي روح جو به اقرار ڪندڙ آهي، جيڪو "ارتقائي، روحاني" آهي. اها ڳالهه به علم ارتقا کي ٻوليءَ سان ملائي ٿي.

آڳاٽو انسان زندگيءَ جي تصور تي رڳو ايترو چئي سگهندو هو ته اها هڪ سگهه آهي ۽ ارتقا ۾ به "سگهه" (Power) هڪ حقيقت آهي.

اهڙيءَ طرح آڳاٽي انسان وٽ وڏيون سگهون اصل ۾ Animistic





Powers هيون، جن کي هو مثالي سگهون سمجهندو هو. بس اها مثالي سگهه ارتقا اختيار ڪري اڄوڪيءَ منزل تائين پهتي آهي.

وري اهي شيون جن انسان جي زندگيءَ کي ممڪن بڻايو آهي، جيئن پاڻي، کاڌو، اجهو، سلامتيءَ جا وسيلا، انصاف، مدنيت، ميل ميلاپ، گروهي ڪارڪردگي گروهي سهڻپ، سي سڀ ارتقا جي لاءِ وڏي اهميت واريون ڳالهيون آهن. توڙي جو اهي طبعي نه آهن، پر ته به اهي حياتياتي آهن ۽ هن طرح علم ارتقا "سماجياتي، حياتيات" کي قبول ڪري ٿو.

ارتقا جي انهيءَ تصور کي ڏٺو وڃي، جيڪو زميني حالتن سان يا زندگيءَ جي خارجي حالتن سان تعلق رکي ٿو ته به حياتياتي ۽ تمدني زندگيءَ ۾ جيڪو ٻوليءَ جو ڪارج ۽ ان جي اهميت آهي، سا ارتقا جي اصول لاءِ هڪ اهم سوال پيدا ڪري ٿي.

**مثال طور:**

هڪ دور جو سماج هڪ وقت اتي ٿي پيدا ٿئي ٿو، جتي زميني حالتون ان لاءِ سازگار آهن. ان ڪري انسان جي مذهبي ۽ سماجي زندگي به اُتي ٿي وجود ۾ آئي، جتي اهڙيون حالتون هيون. هن طرح حالتن (Conditions) جي خيال کان به ٻوليءَ ۾ ارتقا جو تعلق قائم ٿئي ٿو.

آڳاٽن نسلن جو اڀياس ٿو ڪجي ته به معلوم اهو ٿو ٿئي ته انهن ۾ هيٺ ڏيکاريل ايراضين جا ماڻهو آڳاٽا آهن.

(1) جاوا وارا ماڻهو

(2) چين وارا ماڻهو

(3) فانتي چويڊ ماڻهو

(4) نيدر لينڊ وارا ماڻهو

(5) ڪروميگنان ماڻهو

ٽئين قسم جي ماڻهن جي باري ۾ معلوم ٿئي ٿو ته اهي اڄڪلهه جي يورپي نسلن جو ويجهو آهن. هنن ماڻهن جي زمين ڏکڻ اولهه فرانس ۾ چئي وڃي ٿي.

هنن نسلن جي موجوده نمونن ۾ جيڪا سگهه ملي ٿي، ان مان اهو معلوم ڪري ٿو سگهجي ته هي نسل آخر ڪيئن ۽ ڇو زنده رهڻ جي لائق هئا.

اهي ٿي نسل وري وڃي ٽا مصر ۾ لين ۽ مصري نسل سان ملن ٽا، ڏکڻ

اولهہ ايشيا ۾ جيڪا زمين هڪڙو حصو سنڌ کي بہ ڏئي ٿي. هي نسل پنج هزار قبل از مسيح جا آهن. مصر ۽ سنڌ جون طبعي ۽ ميداني حالتون هڪ جهڙيون هيون. آب و هوا بہ گهڻو ڪري هڪ جهڙي هئي. زمين جو ڪردار بہ ٻنهين حالتن ۾ هڪجهڙو هو.

پر اها هڪ غلط فهمي آهي تہ سنڌ ۽ مصر ۾ آباديءَ ۽ سماج جي ابتدا پنج هزار سال اڳ ٿي هئي. اصل ۾ اهو دور عروج جو دور هو ۽ نہ ابتدا جو. ان کي ابتدا چوڻ ارتقا جي اصولن جي خلاف آهي. هن طرح اها ڳالهہ سواءِ ڪنهن شڪ جي چئي سگهجي ٿي تہ سنڌ توڙي مصر ۾ انهن جي عروج جي دور کان گهڻو اڳ سڌريل ماڻهو موجود هئا. اسان وٽ سچو مطالعو ان تهذيب جي زوال جي دور ۽ سببن تي ٿيو آهي. انهيءَ سوال تي ڪوبہ مطالعو نہ ٿيو آهي تہ هن زوال پذير تهذيب جي ابتدا ڪڏهن ٿي هئي.

”موهن جو دڙو ۽ هڙاپا جو دڙو، جن شهرن جي تباهيءَ جا نشان آهن، اهي هاڻي وري ٻيهر ناهي نہ سگهبا، ڇوتہ اهو غير مادي ڪلچر جيڪو انهن جي غير مادي ڪلچر پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيو هو. هاڻي ملي نہ سگهندو. نہ تہ اهي تعميري طريقا رهيا آهن ۽ نہ اهي تعميري تصور ۽ وٽون Values هاڻي موجود آهن. جن انهن شهرن کي ناهيو هو. اڄڪلهہ سماجي وٽن جي انهيءَ صورت جي ارتقائي صورت ئي موجود آهي، جنهن کي پوئتي موٽائي نہ ٿو سگهجي.“

**ارتقا جو نظريو:**(The theory of evolution)

ڊارون جو مفروضو جيئن اهو Origin of Species ۾ آيو آهي. ’قطري چونڊ‘ وارو مفروضو چيو ٿو وڃي. (نيچر جي چونڊ) Natural Selection اهو نظريو ٿي ڏئي تہ:

(1) هر نسل جا ماءُ پيءُ ايترن ’ٻارن‘ کي جنم ڏين ٿا، جو اهي سپ زنده رهي نہ ٿا سگهن.

(2) اهڙيءَ ريت هڪ ڇڪتاڻ، ڪشمڪش يا جدوجهد وجود ۾ اچي ٿي. اُن جدوجهد جا سبب آهن. ڪاڌي، اجهي ۽ گرميءَ وارين (سماجي) ضرورتون.

(3) هن جدوجهد ۾ سپ فرد هڪ جهڙو ڪردار ادا ڪري نٿا سگهن. ڇو تہ جمندي ئي اهي هڪ جهڙا طاقتور نہ هئا. يعني ڪي بہ ٻہ ٻار هڪجهڙا نہ هئا. هن غير برابريءَ کي ڊارون غير برابري (Variation)





تو سڏي. ڪي ٻار مضبوط ٿا جمن ۽ ڪي هيٺا. ’مضبوطيءَ‘ جي باري ۾ ڊارون جو خيال آهي تہ ”ڪي جانور اهڙا عضوا وٺي ٿا جمن جو اهي پنهنجيءَ ٻاهرينءَ دنيا ۾ جمي ٿا وڃن يا ان جي تقاضائن کي پورو ٿا ڪن. اهي جانور پنهنجن دشمنن تي فتح حاصل ٿا ڪن. (هنن عضون مان ڊارون سڱن ۽ چنبن (Claws) جو مثال ڏنو آهي.“

هن جدوجهد ۾ ڪمزور يا هيٺا يا هارائڻ وارا فرد يا نسل جلد ئي مري ٿا وڃن يا ختم ٿي ٿا وڃن.

(4) انهيءَ بڻياد تي ڊارون جو خيال آهي تہ ”اها فطرت ئي آهي، جيڪا غير برابريءَ (Variation) جي بڻياد تي مضبوط نسل چونڊي ٿي ۽ انهن کي اهو موقعو ڏئي ٿي تہ اهي جتاءَ حاصل ڪن ۽ وڌيڪ نسل پيدا ڪن. هن کي ڊارون Reproduction ٿو سڏي.

هن طرح ڊارون نون نسلن جي لاءِ تفاوت يا غيربرابري ۽ فطرت جي انتخاب (چونڊ) کي بڻيادي ڳالهيون ٿو سمجهي.“

(5) ڊارون جي نظريي ۾ هڪ وڏي ڳالهہ اها آهي تہ هن جو خيال آهي تہ طاقتور نسل پنهنجون طاقتون پنهنجن پوين نسلن جي جمڻ لاءِ ۽ وڌڻ لاءِ منتقل ٿا ڪن. اهي طاقتون پوءِ بي شمار نسلن تائين ڪم ڪنديون ٿيون هلن، پر جڏهن انهن مان ڪي ڪمزور ٿي ٿيون وڃن تہ ٻيون نيون طاقتون انهن جي جاءِ وٺن ٿيون. اهڙيءَ ريت اها ’ڪمزوري‘ وري نين طاقتن جي اپرڻ ۽ وجود ۾ اچڻ جو سبب بڻجي ٿي.

(6) ڊارون پنهنجو مفروضو رڳو جانورن ۽ ٻوٽن جي باري ۾ نہ آزمايو هو، پر هن ان نظريي کي انسان ذات لاءِ بہ موزون سمجهو هو.

(7) انسان ذات تي هن نظريي جو اطلاق هن هڪ ٻئي ڪتاب ۾ ڪيو هو، جنهن جو نالو هو ’نسل انساني‘ (The Decent of Man).

هن ڪتاب ۾ ڊارون لکيو آهي تہ انسانذات جو پهريون نمونو باندر جهڙو هو. اهو جانور (Ape) هاڻي موجود نہ آهي، پر اهو هاڻوڪن باندرن ۽ ماڻهن جو مشترڪ ’بزرگ‘ هو.

(8) ڊارون جي نظريي تي بعد ۾ وڌيڪ تحقيق ٿيندي رهي، پر ان جي انهيءَ

مفروضي کي ڪوبہ ٽوڙي نہ سگھيو تہ انسان بہ ٻين نسلن Species جيان ارتقا جي اصولن جو پابند آهي.

**ڊارون جي نظريي جا سماجي پهلو:**

(1) هي نظريو انسان جي زندگيءَ کي بنيادي طور تي هڪ حياتياتي عمل ٿو سمجهي.

(2) هن نظريي پٽاندر انسان هميشہ ترقي ڪندڙ جانور آهي.

(3) هي نظريو نسلن جي چٽاپيٽيءَ جو تقرر ڪري ٿو، جنهن مان انسان جي تاريخ جو هڪ نئون نظريو بعد ۾ وجود ۾ آيو هو.

(4) هي نظريو انسان جي بقاءَ ۽ جتاءَ ۾ يا ان جي ارتقا جو بنياد ڪشمڪش يا چٽاپيٽيءَ جي اصولن کي ٿو سمجهي.

(5) هن نظريي پٽاندر ارتقا 'ڏهڻ' ۽ نهڻ جي عملن جو هڪ سلسلو آهي، جيڪو هميشہ 'نهڻ' جي مقصد جي لاءِ ڪم ڪري ٿو.

(6) هي نظريو ٻڌائي ٿو تہ فطرت سان هم آهنگ ۽ ناهہ ۾ رهڻ جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ نسل پنهنجي ذاتي صلاحيت کي ڪم آڻي ۽ ان کي وڌائيندو هلي. ٻيءَ حالت ۾ ڪيترين ئي انساني طاقتون ختم ٿي سگهن ٿيون، پر انسان ختم ڪونہ ٿو ٿئي، رڳو ان جي سماجي صورت بدلجي ٿي.

**ٻولي ۽ علم رياضي:**

ڪارل مارڪس جو قول آهي تہ: "ان وقت تائين ڪوبہ علم مڪمل طور تي سائنس ڪونہ ٿو بڻجي، جنهن وقت تائين اهو رياضيءَ کان ڪم نہ ٿو وٺي." انگ وَٺَ ماپا يا ماڻ Mcasues تہ اڄ حياتيات، آرڪيولاجي، معاشيات ۽ نفسيات ۾ بہ ڪم اچن ٿا. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي سائنس Linguistics بہ رياضيءَ جي مدد سان هڪ مڪمل سائنس بڻجي رهي آهي. مثال ڏبا تہ چئبو تہ لفظن جو تعداد، اکرن ۽ آوازن جا تعداد. انگ اکر پاڻ لفظن جو تعداد يا شمارياتي استعمال Frequency of words بنيادي لفظن جو ذخيرو Basic Language ۽ گهٽين ٻولين ۾ هڪ جهڙا لفظ Comparative Linguistics سڀ بحث هيٺ اچي سگهندا.

اهڃاڻ، جيئن اڄ تائين غلط فهميءَ کان سمجهيو ويو آهي، رڳو ٻوليءَ ۾ نہ آهي. اهڃاڻ تہ اصل ۾ پيدا ئي ٿيا آهن رياضيءَ لاءِ. رياضيءَ جو هرهڪ انگ ۽





ڪم ايندڙ نشان مثال طور: +، _، x، ÷، = ۽ ٻيا ڪيترائي نشان اهڃاڻوي زبان جا نمونا آهن. انگ ڪهڙو بہ هجي، پر پنهنجي ليکي رڳو علامت آهي، جيڪا هڪ تعدادي تصور ڏئي ٿي، جنهن مان شين جي تعداد جي معلومات ملي ٿي. مثال طور: انگ 5 هڪ مادي حقيقت نہ پر ڪن پنجن شين جي علامت آهي. هيءَ علامت تعدادي Quantitative آهي. جنهن ۾ ڪي شيون پنج دفعا ملايون ويون آهن. هن حالت ۾ هرهڪ شيءِ هڪ (1) جي علامت آهي.

اهڙيءَ ريت نئين رياضي تصورن Concepts تي زور ڏئي رهي آهي. مثال طور: جاميٽريءَ ۾ "." نقطو ڪو نشان نہ پر ڪنهن مقام جي علامت آهي. هن جاءِ تي نقطو رڳو ڪنهن مقام جو وجود ظاهر ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح انگريزي اکر ايڪس (x) ۽ واءِ (Y) بہ اهڃاڻ آهن. هن طرح اهو يقين آهي تہ سڄو علم رياضي اهڃاڻو علم آهي، ان ڪري اهو پنهنجي ليکي هڪ علامتي زبان جي حيثيت رکي ٿو.

هن راءِ کي آئن اسٽائن جهڙي عظيم فلسفي رياضيدان ۽ سائنسدان جي تائيد بہ حاصل آهي. جنهن ۾ هن چيو آهي تہ اسان فارمولن ۾ نہ، پر ٻوليءَ ۾ سوچيندا آهيون. هن راءِ مطابق علم رياضيءَ جو هر اهڃاڻ هڪ زبان جو اهڃاڻ آهي ۽ هن طرح رياضي پاڻ هڪ علامتي ٻولي آهي.

**حقيقتون ۽ انهن جا تصور:**

وڌيڪ اڀياس مان معلوم ڪري ٿو سگهجي تہ: "رياضي انهن حقيقتن Concretes جي ٻولي آهي، جن کي تصورن Concepts ۾ بيان ڪيو ويو آهي." هن ڳالھ جي تائيد ۾ اسان هيٺ مثال ڏئي رهيا آهيون، جن مان معلوم ٿيندو تہ ٻولي جي شڪل ۾ رياضي ڪيئن شامل آهي.

مشهور رياضيدان الفريڊ وائٽ هيڊ White Head سان اها ڳالھ منسوب آهي تہ هن چيو آهي تہ "علم رياضي انگ Number تعداد Quantity ۽ مڪان Space جي پاڻ ۾ لاڳاپي جو نالو آهي." ان ڪري چيو ويو تہ "علم رياضي هڪ اهڃاڻوي منطق آهي."

هن بحث جو هڪ اهم نتيجو اهو ئي نڪري ٿو تہ جيڪڏهن علم رياضي اهڃاڻن جي منطق جو نالو آهي تہ پوءِ اهو بہ هڪ ٻوليءَ جهڙو آهي، جوتہ پوءِ اهو ٻوليءَ جون سڀ ضرورتون پوريون ڪري ٿو سگهي. مثال:

C=5 (F_32)9

هي هڪ رياضياتي فارمولو آهي، جنهن جي مدد سان سينٽيگريڊن کي فارن هائيٽس ۾، فارن هائيٽس کي سينٽيگريڊن ۾ بدلائي ٿو سگهجي. هي فارمولو هن طرح حرف C ۽ حرف F جو هڪ اهڃاڻوي قاعدو آهي، جنهن ۾ هڪ منطق موجود آهي. ساڳيءَ ريت هن فارمولي ۾ حرف F ۽ F کاٽو 32 به هڪ ضابطو آهن. جن سان انگ 5 جو لاڳاپو اصولي ۽ رياضياتي ضابطو آهي، جنهن جو مطلب هڪ منطق جي مدد سان مقرر ڪيو ويو آهي. هن طرح حرف ڪوڊ يا نشان جيئن ”_“ ڪاٽو ۽ ”=“ برابر آهي/ ڏنا ويا آهن. سي به اهڃاڻ آهن. جن جو به ڪو رياضياتي مفهوم آهي.

هاڻي اچون ٿا ٻيءَ صورتحال تي. اها هيءَ آهي ته هڪ طرف حرف C ۽ حرف F لسانياتي حرف آهن ته ٻئي طرف اهي هن فارمولي ۾ رياضياتي ڪوڊ يا نشان به آهن. حرف پنهنجن سڄن لفظن يعني F جي حالت ۾ فارن هائيٽ ۽ C جي حالت ۾ سينٽي گريڊ جي نمائيندگي ڪن ٿا، جو اهي سڄن لفظن جا مخفف يا پاڻ ۾ اکر يا حرف آهن.

منطق جيڪڏهن فارمولي ۾ ڪم اچي ٿو ته اهو بدل سدل يا Conversion جو منطق آهي، جنهن کي لسانياتي جملن جي بجاءِ انگن ۽ حرفن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هي طريقو گرامر ۾ اڳي ئي ٻوليءَ جي مدد ڪري ٿو. مثال طور هاڪاري جملي مان ناڪاري جملو ۽ سادي جملي مان سوالي جملو ٺاهڻ به 'بدل سدل' جو نمونو آهي. اهڙيءَ طرح رياضيءَ جي حالت ۾ به هي فارمولو هڪ وياڪرڻي طريقي جهڙو آهي، جيڪو لسانيات جي ڪم اچي ٿو.

هن طرح رياضيءَ جي هن مثال ۾ اسان کي ٽي شيون ملن ٿيون:

(1) لفظ

(2) اظهار

(3) اظهار جو اهڃاڻوي طريقو.

هاڻي جيڪڏهن رياضيءَ جو هي طريقو لسانياتي آهي ته پوءِ اسان لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته اسان لسانياتي قانون کي به هن رياضيءَ جي فارمولي تي لاڳو ڪريون ۽ ائين لسانيات جو ڪو به اسڪالر ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن لسانيات جو قانون جنهن کي وياڪرڻ يا گرامر ٿو چئجي، هن اصول يا فارمولي تي به لاڳو ٿيو ته اهو لسانيات جي چوٿين ضرورت پوري ڪندو ۽ هن طرح رياضيءَ لاءِ وثوق سان چئي سگهبو ته اها به هڪ زبان آهي.





هي وياڪارڻي طريقو اسان کي انهيءَ ٽيڪنڪ ۾ ملي ٿو. جنهن سان اسان حرف C کي حرف F ۾ ورري حرف F کي حرف C ۾ بدلائي ٿا سگهون. هن طرح آسانيءَ سان رياضيءَ جي هڪ فارمولي ۾ اسان ٻوليءَ جون چار ضروري ڳالهيون ڏسي ۽ بيان ڪري ٿا سگهون. هن طرح رياضيءَ ۾ به اسان کي:

(1) لفظ

(2) اظهار

(3) اهڃاڻ ۽

(4) گرامر ملي ٿا وڃن.

هن طرح اهو ثابت ٿئي ٿو ته رياضي به لسانيات ۾ هڪ ٻوليءَ جو نمونو آهي.

اسان هي نمونو عام رواجي زبان ۾ به بيان ڪيو آهي. اسان پنهنجي ڊاڪٽوريل مقالي ۾ لکيو آهي ته انگن کي اسان ڪن مخصوص لسانياتي اهڃاڻن جي مدد سان بيان ڪندا آهيون. هن طريقي کي بڙ (بيع) ڪرڻ ۾ ڏسي ٿو سگهجي، جنهن ۾ ڪنهن جانور جي ملهه ڪٿڻ لاءِ پلاند جي هيٺان آڱرين تي ويهن، ايڪن ۽ ڏهاڪن ۾ ڪنهن جانور جو ملهه مقرر ڪيو ويندو آهي.

هن طرح جدا جدا عملن ۾ جدا جدا فارمولا ٻوليءَ جا جدا جدا علامتي نظام ٿين ٿا. هن باري ۾ وڌيڪ ڏسجي، ليکڪ جو مضمون ”نشان، علامت ۽ اهڃاڻ“.

**ٻوليءَ جو گهڙيال:**

اسان ڪٿي ڪنهن مضمون ۾ بيان ڪيو آهي ته رياضيءَ جي قاعدن ۽ فارمولن ۾ اهوئي منطق موجود آهي، جيڪو ٻوليءَ جي جملن ۾ موجود هجي ٿو. هن خيال جي تائيد ۾ هاڻي اسان هڪ ٻيو دليل ڏئي رهيا آهيون، جنهن کي اسان ”ٻوليءَ جو گهڙيال“ ٿا سڏيون. اسان جو مطلب هت اهو آهي ته ٻولي هڪ ٽائم ڪلاڪ جو ڪم به ڪري ٿي. هن ٽائم ڪلاڪ مان اهو به ثابت ڪري ٿو سگهجي ته ٻوليءَ جي لفظن ۾ تبديل جي رفتار ڪهڙي آهي.

وقت جو مسئلو هر طرح زندگيءَ جو هڪ اهم مسئلو آهي. ڪو واقعو ڪهڙي وقت ٿيو، چو ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو. اهڙا سوال هاڻي وڏي اهميت حاصل ڪري ويا آهن. چوته انهن جي جواب کان سواءِ انسان جو اظهار ۽ مفهوم مڪمل نٿو ٿئي.

اسان ڪيئن ٿا چئون ته فلاڻو واقعو 1881 B.C ۾ ٿيو هو. ان لاءِ اسان وٽ

ڪابہ غيرگواهي تہ موجود آهي ڪانہ. اصل ڳالھ هاڻي اها آهي تہ اسان غير مشاهدين جي بجاءِ اهڃاڻ تلاش ڪريون. هي اهڃاڻ ماضيءَ جي ڳالھ، ڪوٺائيءَ جي شين جي مدد سان ظاهر ڪن ٿا. هن ڳالھ جي لاءِ تحريرون بہ ڪم اچن ٿيون، يعني هڪ ئي دور جي تحريرن کي ان کان اڳ ۾ واري دور جي تحرير سان يا ان کان پوءِ واري دور جي تحرير سان ڀيٽي اسان چئي سگھون ٿا تہ ڪو واقعو اصل ۾ ڪهڙي سن يا سال ۾ ٿيو هو.

پر ڪيترائي واقعا دنيا جي انهيءَ دور جا آهن، جڏهن لکڻ جو هنر اڃا انسان کي هٿ نہ آيو هو. اهڙن واقعن جي تاريخ يا دور معلوم ڪرڻ لاءِ وري ريڊيو ڪاربن تاريخي اصول Radio Carbon Dating ڪم اچي رهيو آهي. يعني اصول هن طرح آهي تہ هر شيءِ ۾ ڪاربن ٿئي ٿي، جيڪا ريڊيو ايڪٽو آهي. ڪنهن جي مري وڃڻ سان يا ڊهجي وڃڻ سان ان وجود وارو بي بقا ائسوٽوپ Un stable Isotope ڪٽڻ شروع ٿو ڪري. ان ڪٽڻ يا ڪپي وڃڻ يا مري وڃڻ جي بہ هڪ رفتار مقرر آهي، جيڪا هميشہ ساڳي رهي ٿي. هن طرح ڪاربن جو بہ هڪ فارمولو ٺهجي پيو آهي. هن طرح هر شيءِ جيڪا پاڻ ۾ ڪاربن رکي ٿي سا ڄڻ تہ هڪ گھڙيال آهي. ان گھڙيال جي وسيلي وقت ۽ رفتار جي اهڃاڻ جي مدد سان اهو معلوم ڪري ٿو سگھجي تہ ڪا شيءِ ڪيڏي پراڻي آهي.

هن ئي اصول تي هڪ فارمولا ٺهيو آهي، جنهن کي C14 "سي چوڏهن اصول" ٿو چئجي. هن قانون جي هڪ عالم ۽ محقق حساب ڪتاب سان بائيبل مقدس ۾ بيان ڪيل ڪن ڳالهين کي غلط ثابت ڪيو آهي. ان عالم جو نالو آهي. S.B Leakey ايس_ بي ليڪي. بائيبل مقدس ۾ انسان جي وجود جي ابتدا جي باري ۾ چيو ويو هو تہ انسان جي عمر هڪ هنڌ جي تحرير مطابق 700000 ست لک سال ۽ ٻئي هنڌ 70000 ستر هزار سال تہ ڪٿي وري 109000 هڪ لک نو هزار سال ٻڌائي وئي هئي.

جناب ليڪيءَ ثابت ڪيو تہ انسان جي عمر 1500000 پندرهن لک سال آهي. هن طرح تحقيقي نمونن آسماني ڪتابن تي بہ شڪ نہ پر يقين ڏيکاري حملو ڪيو آهي. عالم هن طريقي کي بہ ٻوليءَ جي گھڙيال جو هڪ نمونو سڏين ٿا.

**ٻوليءَ جي گھڙيال جو ٻيو نمونو:**

پر جيڪڏهن معلوم ئي اها ڳالھ ڪرڻي هجي تہ ڪا ٻولي ڪيڏي پراڻي





آهي تہ پوءِ ڇا ڪجي. ٻوليءَ جو تہ نہ وجود مستقل آهي نہ ان ۾ ڪاربان آهي ۽ نہ ئي وري اها ڦيرگھير واري يا آئسوٽوپڪ Isotopic هوندي آهي، يعني ان ۾ ائسوٽوپڪ خصوصيتون بہ ڪونہ هونديون آهن.

هاڻي اهڙيءَ حالت ۾ ٻوليءَ جي قدامت لاءِ گھڙيال جو طريقو ڪيئن ڪم آڻبو؟

رستو اهو آهي تہ جڏهن اسان کي اهو معلوم آهي تہ ٻوليون تبديل جي عمل کان ٻاهر نہ آهن ۽ اهي بہ تبديل ٿينديون ٿيون رهن، تڏهن اسان اها تبديل ڏسي ڪونہ ٿا سگھون. البت اها تبديل اسان پاڻ ٻوليءَ جي وياڪرڻي ۽ پنج گھڙ جي طريقن سان محسوس ڪري ٿا سگھون. مثال طور ڪنهن دور ۾ لفظ ڪم آيو "وڃيجاهُ" يا "مارُئين" يا "ڪجِ" تہ هاڻي اسان وٽ انهن جي شڪل درجي وار آهي. "وڃجانءِ" يا "مارن وٽ" ۽ "ڪرِ". هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ هيءَ تبديلي ڪيئن عمل ۾ آئي. هن طرح اسان کي هڪ وَسيلي ۽ طريقي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ هن ڪم لاءِ اسان سنڌي زبان جو ڪوبہ هڪ دور مقرر ڪري پوءِ اهو نوٽ ڪريون تہ ان مخصوص دور ۾ حرفي ۽ صوتياتي جوڙجڪ ۽ فائلي ۽ مفعولي حالتون ڪهڙيون هيون. هن طرح جي ٻولي اسان وٽ هڪ ڏر يا هڪ نمونو Sample بڻجي پوندي. ان کي مقرر ڪرڻ کان پوءِ اسان ساڳئي ئي اصول مطابق ٻوليءَ جو ڪو ٻيو دور وٺي ان دور جي زبان جو اڀياس بہ ساڳيءَ طرح ڪنداسون تہ ان طرح اسان کي ٻوليءَ جو هڪ ٻيو نمونو Sample ملي ويندو.

پوءِ انهن ٻن نمونن کي لسانياتي گھرجن ۽ فائدن پٽاندر پيش ڪنداسون ۽ اسان اهو ڏسي سگھنداسون تہ هڪ ئي زبان ۾ هڪ ئي دور گذرڻ کان پوءِ ڪهڙيون تبديليون نمايان طور تي نظر اچن ٿيون ۽ ٻيو تہ اهي تبديليون ٻوليءَ جي ڪهڙي شعبي ۾ اچن ٿيون، يعني اهي صوتياتي آهن، جوڙجڪي آهن، ڇيد واريون آهن يا صرف لهجي واريون آهن. جيڪڏهن اهي سڀ نمونا ملن تہ پوءِ نتيجو نرالو نڪرندو ۽ جي انهن مان ڪوبہ نہ ملي تہ بہ نتيجو نرالو نڪرندو ۽ جيڪڏهن ڪي لين ۽ ڪي نہ لين تہ بہ نتيجا نرالا نڪرندا، پر هن طرح لسانياتي تبديلي معلوم ضرور ٿيندي. هن طرح جڏهن ٻوليءَ جي باري ۾ وقت ۽ حالتن جو تعلق قائم ٿيندو، تڏهن هرهڪ حالت لاءِ وقت جو تعين ڪري سگھبو. هن طرح هن طريقي کي ٻوليءَ جي گھڙيال وارو طريقو چئبو.

هن طريقي جي وسيلي اهو به معلوم ڪري ٿو سگهجي ته مثال طور حضرت لطيف جي حيات مبارڪ جي فلاڻي سال ۾ سندس شاعريءَ ۾ ڪل هيترا لفظ ڪم آيا، اُنهن مان هرهڪ هيترا ڪي هيترا دفعا ڪم آيو. پوءِ سال 1988ع ۾ انهن مان هيترا لفظ ڪٽا، وڌيا، مري ويا يا لڪي ويا يا مفلوج ٿي ويا. هنن حالتن مان هرهڪ جي لاءِ دليل قائم ڪبو ته ٻوليءَ جي حياتيات ڪان ڪم وٺبو يا ٻوليءَ جي ارتقا جي اصولن ڪان ڪم وٺبو، جن جي باري ۾ اسان اڳ ۾ لکي آيا آهيون.

هن طرح لفظن جي تبديل، استقلال، ۽ موت جي باري ۾ نظريا ۽ قاعده قائم ڪري سگهبا. هن طرح نئينءَ تحقيق جو بنياد وجهي سگهجي ٿو. هن ليکڪ سال 1971ع ڌاري پنهنجي هڪ مضمون ”ٻولي ۽ آواز“ ۾ حال ڪان ماضيءَ ڏانهن وڃڻ ۽ ماضيءَ ڪان حال ڏانهن اچڻ جي ٻن تحقيقي نمونن جو ذڪر ڪيو هو، پر هن باري ۾ پوءِ ڪا چرپر ڪانه ٿي.

اسان جنهن طريقي جو بيان هت ڪيو آهي، ان کي گلوٽو ڪرونولاجي Glotto Chronology چيو ٿو وڃي. هي اصطلاح يوناني ٻوليءَ مان نڪتو آهي. يونانيءَ ۾ Glotta معنيٰ ”زبان“ ۽ Chronos معنيٰ ”وقت“ سڄي لفظ جي معنيٰ ٿي ”وقت جي زبان جو طريقو“. جنهن کي اسان ٻوليءَ جو گهڙيال سڏيو آهي.

ٻوليءَ جي سون خصوصيتن ۽ ان جي موت ۽ زندگيءَ جي قانونن ۽ طريقن تي اسان پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ بحث ڪري آيا آهيون. هن باري ۾ اسان ڇهن ڳالهين تي بحث ڪيو آهي. اهي يادگيريءَ لاءِ هيٺ ڏيون ٿا:

(1) مهارت
(2) عموميت
(3) تباهي Deterioration
(4) وڌاءُ Elevation
(5) تشبيح ۽ استعارو Analogy and Metapher
(6) عام آزادي Folk Etymology

(ماهوار ”ساڃاهه“ حيدرآباد، سيپٽمبر 1993ع)





# سنڌي ٻولي جو سماجي ڪردار

اها ڳالهه سچي آهي ته ”ٻوليءَ جو خالق سماج آهي“، پر هن ترجيتريءَ ڳالهه ۾ ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۽ اوسر جا تمام گهڻا ڳُر سمايل آهن. جيستائين انهن سڀني کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويندي، تيستائين ٻوليءَ جي سماجي ڪردار کي سمجهي نه سگهبو.

چين جي عظيم ديوار جو خالق چيني سماج آهي ۽ مصر جي عظيم اهرامن جو خالق مصري عوام يا سماج؛ پر ٻوليءَ جي حيثيت نه چين جي ديوار جهڙي آهي ۽ نه مصري اهرامن جهڙي. چين جي ديوار چيني ماڻهن ڪلهن تي پٿر ڍوئي ٺاهي هئي ۽ مصري اهرامن کي فرعونن، ماڻهن کي بيگر وهائي ڪڙو ڪيو هو. ان ڪري ’ديوار‘ اڄ چيني ماڻهن جي هڪ دؤر جي عظمت جو يادگار آهي ۽ ’اهرام‘ مصري ماڻهن جي پورهين ۽ ڏاڪڙن جا يادگار آهن، جيڪي انهن ماڻهن جي هڪ دؤر يا زماني سان تعلق رکن ٿا.

پر اهي چيني گيت، جيڪي چيني سماج جي انهيءَ عزم جو اظهار ڪن ٿا، جنهن جي ڪري هيءَ ديوار ٺهي سگهي، خود چين جي هن ديوار ڪان وڌي حيثيت جا مالڪ آهن، ڇو ته چيني گيت سماج جي گڏيل ذهن، مجموعي همت ۽ ارادي جي هڪ اهڙي صورت آهي، جيڪا پنهنجي علمي پهلوءَ جي خيال ڪان چين جي هن ديوار جهڙيون ڪيئي ديوارون جوڙائي سگهي ٿي، ڇو ته هنن گيتن ۾ چيني عوام ۽ چيني سماج جي من ۽ ذهن جي اها ڪارڪردگي ڪم ڪري رهي آهي، جيڪا سدا سرگرم ۽ سدا جوان آهي. هن مان ظاهر آهي ته ٻولي پنهنجي سماج جي سڀني ماڻهن (Social groups) جي من (Mind) ۽ ذهن (Thinking) جي اها تحريڪ آهي،جيڪا پاڻ سدا جوان ۽ سدا سرگرم رهي ٿي ۽ پنهنجي سماج جي ذهني تحريڪ کي قائم رکي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو چين جي ديوار ڪان چين جي ٻولي گهڻو برتر آهي. ان ڪري، ٻولي ۽ سماج جو تعلق اهڙو نه آهي، جهڙو چين جي ديوار ۽ سماج جو. ان ڪري سورهن آنا سچي فقط اها ڳالهه آهي ته ٻولي سماج جي سچي ۽ امر قوت

آهي، جا سماج جي زندگيءَ جي ضمانت طور ڪم ڪري رهي آهي ۽ ان جو واسطو سماج جي سڄي زندگيءَ سان آهي ۽ نه هڪ دؤر جي زندگيءَ سان.

ٻوليءَ جي علم (Linguistics) جي ڄاڻن، ٻوليءَ جي متعلق جيڪي حقيقتون رڪارڊ تي آنديون آهن، تن مان هڪ هيءَ به آهي ته ٻولي پنهنجي سماج جي گڏيل سوچ (Collective thinking) جي لفظي صورت آهي. هيءَ ڳالهه به سمجهڻ جهڙي آهي. سماج جي علم (Sociology) مطابق سماج پنهنجو پاڻ به هڪ منفرد (Concept) آهي، جنهن جي اُپارڻ ۽ پيدا ڪرڻ ۾ جدا جدا قوتن ڪم ڪيو آهي، جن مان ڪي آهن: ٻولي، نسل، عقيدو، طبعي حالتون ۽ معاشي ضرورتون. اهي سيئي ڳالهيون هڪ سماج ۾ ترڪيبي جزن (Elements) وانگر قائم آهن. انهيءَ خيال کان ٻولي پاڻ به سماج تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي. ٻوليون اهڙو ڪردار به ادا ڪنديون رهيون آهن. ٻوليءَ جو هي ڪردار ڏاڍو اهم آهي. هن خيال پٽاندڙ ٻولي ڪنهن سماج جي سڄي ساري ’تاريخ‘، ’داستان‘ (Legend) يا ’مها ڪهاڻي‘ آهي، جيڪا صدين، دؤرن ۽ زمانن کان بي نياز، پنهنجي سماج جي اتم صلاحيت (Genius) جي اصولن تي ڪم ڪري رهي آهي. ان ڪري هر ڪو نسل يا دؤر پنهنجي اندروني ڪارڪردگيءَ لاءِ ٻوليءَ جي قوت مان قوت حاصل ڪندو آهي. ٻوليءَ جي هن ڪردار جي خيال کان، يوناني ۽ چيني ٻولين جا مثال وڏيڪ اثرائتا آهن. يوناني سماج يوناني ٻوليءَ کان ٻاهر سمجهي نٿو سگهي ۽ اهڙيءَ ريت چيني سماج جو روح به چيني زبان آهي. ٻولي، اهڙيءَ طرح پنهنجي سماج جي علامت آهي.

سماج ڪي ٻوليءَ سان سڃاتو ويندو آهي ۽ ٻوليءَ ڪي سماج سان. ٻولي سماج جو اهڃاڻ (Symbol) آهي ۽ سماج ٻوليءَ جو. ٻوليءَ جو تصور (Concept) به سماج جي تصور وانگر منفرد ۽ واحد آهي. يونانيت جو تصور فقط يوناني سماج ۾ ئي قائم رهي ٿو سگهي ۽ يهوديت جو تصور فقط يهودي سماج ۾. اهڙيءَ ريت، يوناني زبان جو تصور به فقط يوناني سماج ۾ قائم هي ٿو سگهي. سنڌي ٻوليءَ جو تصور به فقط سنڌي سماج جي تصور سان گڏ رهي ٿو سگهي. سنڌي ٻولي پنهنجو سماجي ڪردار رڳو سنڌي سماج ۾ ادا ڪري ٿي سگهي، جنهن ۾ هن سماج جي هزارن سالن جي هڪ ’مها ڪهاڻي‘ پوشيده آهي. ٻوليءَ جي هن جادوگريءَ جو ڪمال لفظ ”ڪرمچن“ ۽ لفظ ”هومَرڪ“ ۾ ڏسي ٿو سگهجي. يوناني قوميت، وقار، غيرت، سنجيدگي، برداشت ۽ يوناني سماج جون ٻيون انيڪ خصوصيتون فقط هڪ لفظ





هومرڪ (Homeric) يا هيلينسٽڪ (Hellenistic) سان بيان ڪري ٿيون سگهجن، چو ته اهم لفظ يوناني من ۽ ذهن جي ’مها ڪهاڻيءَ‘ جا عنوان آهن.

انگريز پنهنجي سماجي ڪردار ڪي لفظ ’ڪرسچن‘ سان ادا ڪندا آهن. اهي پنهنجي مثالي ماڻهن (Heroes) کي ’ڪرسچن‘ سڏيندا آهن. ڪنهن جي لاءِ چوڻو هوندن ته هي بهادر آهي ته چوندا ته ’هي ڪرسچن آهي‘. اهڙيءَ ريت، پنهنجين قومي خصوصيتن جو اظهار ۽ بيان هڪ لفظ ’ڪرسچن‘ سان ڪندا آهن. انگريزن جو سڌريل ۽ مهذب ماڻهو (Gentleman) به ڪرسچن آهي. اهڙيءَ ريت، سنڌي ماڻهو به پنهنجين سماجي خصوصيتن ۽ قومي امتياز جو اظهار ’سنڌي ماڻهو‘ جي لفظن سان ڪندو آهي. روايتي نماڻائيءَ جو بيان ڪرڻو هوندس ته چوندو، ”جنهن جي واٽ نه وڄجي، ان جو پنڌ چو پڇجي. اسين سنڌي ماڻهو، پنهنجيءَ ۾ پورا.“ ڪنهن تي ڪاوڙبو چوندو، ”اسين سنڌي ماڻهو، ڪنهن جي گـَرز ڪا نه ڪڍبي، خوشامد اسان جي ڪتي جو وڙ به ناهي، خوش رهي پنهنجي گهر، گهر مري ته پنهنجا پٽنس.“ اهڙيءَ ريت، پنهنجين سماجي خصوصيتن سان ”سنڌي ماڻهو“ جو لفظ شامل ڪندو ويندو. ”سنڌي ماڻهو“ سنڌي سماج جي عظيم ناٽڪ ۾ ”هيرو“ جهڙو ڪم ڪري رهيو آهي. هر قوم جي هڪ اندرين آڪاڻي ٿيندي آهي ۽ هر سماج جو هڪ ڳجهو ڳر، جنهن کي نمائنده لفظن سان ادا ڪري سگهبو آهي. (هن ڳالهه تي وري موٽي ايندس). ان ڪري ٻولي پنهنجي سماج جي گڏيل سوچ جي رڳو صورت نه آهي، پر هڪ متحرڪ قوت به آهي، جا پنهنجي مخصوص سماجي تصورن مطابق سرگرم رهندي آهي.

ٽين ڳالهه جا ٻوليءَ جي معاملي ۾ چئي وئي آهي، سا اها آهي ته ”ٻولي اظهار جي وسيلي جي حيثيت ۾ پنهنجي سماج جي سياويڪ حالتن جو آئينو آهي.“

هت غور ڪرڻ جهڙا الفاظ آهن: ”اظهار جو وسيلو“ ، ”سياويڪ حالتون“ ۽ ”آئينو“. اظهار جي وسيلي جي حيثيت ۾، ٻولي هڪ ڪارآمد ۽ ڪارائتي هٿيار جي حيثيت رکي ٿي، جيڪو پوري معاشري کي ڪنهن ”مقصد“ حاصل ڪرڻ جي لاءِ مدد ڪري ٿو. ظاهر آهي ته اهو مقصد آهي ”اظهار“. پر اظهار اجتماعي طور تي به ٿيندو آهي ۽ انفرادي طور تي به ٻولي ٻنهي قسمن جي اظهار جو وسيلو آهي. انفرادي طور تي ڪنهن به هڪ دؤر ۾، هر سماج ۾، ڪو نه ڪو ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن اهڙي صلاحيت ۽ قابليت وٺي لکندو يا چوندو آهي جو ٻوليءَ جو ’ضمير‘ ان وٽان

پنهنجي وڌاءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ وڏيڪ مواد حاصل ڪندو آهي ۽ ڪري سگهندو آهي. چاسر، ملٽن ۽ شيڪسپيئر انگريزي زبان کي وڌايو آهي ۽ شاهه سنڌي زبان کي. هن باري ۾ انقلابي حيثيت جا اديب ۽ شاعر ٻوليءَ کي اصطلاح، استعارو، علامت، عڪس (Image) ۽ محاورو ڏيندا آهن. (اصطلاح ۽ محاوري جي پهرين حيثيت فقط هڪ اظهار جي موزون وسيلي جي هوندي آهي، جنهن کي بعد ۾ سماج قبول ڪري وٺندو آهي ۽ پوءِ اهي اصطلاح ۽ محاوري جي حيثيت وٺندا آهن.)

اجتماعي حيثيت ۾، ٻولي هڪ سماج جي اندر هڪ سامونڊي وهڪري جيان رڙهندي، ور ۽ وٽ ڪائيندي، چڙهندي ۽ لهندي، وهندي هلندي آهي. ”سياويڪ حالتن“ مان مطلب آهي سماج جو سڀاءُ، اندر، فطرت يا ضمير. مٿي سماج جي جنهن منفرد تصور جو ذڪر ڪيو اٿم، ان جو تعلق فقط انهن سماجي حالتن سان آهي. ”آئيني“ (Reflection) سماج جي انهن حالتن جو هڪ پاڇولو يا اولڙو آهي،جنهن ۾ سماج جو اندر ۽ اصل ظاهر هوندو آهي.

سو،پڌرو ٿيو تہ ٻولي هڪ اهڙي قوت آهي، جا پنهنجي سماج جي هر رنگ ۽ هر رنگ تي محيط ۽ حاوي آهي.

وري هرڪو سماج پنهنجي سڀاءُ ۾ نرالو آهي. جهڙو سماج جو سڀاءُ هوندو، اهڙي ٻوليءَ جي لَئي، سماج جي سڀاءُ ۾، جئن مٿي ڏيکاريو اٿم، طبعي حالتن جو بہ هٿ آهي. جابلو علائقن جون ٻوليون رُکيون ۽ کهريون آهن. سامونڊي علائقن جون زبانون پنهنجي لوڏي ۾ ويرن جي چڙهڻ ۽ لهڻ جهڙو لاهہ ۽ چاڙهہ رکن ٿيون ۽ طوفان جهڙيءَ تيزيءَ ۽ سمنڊ جهڙي گهرائيءَ سان مالا مال آهن. اهڙءَ ريت،ميدان ۽ زرعي علائقن جي ٻوليءَ جون لوڏون ۽ لهجا بہ پنهنجا پنهنجا آهن. طبعي حالتن کان سواءِ، هر سماج ۾ تصور، وهم گمان ۽ عقيدا بہ وڏو ڪم ڪن ٿا. ان ڪري ٻوليءَ تي انهن جو بہ اثر پوي ٿو.

سماجي ۽ پنگتي حالتن جي حساب سان، هر سماج جا مکيہ ڪردار بہ رهيا آهن: هڪ ظالم جو ۽ ٻيو مظّلوم جو. هنن ڪردارن جا وري جدا جدا روپ پيدا ٿيندا رهيا آهن. ظالم کي ڪٿي عادل بادشاهہ، خدا جو خليفو، رعيت جو خدا، خدا جو پاڇو، ماڻهن جو ابو_ امان، ۽ دين ديال چيو ويو آهي تہ ڪٿي امير، حاڪم، سورهيہ، سورمو ۽ وير چيو ويو آهي. ظالم کي ڪٿي ڪٿي بچائيندڙ، نجات ڏياريندڙ، فاتح اعظم، سالار ۽ انقلابي بہ سڏيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت، مظلوم جا بہ ڪيئي روپ رهيا آهن:





چور، ڌاڙيل، ڦورو، ڄٽ، جاهل، جهنگلي، بزدل، پڇڙو، حرام خور، سُست، ٺوٺي، غدار، راڄ دروهي، ملڪ جو دشمن، ڪافر، ملحد، دين جو دشمن، عصبيت پکيڙيندڙ، سماج دشمن اهي ۽ ٻيا ايترا ۽ اهڙا نالا ڪٿي ڪٿي مظلوم لاءِ گهڙيا ويا آهن. ڌاڍي کي جئن پئي وڻيو آهي، تئن ڪيو اٿس. ڌاڍو ڪڏهن هيڻن جو پاڻي بند ڪندو آهي، ڪڏهن انهن کي ڏنڊا هڻائيندو آهي، ڪڏهن انهن کي جيل موڪليندو آهي، ڪڏهن جلسن ۾ هڪلون ڏيندو آهي ۽ چٽرون ڪندو آهي، ڪڏهن همدردي ڏيکاريندو آهي ۽ رحم ڪندو آهي، ڪڏهن مهرباني ڪري ڪين زنده رهڻ جون سهولتون ڏيندو آهي، ڪڏهن رحم ڪري هيڻن جي ٻوليءَ جا ٻہ چار لفظ ڳالهائيندو آهي، هيڻن جو لباس پائي فوٽو ڪڍائيندو آهي، هيڻن جي خرچ تي شڪار ڪندو آهي، ڪين عزت بخشي وٽن مهمان ٿيندو آهي ۽ انهن سان ڪلي ڳالهائيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ”چور ۽ ڄٽ“ هڪل جي جواب ۾ هڪل ڪئي تہ بندوقون پرائي، هزارين ٿلهن پٽن ۽ ڏگهن بوٽن وارا ڦيٽن تي ’لڏائي‘ موڪليندو تہ جيئن ”ملڪ بچي“. انهن بندوقن وارن جو منطق هو بهو اهڙو آهي، جهڙو چارلس نيپئر يا ميجر آئوٽرم جو هو. هيٺا شرط مڃيندا ويندا ۽ هو شرط وجهندا ويندا، تان جو ملڪ مان لڏائي ٻاهر ڪڍندا يا گوليون هٽي ڍير ڪندا. وري اهو سڀ ڪجهہ ٿيندو بہ وطن — دوستيءَ جي نالي تي، امن ۽ صلح جي خاطر، ڀائپي ۽ برادريءَ جي قائم ڪرڻ لاءِ ۽ ملڪ جي خوشحالي ۽ مذهب کي بچائڻ لاءِ ماڻهن سان ڇا نہ ٿيو آهي ۽ ڌاڍ مڙسيءَ جو ڪهڙو طريقو آهي جو آزمايو نہ ويو آهي. ماڻهوءَ جي تاريخ ۾ مزا لڳا پيا آهن. سو، عرض آهي تہ جنهن سماج ۾ ڌاڍ مڙسي، هوڏ، ٺونگري ۽ بيٺلاٽپ جو تصور غالب هوندو، اهو سماج جابراڻو هوندو ، ڌاڍ ۽ ظلم تي ٻڌل هوندو ۽ وري جنهن سماج ۾ ڌيرج، ٺاپر، سنجيدگي، تور تڪ ۽ پختگيءَ جو تصور غالب هوندو، اهو سماج حق، سچ ۽ انصاب وارو هوندو. اهڙيءَ ريت، جنهن سماج ۾ صبر، شڪر، توڪل، برداشت، لوڙڻ ۽ سهڻ جي طاقت سورن سان سنگت ۽ ڏکن سان دوستيءَ وارو تصور هوندو، اهو مظلوم سماج هوندو.

جدا جدا سماجن جي اهڙين سياويڪ ڳالهين جو جدا جدا ٻولين تي اثر پوندو رهيو آهي. سماج جو سڀاءُ ماڻهوءَ جي سوچ تي اثر ڪري ٿو ۽ ماڻهو ڳالهائي يا لکي بہ اهو ٿو، جيڪي سوچي ٿو. اهڙيءَ ريت،ٻولي سڌو سنئون پنهنجي سماج جي سڀاءَ جي ترجماني ڪندي آهي. سو هن طرح جو سڪئي ۽ آسودي سماج جي ٻوليءَ ۾ ظرافت، ظنز ۽ مزاح گهڻو هوندو آهي. بکئي ۽ ڏتڙيل سماج جي ٻوليءَ ۾ ڌاهپ ۽

حڪمت گهٽي گڏ ٿيندي آهي، ويچار ۽ اونها خيال وڏيڪ پيدا ٿيندا آهن. همدردي، برادري، ڏکن جي اور، سڌ سماءَ ۽ خبر چار وٺڻ واريون ڳالهيون ڏٺيل، لُٽيل ۽ ڦُريل سماج ۾ ملنديون آهن.

ڪنهن سماج جي سڌريل تاريخ اها آهي،جا سندس ٻوليءَ جي تاريخ آهي ۽ وري ٻوليءَ جي سڌريل تاريخ اهاآهي، جا سندس سماج جي تاريخ آهي. (عجب آهي، غضب آهي، جو هن خيال کان اسين نڪو ٻوليءَ جي تاريخ لکي سگهيا آهيون ۽ نہ سماج جي. اسين تہ پنهنجي ادب جي تاريخ بہ لکي نٿا سگهون، ڇو تہ پنهنجيءَ ٻولي ۽ پنهنجي سماج جي تاريخ کان سواءِ پلا پنهنجي ادب کي ڪيئن سمجهي سگهنداسون.)

چوٿين ڳالهہ تہ ٻوليءَ جي سماجي ڪردار جو ادب تي وڏو اثرپوي ٿو. ويڙهاڪ قومن وٽ ايپڪ ليجينڊ (Epic legend) ۽ بهادراڻو شعر وڌيڪ ٿو لکجي. جيئن پراڻي يونان ۾ ٿيو آهي. دولتمند ۽ خوشحال قومن ۾ ناول، افسانو، گيت، نيچري شعر وڌيڪ لکيو ويو آهي. وري ڏٽڙيل، ڦريل ۽ لٽيل سماج ۾ نڙ جا بيت (ڇو تہ انهن ۾ ڪوڪارون ۽ دانهون ڪري ٿيون سگهجن)، لوڙائو (ڇو تہ انهن ۾ ديس ۽ پرديس جا پُور ۽ سُور سمائي ٿا سگهجن). چلڙا (ڇو تہ انهن ۾ پنهنجي روءِ سوءِ هيڪلائيءَ ۾ سڪ ۽ سور جو اظهار ڪري ٿو سگهجي)، ڳجهارت ۽ ڏور (ڇو تہ هنن ۾ اظهار ڳجهو ۽ لڪائي ڪري ٿو سگهجي تہ جيئن لوڪ لَڪا نہ پوي) ۽ اهڙيءَ ريت بيت، دوهو ۽ ڪافي لکيا ويا آهن. آهي ڪو جو ان ڳالهہ کان انڪار ڪري تہ سنڌ ۾ بين، بنسري،مُرلي، بوڙيندو، چنگ، تنبورو ۽ سرندو، سڀ دل جي دانهن، اندر جو اوبر، دک جو دونهون ۽ ڪوڪ واڪو ۽ ڏوراپو ڏيڻ جا بهترين وسيلا آهن ۽ هن سماج ۾ اهي ئي ساز ايجاد ٿيڻ کپندا هئا.

ٻوليءَ جي سماجي ڪردار جي وڏي ثابتي ناٽڪ ۾ ملندي آهي، ڇو تہ هن سماج جا ماڻهو ۽ نمونا (Types) جيئرا جاڳندا پيش ڪيا ويندا آهن. هنن نمونن کي ڪردار (Characters) چيو ويو آهي. ناٽڪ سيني سماجن ۾ لکيو ويو آهي ( سنڌي سماج جي لاءِ مان نٿو چئي سگهان)، پر ڪردار هر سماج کي پنهنجا پنهنجا آهن. هيلن ۽ اچيليس فقط يوناني سماج ۾ جاءِ وٺي سگهيا آهن؛ ليئر، ڪلو پيٽرا، بڪ، ڪئليبان ۽ مراندا فقط انگريزي سماج ۾ جاءِ وٺي سگهيا آهن؛ شڪنتلا ۽ دمينتي فقط هندستاني سماج ۾ جاءِ وٺي سگهيا آهن ۽ اهڙيءَ ريت، ٻاگهي، نوري، مارئي،





مومل ۽ سسئي رڳو سنڌي سماج ۾ پيدا ٿي سگهنديون، ڇو تہ سڀ ڏٽڙيل، سڀ ڦريل، سڀ وسوڙيل، سڀ ويچاريون ۽ سڀ هَنيون ماريون آهن. ٻيو ڪهڙو سماج آهي جو هنن کي سمجهي سگهندو ۽ قبول ڪري سگهندو؟ انگلستان جي ڪنهن بہ اسٽيج تي مومل – راڻو پيش نٿو ڪري سگهجي. اهڙيءَ ريت، شيڪسپيئر جو ڪو بہ ناٽڪ سنڌ ۾ پيش نہ ڪري سگهبو. اداڪار ڌاريا پيا لڳندا ۽ ڪهاڻيون اوپريون پيون ڄاڻبيون.

ڪردارن ۾ ’هيروٰ‘ جو تصور سماج ۾ مثالي ماڻهوءَ يا هيرو يا سڌريل ماڻهوءَ (Gentleman) جهڙو هوندو آهي ۽ هئڻ گهرجي. ناٽڪ واري ڳالهہ نڪتي آهي تہ عرض ڪري ڇڏيان تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪامياب ۽ نامياروناٽڪ ان وقت تائين لکي نہ سگهبو، جنهن وقت تائين اسان کي پنهنجي سماج جي نمونن ۽ مثالن (Types and symbols) جو پتو نہ پوندو. اسان کي پنهنجي ’هيروٰ‘ جو ڪو جامع تصور پيش ڪرڻو آهي. دنيا جي جدا جدا قومن جا ناٽڪ پنهنجي سماج جا نمونا، ’هيرنٰ‘ يا وڏن ڪردارن ۾ ڏيکاريندا آيا آهن. رهيو سوال تہ اسين ڇا ٿا ڏيکاري سگهون؟ اسان جا تہ سورهيہ بہ ويچارا آهن، بادشاهہ بہ مظلوم آهن، محنت ڪش بہ ڪنگال آهن، تاجر بہ سڃا آهن، ڪڙمي بہ بکيا آهن، امام بہ مظلوم آهن، انقلابي بہ پوئلڳ آهن ۽ اڳواڻ بہ پوئوار.(مٿي مون سماج جي هڪ تصور کي ”سنڌي ماڻهو“ جي لفظ ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بهرحال، هن تصور تي نالو ڪو ٻيو تي ٿو سگهي، پر ڳالهہ ويچارڻ جهڙي آهي.)

هيءَ ڳالهہ هت هن ڪري ڪيم جو ٻوليءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ هوءَ پنهنجي سماج جو جينئس (Genius) اتم ڪارڪردگي، مجموعي سوچ ۽ سماجي پروسا ۽ بانور ضرور پاڻ ۾ سمائي. ڇاڪاڻ تہ هيرو جو تصور تہ انهن ڳالهين تي مدار رکي ٿو، تنهن ڪري وچ ۾ انهيءَ ڳالهہ تي بہ ڪجهہ چوڻو پيو.

سو، پڌرو ٿيو تہ ٻوليءَ پنهنجو سماجي ڪردار ادب ۾ بہ پڌرو ڪندي آهي، توڙي جو اهو ڪم عام گفتگو يا بي تڪلفيءَ وارو گفتو بهتر طريقي سان ڪري ٿو سگهي.

منهنجو پروسو آهي تہ اسين پنهنجي ”داستان“، ”مهاڪهاڻي“ (Myth) ۽ رمز(Secret) کي پنهنجي ٻوليءَ جي وسيلي بہ سمجهي سگهون ٿا.

سماجي زندگيءَ جي اڀياس جا وسيلا گهڻا ٿي ٿا سگهن، پر مون پنهنجي سماجي تاريخ جو ماخذ فقط سنڌي ٻوليءَ کي سمجهيو آهي. منهنجو بانور آهي ته ٻوليءَ جي مدد سان سماجي اڀياس ڪرڻ سان اسين سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪردار ظاهر ڪري ۽ سمجهائي سگهنداسون. (مون کي هن مضمون لکڻ لاءِ مجبور به انهيءَ "بانور" ڪيو آهي.)

مٿي مون جيڪو ڊگهو اصولي بحث ڪيو آهي، اهو هن موضوع جي مهاڳ لاءِ تمام ضروري هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي مثاڪت ڪا نه ڪئي وئي آهي، انڪري مون هن موضوع کي بنياد کان وٺي شروع ڪيو آهي.

لکيل يا ڳالهايل ٻوليءَ جون جيڪي صورتون اسان وٽ اڳيان رکيون ويون آهن، انهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي ٿو سگهجي: پهريون حصو نظم جو، ٻيو نثر جو ۽ ٽيون حصو آهي، ڳالهه ٻولهه واريءَ ٻوليءَ (Spoken or popular forms of Sindhi Language) جو. منهنجي موضوع لاءِ ٻوليءَ جي هيءَ ٽين صورت وڌيڪ اهم آهي. ٻوليءَ جي هيءَ صورت تحريري يا ڪتابي ٻوليءَ کان هميشه مختلف ۽ جدا رهي آهي. ائين سڀني زبانن ۾ ٿيو آهي. ٻوليءَ جو سماجي ڪردار رڳو روزمره جي گفتي ۽ ڳالهه ٻولهه مان پڌرو ڪري سگهبو آهي. شاعريءَ تي فن جون ڪي پابنديون آهن ۽ نثر کي ڍنگ (Style) ۽ ٽيڪنڪ جي نيمن جي پابندي ڪرڻي هوندي آهي، ان ڪري اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ سماج جو خالص ۽ ننگو روپ نروار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو آءٌ ٻوليءَ جو سماجي ڪردار ادبي صنفن جي بجاءِ روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ تلاش ڪري رهيو آهيان.

هي ڪم ٻوليءَ جي اڀياس (Linguistics) جي هڪڙي ڀاڱي جي تحت ٿي ٿو سگهي، جنهن کي انگريزيءَ وارن Semantics چيو آهي. هن علم جو واسطو لفظن جي ٻاهرينءَ صورت (forms)سان نه پر اندرينءَ معنيٰ سان آهي ۽ خيال سان آهي، جيڪو اسان جي لفظن جي اندر موجود آهي. انگريزي ٻوليءَ جو هڪڙو خادم، مانائتو لوگن پيئرسل سمٿ (Logan Pearsall Smith)، لکي ٿو ته "ماڻهوءَ جي عملي ڪوجنائن کان وڌيڪ دلچسپ ته هن جي خيالات، نظريات ۽ احساسات جو رڪارڊ آهي، ڪا به تاريخ ايتري دلچسپ ۽ اهم نه آهي، جيتري خود انسان جي 'روح' جي تاريخ ۽ لفظن جي اڀياس ۾ اسان کي هڪ اهڙو طريقو ملي ٿو( جيڪو هونئن ڪٿي ثانوي حيثيت جو آهي پر سچيءَ قيمت وارو آهي)، جنهن سان اسين





انسان جي روح جي تاريخ کي وڌيڪ سمجهائي ۽ بيان ڪري ٿا سگهون." ڏسو لفظ ۽ محاورا" (Words and Idioms) جو مهاڳ.

اسان جي ٻوليءَ ۾ به اسان جي سماج جي سچيءَ سهڻي تاريخ رکي آهي، جنهن کي اسين عام ڳالهه ٻولهه جي مدد سان سمجهي ٿا سگهون. اسان جي سماج جي روح جي سچي تاريخ اسان جي لوڪ ادب ۾ به آئي آهي. "ٻيلاين جا ٻول" ۽ "سير ڪوهستان" جهڙا ڪتاب هن باب ۾ بيان ڪري ٿا سگهجن. پر تنهن هوندي به، غير رسمي ۽ عام گفتگوءَ جا تمام گهڻا پاسا اڃا ڪتابن جي هٿ نه چڙهيا آهن.

جيڪڏهن سمٿ جو مٿي ڏيکاريل خيال صحيح آهي (۽ منهنجي خيال ۾ سراسر صحيح آهي) ته پوءِ اسان لاءِ اهو ضروري آهي ته اسين سماجي روح جي سچي تاريخ کي معلوم ڪرڻ، کولڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ان تاريخ جا جدا جدا باب سمجهون ۽ هڪ سرشتو اهڙو اڳيان رکون، جنهن سان اسين پنهنجو ڪم پوريءَ ريت ڪري سگهون. هن ڏس ۾ هيٺ ڏيکاريل ڳالهين تي ويچار ڪيو وڃي:

(1) اهڙا لفظ، محاورا ۽ اڌ_ جملا (Phrases) گڏ ڪريون، جيڪي اسان جي سماجي زندگيءَ جي ڪنهن به هڪ ڌارا (Trait) کي بيان ڪندا هجن.

(2) سماجي زندگيءَ جي جدا جدا رخن ۽ ڌارائن جي تحت گڏ ڪيل لفظن جو هڪ يڪو رڪارڊ ٺاهيون، جنهن ۾ اسان جي سماجي زندگيءَ جو سڄو وستار اچي وڃي.

هن قسم جي هڪڙي ڪوشش مون اڳ به ڪئي آهي (ڏسو سماهي "مهراڻ" 2_71 ۾ ڇپيل منهنجو مضمون، "اسان جي اڻ ڳالهايل زبان").

هت آءٌ اسان جي سماجي زندگيءَ جي ڪن ڌارائن لاءِ ڪم ايندڙ لفظ، محاورا ۽ اڌ_ جملا گڏ ڪندس ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪردار ڏيکاري سگهان.

مثال طور: ڏسجن سنڌي ٻوليءَ جا هي لفظ: ٺهليو، ٻيلي، پورهيت، نوڪر، خادم، ٻانهون، ٺڪريل، گولو، گولي، خاڪ (پيرن جي)، پٽي (پيرن جي)، يا هي محاورا: تنهنجي جتيءَ سان، اکين تي (نهنجا سور اهنج)، اکين سان (اکين سان ڏيندس)، ڳچيءَ ۾ پابند پائي (نماڻو ويچارو ٿي)، تنهنجي هٿ ۾ منهنجي ڳچيءَ ۾ (مان غلامن وانگر پنهنجي واڳ تنهنجي هٿ ۾ ڏيندس)، تنهنجي پيرين لڳاسين،

ٻيو خير، گهوريا پير سر سوڌا، جيءُ جيءُ ڪري ڏيو (ادا ڪبو)، سر بہ تنهنجي ملڪ آ، تون ساهہ جو سائين آن، واڳ ڌڻين جي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي، هلائين تہ هلان، بيهارين تہ بس، وڪاڻن گهوڙن ڪهڙي بها، يا زناني زبانيءَ ۾ صدقو، گهور، گهوري، پورهيت، ٻانهي، گهور وڃان، ٻلهار وڃان، تنهنجي هٿن ۾ سرهي ٿيان(مران)، تنهنجي هٿن ۾ اُجري ٿيان (مران)، شل ڪلهو ڏينم، شل ڪانڌي ٿينم، شل لوڙهہ لٿيم، شل هٿن سان نهيريم، وغيره.

ههڙي قسم جي هڪ ياداشت جون خاص ڳالهيون هي آهن:

1. انهن سيني جي معنيٰ جو واسطو اسان جي سماجي زندگيءَ سان آهي؛

2. هي لفظ ۽ محاورا اسان مان هرهڪ روزانو ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي استعمال ڪري ٿو؛

3. هي لفظ اسين سڀ سمجهون ٿا ۽ ماڻي ٿا سگهون؛

4. هي سڀ لفظ اسان جي سماجي زندگيءَ جي فقط هڪ ڏارا سان واسطو رکن ٿا.

اهڙي ريت، هڪ طرف ڪان هي لفظ اسان جي ٻوليءَ جون لفظي صورتون آهن، تہ ٻئي طرف ڪان هي لفظ اسان جي سماجي تاريخ جي روح سان پنهنجيءَ معنيٰ جي ڪري ڳنڍيا رکيا آهن.

هاڻي ڏسڻو آهي تہ اسان جي سماجي زندگيءَ جو اهو ڪهڙو نيم يا مول آهي، جنهن سان هنن لفظن جي معنيٰ جو واسطو آهي. هنن لفظن ۾ جيڪو ”احساس“ سمايل آهي، تنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ اسان پاڻ کي ٻين ڪان گهٽ سمجهيو آهي، انڪري ٻئي جي اڳيان پنهنجي نماڻائي ظاهر ڪرڻ ۾ حد ڪري ڇڏي اٿئون. ههڙي قسم جو تاثر اهڙي سماج ۾ اپرندو آهي، جنهن ۾ ترقيءَ ڪرڻ جا موقعا ملي نہ سگهندا آهن ۽ جنهن ۾ فردن کي اپرڻ ۽ اسرڻ نہ ڏنو ويندو آهي. اهڙي قسم جو سماج ”هيٺو سماج“ آهي ۽ هيٺي ۽ نماڻي ۾ ڪو گهڻو فرق نہ آهي. وڌيڪ ڏسجن اسان جي ٻوليءَ جا اهي لفظ جن مان خدمت جي معنيٰ ئي نڪري. مثال طور:

ٽهور، ٽهل – ٽڪور، چاڪري، ٻيلهپو، گيسو، ٽوڪري، ٽوپي_ ٽانڊو، چيڻ ٻهر، چنڊ – ڦوڪ، مهٽ سهٽ، هٿ ڏوئارڻ( ”اسان بہ ڪن جا هٿ ڌوئرايا آهن“)، آئي وئي ڪرڻ، در تي هڻڻ، وغيرهہ.

ڏسجي پيو تہ اسين پنهنجي سماجي زندگيءَ ۾ ڏاڍا نماڻا ۽ هيڻانهان





آهيون. هاڻي معلوم ڪرڻو آهي تہ ههڙي قسم جي سماجي زندگيءَ لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون جوابدار آهن. هن سوال جو جواب بہ سنڌي ٻوليءَ ڪان وٺبو. هنن لفظن تي غور ڪجي.

مٿي آئي، ڪونهي پائي_ مٿي تي آهي_ پلا جيڪي قسمت – هائو يار، اچي وئي_ جيڪو لکيو آهي، سو لوڙيو – لکيو منجهہ نراڙ_ چوان پنهنجن پاڳن کي_ نصيبن نہ پڙايو_ پاڳ ڦٽا_ وغيرهہ.

يا:

بس ادا،مڙئي غريبي آ_غريبي حال آ_ ڏٻڙي ڍور تي مچر بہ گهڻا، غريبن رکيا روزا تہ ڏينهن بہ ٿيا وڏا_ حال مسڪيني آ_ اسين مسڪين ماڻهو، وغيره .

يا:

جيءُ بسم **الله**_ مان جهول جهلي_اسان وڏي جهولي جهلي آ،

يا:

هيٺي جو **الله** واهي_ شل هو رحم ڪري_ شل ٻاجهہ پويس_ آلا، منهنجي توبهہ – منهنجي گيسي_ منهنجي زاري_ شل حقئون بہ رکي، ناحقئون بہ رکي_ شل چڱي وڻيس_ خدا الائي ڇا ۾ راضي آهي_ اسان جا ڏوهہ ٿا ڪنبن – اسان جا لڱ ٿا ڪنبن_ سينو ٿو ٻڪي_ ساهہ سڪي ويو آهي_ سڌ ڇڏي ويو آهي_ شل عيب اگهاڙا نہ ٿين_ ڏمرجي ڏاتار تہ ڏنگيون ڏيکاري_ رب رُسي تہ مت ڪسي.

يا:

گهوڙا گهوڙا_ ايلي ايلي_ظلم ڙي ظلم_ قهر ري قهر.

غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ سنڌي ٻولي سنڌي سماج ۾هيٺائيءَ ۽ نماڻائيءَ جا جي سبب رڪارڊ ڪيا آهن، سي هي آهن: 1. قسمت، 2. معاشي بدحالي، 3. صبر ۽ برداشت جو اخلاقي اثر، 4. خدا جي قهر جو تصور.

ٻوليءَ ڪان ٻاهر، اسان جي سماجي تاريخ ۾ جيڪي بدحاليءَ جا سبب آهن، اُهي هي آهن:

1. آسماني آفتون، 2. ڌارين جا حملا، 3. گذران جي تنگي، 4. ظالم حاڪم ۽ عدل جو ڪمزور نظام .

ٻنهي تاريخن کي ملائي پڙهبو ته معلوم ٿيندو ته اسان جي ٻولي اسان جي سماج جي حقيقي ۽ سچي تاريخ لکي آهي، جنهن ۾ سنڌي سماج جو روح شامل آهي.

هڪڙي مظلوم ۽ هيٺي سماج لاءِ اهو سياويڪ آهي ته منجهس سهڻ جي طاقت پيدا ٿئي. اسان جي سماج ۾ ائين ٿيو آهي يا نه، تنهن سوال جو جواب به سنڌي ٻوليءَ جي آڌار تي پيش آهي. هيٺيان لفظ جاچي ڏسجن:

متان ياڙي ٿيو آهين_ پرواهه ناهي_ آگوٺي کي پرواهه آهي_ نڪ کي مَر نه لائبي_ شينهن مري ته به ڊپ نه چري_ ڪراڙو اٺ به ڪنواٺ لهي_ عمر نئي نِئي مارئي نيندو، ٽرئون ته ڪو نه ٿيلهيندو_ روز رب تي آهي_ رزق جو ضامن **الله** آهي_ ساهه ڏنو اٿس ته روز به ڏيندو_ ڪٺي مان ڪيچ ڪرڻ وارو اُهو آهي_ پير پوئتي نه ڪبو_ مهلون مڙسن تي اينديون آهن. نه وڃائبو ساءُ نه وڃائبو.

اهڙي ئي سماج ۾ ائين به ٿيندو آهي جو ارادي ۽ قربانيءَ جي قوت اپرندي ايندي آهي:

ڊپ ناهن جو وري ڄمندا_ سر هڪ آهي، ٻه نه ٿيندا_ مڙس مڙس جو مَٽ_ مڙس مڙس کي چوي منهن تي_ ڏوري تي هٿ آ_ ڏينهن ٽپي ته مڙس مڇي_ ڪم پرين آ، چم پرين ناهي_ تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه_ سوپون سر گهرن_ مون سان هلي سا، جا جيءَ منو نه ڪري_ جا نينهن ڳنهندي ناءُ، سا مون جٺن پوندي مامري.

ڪجهه طبعي حالتن جي ڪري ۽ ڪجهه سماجي حالتون جي ڪري، ڊپ، هراس ۽ بي يقيني به اسان جي سماج ۾ قائم رهندا آيا آهن. سنڌي ٻوليءَ اسان جي سماجي زندگيءَ جي هن رخ کي به محفوظ ڪيو آهي. اجهو هن طرح:

هڪ سج ٻه پاڇولا_ دم تي ويساهه ناهي_ الائي حياتي ڇاهي_ سر جي بلا سر سان — ڪو ڪنهن کي ڪٽي ڪو نه ٿو ڏئي_ اسان کي پنهنجي سر جي لڳي آ.

يا:

خدا خير ڪري_ دستگير سولي ڪندين_ **الله** مالڪ آ_ مڙئي خير ٿيندو_ خدا خير ڪندو.

يا:

ٻيڙي ٻڏي وئي_ تختا نڪري ويا_ لاهه نڪري ويا_ پاڙ پٽجي وئي_ايرا ڊهي ويا_ چڪي ڪڄي وئي_ ٻيخ نڪري وئي_ ٻنجو اچي ويو_ در تي ڊنگر اچي ويو.





در اچي ويو_ ڄڻ ٻچو ڪو نه ٻچيو_ رن نه ملي رن کي — ٻهاري اچي وئي_ تڏو ڪڄي ويو_ تڏا ويڙهه تي_ پٽ تي ويا_ پڌر تي ويا_ راڪاس گهمي ويو_ ڏوڙ تي اڏامي_ پيئي اڏامي رک.

ههڙي صورتحال جو مقابلو اسان جي سماج اعتماد، توڪل ۽ ڀروسي سان ڪيو آهي. اجهو هن طرح:

**الله** مالڪ آ_ ڏُکيا ڏينهن ٿورا آهن_ مارڻ واري ڪان بچائڻ وارو ويجهو آ_ ايندي آ گهوڙي ڪاهه، ويندي آ جونءَ پير، ويندا لڙ لهي_ سج لٿي ڪان پوءِ اوير ڪانهي_ مڙس ٿبو_ مڙس مڙس جو مَٽ آ_ بندن کي پٽڪا ناهن_ اسان جي اک ئي نٿي ٻڏي_ مڇ تي پير آ_ ڏوري تي هٿ آ_ سر هڪ آ_ مربو هڪڙي ڏينهن.

اسان جي سماجي زندگيءَ جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته اسان جي خود اعتمادي پيدا ٿي نه سگهي آهي. اسان وٽ ڏوراپي، طعني، تنڪي، مهٽي، منٿ، ايلاز ۽ دعا جا جيڪي لفظ آهن، سي سماجي زندگيءَ جي هن نهايت ئي لڪل مقام کي ظاهر ڪن ٿا. طعنو ۽ مهٽو هيئن ڏبو:

حيف هجيئي_ ٿُڪ هجيئي_ مڙس ناهين_ توکان ته رن زال چڱي_ پٺ، چوڙيون پاءِ_ ٻڏي مر_ ڌرتي جاءِ ڏيئي ته چڱو_ بيغيرتو ته ڪتو به چڱو ناهي_ ماني ته ڪتا به ٿا کائن_ ڏاڙهيون ته ٻڪرن کي به هونديون آهن_ ڪلنگي ته ڪڪڙ کي به ٿيندي آ_ ناس پتو ڪونهيس_ مڙس آ پٽي سان، بي پتو ڪتو به چڱو ناهي_ لڄ ناهي ته ڪجهه ناهي.

منٿون ۽ ايلاز هيئن ڪبا:

**الله** جو قسم ٿئي_ واسطو ٿي رب جو_ پيرين ٿو پوانءِ_ ٻانهون ٿو ٻڌانءِ_ منٿ ٿو ڪيانءِ_پٽڪو ٿي پيرن تي_ ميڙ ڪري آيو آهيانءِ_ تڏو ڪنو نه ڪر.

دعا هيئن ڪبي:

رب گنج ڏيندءِ_ وڏون وڏو هوندين_ ڪوسو واءُ نه لڳندءِ_ وار ونگو نه ٿيندءِ_ ٻچڙن وڏندين_ ڪائيندين ۽ اوٻاريندين_ رب ڏڏ ۽ پٽ ڏيندءِ_ جڙيو هوندين_ **الله** وڏائيندءِ سدا سلامت_ خوش بهار_ بلي بلي — خوش رهو، آباد هجو.

ڪنهن به سماج ۾ رسمون ۽ رواج به سماجي زندگيءَ جي روح جي نمائندگي ڪندا آهن. هر سماج کي ان ڪري رواج ۽ رسمون جدا جدا هونديون آهن. لباس ۽ رسم (Custom and costume) ڪنهن سماج جي سماجي زندگيءَ جو

پهريون نشان هوندا آهن. رسمن ۾ سماجي زندگيءَ جا نهايت ئي نازڪ ۽ پوشيده ڳُر محفوظ آهن ۽ان ڪري رواج جي معاملي ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي بہ ڳالهايل ٻوليءَ جو بهترين نمونو هوندي آهي. سنڌي زبان جي رسمن ۽ رواجن جي باري ۾ جا زبان ڪم آئي آهي، سان اسان جي ڳالهايل زبان (Spoken Language) جو بهترين نمونو آهي. هن ٻوليءَ ۾ اسان پنهنجي قومي غيرت، وقار، عزت ۽ عصيبت جو اظهار نهايت ئي موزون نموني ۾ ڪيو آهي. آءٌ هت فقط هڪڙي رسم يعني پرڻي جي باري ۾ ڳالهايل زبان جو هڪ مثال پيش ڪندس. هن ٻوليءَ مان ظاهر ٿيندو تہ اسان هڪ سماج جي حيثيت ۾ عورت جو تصور ڪهڙو ٿا رکون، پائيچاري ۽ پاڻپيءَ جا تصور ڪهڙا ٿا رکون، ڪهڙيءَ ريت هڪٻئي جي جذبات جو احساس ادا ڪندا آهيون ۽ پنهنجي سماجي زندگيءَ جي نازڪ معاملن ۾ اسان جو ڪردار ڪهڙو هوندو آهي.

سڀ کان اڳ سگ گهرڻ وارو معاملو جاچبو.

اڳ ۾ چار پائر (مٽ مائٽ) ويهي ويچاريندا. ٻولي هيءَ استعمال ٿيندي: ادا فلاڻا، فلاڻي جي نياڻي 'هاڻي دلو پاڻيءَ جو ڪٽي ٿي.' يا (ٻہ گهڙا ٿي ڪٽي) _ 'توکي بہ الله پٽ ڏنو آ' _ 'مائٽ مائٽن جا آهن' _ 'ڇڙهن جو ڳوٺ ڪونهي' _ 'وينيون نہ مڱجن،مڱيون نہ پرڻجن تہ جڳ ڪيئن هلي' _ تنهنجي هن ۾ 'اميد' آهي _ 'چڱيءَ ۾ سيڪو راضي آ' _ خير ۾ الله بہ راضي آ، چڱيءَ ۾ سيڪو راضي آ _ راڄ پاڳ ۾ ڳڻ ٿيندي آ _ نياڻي بہ هن جي آ تہ تڏو بہ هن جو ٿيندو_ چار پائر لنگهي ٿا هلونس_ مڙس هوندو تہ ويل نہ وڃائيندو_ هن تي بہ نياڻي جو بار آ_ تون ٻڙي ٻڌ (تيار ٿيءَ) تہ هليا هلونس_ اڳ ۾ دل من پڇ_ ٽل ڪر_ ڳالهہ ڪبي چٽي، جنهن ڪڙو نڪو مٺو_ چٻي چٽي ڳالهائبو_ مائٽي ڪوٺي چڙهي ڪبي آ_ پيٽ، سگ يا ڦلن مٺ، اها تہ ٿي اڳلي جي مرضي_ جنهن جو تڏو تنهن جي ڳالهہ_ هاڻي ڪڇ.

مٿي جن جملن کي سنگل ڪاما ڏني اٿم، انهن مان هر هڪ اسان جي سماجي زندگيءَ جي معاملن جي طرف اسان جو رويو (Reaction) ظاهر ڪري رهيو آهي. ههڙي قسم جي رويي جا بہ ڪي سبب آهن، پر انهن کي لکڻ لاءِ ڪنهن ڪتاب لکڻ جي ضرورت پوندي.

هاڻي وري پٽ_ پيءُ هيئن ڳالهائيندو:

ادا پائر آهيون پاڻ ۾_ توهان چڱي ٽلي آ_ ڳڻون مڙسن ڪان ٿينديون آهن_ ٽل بہ ڪو ماڻهو ڪندو آ_ 'چڱن ڪان نيٺ چڱي ٿيندي' _ توهان کي شابس آ_





' هاڻي هن جو هٿ منهنجي ڳچيءَ ۾' (جئن چوندو تئن ڪندس)_ پائر پائرن ۾ اميدون رکندا آهن. گهوڙي ڪن برابر آهن_

هڏ رت آهيون_ واهہ جو ڇڪينداسونس_ سڏو ڳالهائي چونداسون، پٽ، هت ٿي ويهہ_ لاهہ لڙهندا اسان بہ ڪو نہ آهيون_ پائر پائرن کي ڏيندا وٺندا_ ادا، اڏاري پاڃي آ_ اڄ ڏيندو، سڀان وٺندو_ شرا ۾ شرم ڪونهي_ شرا ۾ ڪنهن ٻانهن وڍائي هئي تہ ڪلندو آيو هو.

پوءِ نڪري ايندا ۽ اڇي اڳلي جي در تي ويهندا. هڪڙو سڏ ڪندو: "ادا فلاڻا، آهين؟" اندران آواز ايندو: "ڪهڙو؟" جواب ڏيندو: "اسين فلاڻا آهيون: ڪتي ڪان بيهجان، اسين اچون ٿا."

گهر وارو تڏو وڇائيندو يا کٽون سوري ويجهيون ڪندو، ڇوڪريءَ جي ماءُ مائي وڏي ڪن ڪڙا ڪندي ۽ ڇوڪري ٻُڪر هٽي، ڪنڌ هيٺ ڪري پري ويهي رهندي يا ڪنڌ پاسي هلي ويندي. گهر وارو هڪ هڪ کي "خوشي پڙ" ڪندو ويندو ۽ آخر "جيءُ" ڪندو. آيل ماڻهن مان جيڪو عمر ۾ وڏو هوندو، سو احوال ڏيندو: "مٺو ڪير پيءُ ادا! سيڪو پنهنجي ڪم ڪار سان، اهي احوال ادي کي ڏيان، پڪيءَ ٻير کي چاپر سڀ ڪو هٽي. رت دانگيءَ تي بہ وري، پنهنجائپ پنهنجائپ آ، پنهنجو ماري ڇانوَ ۾ اڇلي ۽ ڌاريون ماري اس ۾ اڇلي. اڄ تون ۽ فلاڻو ورو وري سان رکيو وڃا آهيو، قرب آ تہ سڀ ڪجهہ آ. اسان بہ تنهنجا پائر آهيون. نياڻيون نماڻيون، اڪن ڪاڏيون، وڃي پراوا گهر وسائينديون. اڄ نہ تہ سڀان وڃي شينهن ڪلهي چڙهنديون. نياڻيءَ جي ماني ڪنهن نہ لڌي آ. سگ سهيندن جا. مائٽي آ ڏيڻ وٺڻ سان. چوندا آهن تہ گهر ۾ هجي جاءِ تہ ٻُهر ٻاهر نہ ڪڍجي. پاڻ ۾ آهيون، اڄ وقت ڏس تہ ڪهڙو لڳو آ. هن جو ڇوڪرو بہ ڪمائيندڙ آ. هڏ پڳل اٿس. اهنڌ (ڏنگو) بہ ناهي. سدورو بہ ڏاڍو آ. پيءُ جو ادب ايڏو ٿو رکي جو ڏاڙهي اٿس منهن ۾ (يا مڇن جي ساول اٿس)، اڄ بہ پٽس هڪل ڏيندس تہ مجال جو ورندي ڏئي. اسان کي ڳالهہ وڻي آئي، جيڪر تہ توهان پاڻ ۾ ڳنڍجو. ننگ جهڙي ٻي ڳالهہ ڪانهي. مڙس ننگ بہ ڪندا آهن. پ جي نہ تہ بہ هو حاضر آ. ڦلن مٺ چوين يا پيٽ. سگ هن وٽ اڄ ڪونهي. باقي اڳتي تہ اميدون پائرن جون پائرن ۾ آهن. اِهي احوال ادي کي ڏيان. اهو ارادو ڪري لنگهي آياسين، تنهنجي پيرين لڳاسين، ٻيو خير.

وري خوش پڙ ڪندا ۽ پوءِ آيل ماڻهو جنهن احوال ڏنا، سو ”جيءُ“ ڪندو ۽ گهر وارو احوال ڏيندو.

مٺو ڪير پيءُ. (جڙيو تنهنجو جيءُ) اِهي احوال ادي ڪي ڏيان. سيڪو پنهنجي ڪم ڪار سان. وينڙا هئاسين، توهان جو سڏ ٻڌم. ادا، فلاڻو اسان جو ٻچو آ،اڪيون الله ڏسڻ لاءِ ڏنيون آهن. پاڻ ۾ پيائر آهيون. نيٺ ان جو منهن جنڊ ڏي آ. مون کي ٻه الله ٻچڙا ڏنا آهن. انهن جو بار ٻه مٿي تي آ. اڄ ننڍا سيان وڏا. ادا، مڙس مڙس کي چوي منهن تي. اها ڳالهه توهان ٻڌي هجي. اِهو سوٺو (ذمو) فلاڻي کي ڪٽڻو پوندو. باقي ڦلن مٺ وني مان چا ڪندس_ نياڻيءَ جا هڏ وڪڻي آسودو ڪير ٿيو آ. اڃا ملڪ هلي ٿو. توهان آيئو، توهان سان ملياسين، ٻيو خير.

ظاهر آهي تہ اسان جي زبان اسان جي سماجي زندگيءَ جي نازڪ معاملن ۽ موقعن تي اظهار جي جا ٻوليائي قوت آچي ٿي، تنهن مان پڌرو آهي تہ سنڌي ٻولي اسان جي سماجي زندگيءَ جي سچي پچي ادائگي ڪري رهي آهي. عورت جو رتبو، مرد جي حيثيت، پرڻي جي ضرورت، هڪٻئي ڏانهن فرض، پائپيءَ جا اصول، شرافت ۽ خانداني عزت جو اظهار جيڪو مٿي ڏيکاريو ويو آهي، اهو ثابت ڪري ٿو تہ ماٺ ئي ماٺ ۾ عام ڳالهه ٻولهه رستي اسان پنهنجي سماجي زندگيءَ جو ’روح‘ ڳالهائيندا ويندا آهيون.

ٻوليءَ جو هي معاملو اهڙو آهي جو هن تي ريسرچ جي وڏي ضرورت آهي (جنهن کان پڇي سو ڪري). ڪم تمام ضروري آهي. هشياريءَ سان ۽ راتيون جاڳي ڪرڻو آهي.

آخر ۾ عرض ڪندس تہ سماج هڪ متحرڪ ۽ بدلجندڙ شي آهي، ان ڪري ٻولي ٻہ ارتقائي رهندي آهي. سنڌي سماج ۾ پاڪستان کانپوءِ وڏي تبديلي اچي رهي آهي. ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جا ٻار، جن جي عمر سترهن يا ارڙهن سال آهي، اُهي منهنجو هيءُ مضمون پڙهي ڪجهه ٻہ حاصل ڪري نہ سگهندا، ڇو تہ جنهن سماج جو مون ذڪر ڪيو آهي، اُهو هنن پري کان ڏٺو آهي. هيءَ ڳالهه اسان لاءِ ڏاڍي وڏي ڳالهه آهي. بهرحال، اسان جو فرض آهي تہ اسين پنهنجي سماجي حيثيت ٻہ برقرار رکون ۽ وقت جو ساٿ ٻہ ڏيون. هي ٻئي ڳالهيون ممڪن آهن ۽ آسانيءَ سان برقرار رکي ٿيون سگهجن. هن لاءِ رڳو ايترو ضروري آهي تہ اسين سنڌي زبان پڙهون ۽ ڳالهايون، باقي جيئڻ وڻي تئين ڪريون. ٻولي اسان کي سڀ ڪجهه ڏئي ٿي سگهي.





اڃا ٻہ وقت نہ ويو آهي. اسان کي گهرجي تہ نئينءَ تبديليءَ کي ٻوليءَ ۾ اوتيون، ٻوليءَ کي نوان محاورا ۽ اظهار ڏيون ۽ ٻوليءَ جو سماجي ڪردار قائم رکون.

مٿي مون سنڌي سماج جي جنهن رخ ۽ پهلوءَ تي لکيو آهي، اُهو هن سماج جو فقط هڪڙو رخ آهي. سنڌي سماج هڪ بيحد ۽ بي انتها سلسلو يا سرشتو آهي ۽ ان جي سڄي ۽ مڪمل وستار ڪرڻ جو ڪم تہ اسان جو اُهو اڪابر ڪندو، جيڪو اسان جي سماجي تاريخ (Social history) لکندو. اسان جو سماج بهادر سماج ٻہ آهي تہ فضيلت وارو ۽ شريف سماج ٻہ. مون ان جي فضيلت، شرافت ۽ مظلوميت جا ويچار ڏنا آهن.

(نئين زندگيءَ، مئي — جون 1972ع)